
خوابن جو عجائب گهر
جان خاصخيلي
SHEEDO

# خوابن جو عجائب گهر

## (ڪهاڻي ڪتاب)

## جان خاصخيلي

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | خوابن جو عجائب گهر (ڪهاڻيون) |
| ليکڪ | : | جان خاصخيلي |
| ڇاپو پهريون | : | مارچ، 2018 |
| ڇپائيندڙ | : | شيڊو |
| ڇپيندڙ | : | ڪريئٽو گرافرس |
| ڊزائن | : | سرمد عزيز |
| قيمت | : | 200 روپيه |
| ڇاپو ٻيون | : | مارچ، 2023، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام |

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

## ارپنا

# ماءُ جي نانءُ

عصر جي اکين مان خماريل لمحا
هڪ هڪ تي چڙهيا هئا

متي چنڊ،
پوري خدائي جو نگهبان
سڄي سُهائيءَ سان آخري هڏڪي ۾ري
جڻ تہ سڳي ساھ جي ۾ اٽڪي پيو هو.

هيٺ ڌرتي تي جنڊ جي پُڙن مان
ان جا ڪڻا اتو تي چڙهيا هئا.
عصر جي اکين مان خماريل لمحا
هڪ هڪ تي چڙهيا هئا.

# اداري پاران

اسان جان خاصخيلي جي ڪهاڻي ڪتاب ڇپرائڻ سان هڪڙي شروعات ڪري رهيا آهيون، ان اميد سان ته اسان تخليقي ادب ڇپرائڻ جو اهو سلسلو جاري رکي سگهون. شيڊو تنظيم سال 2010 کان سماجي ترقي جي حوالي سان ننڍي سطح تي ڪم ڪري رهي آهي. هيءَ اسان جي پهرين وک آهي ۽ سمجهون ٿا ته آرٽ ۽ ادب سماج جي تخليقي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. يقيني طور تي هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ وارو عمل اسان جي 2010 کان شروع ڪيل ان سماجي ترقي واري ڪم ۾ وڌيڪ جدت آڻيندو.

آصف خاصخيلي

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ صحافي **جان خاصخيليءَ** جي ڪهاڻين جو ڪتاب **”خوابن جو عجائب گهر“** اوهان اڳيان پيش آهي. حسن منصور لکي ٿو:

”لفظ رنگ هوندا آهن جنهن جي ثابتي جان جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. اهو چوڻ ته جان خاصخيليءَ جي ڪهاڻين ۾ شاعري آهي يا سندس شاعريءَ ۾ ڪهاڻيون آهن، هاڻي هر ڪو ڄاڻي ٿو. پر جان ڪي لفظن منجهه لڪل رنگن جي ڄاڻ آهي. هوُ مصور ناهي، پر ڪيس سندس ڪهاڻين ڪي پيئنٽ ڪرڻ اچي ٿو. هوُ سنگتراش نہ آهي، پر ڪيس زندگيءَ هٿان لڳل پٿرن منجهان بُت ناهڻ اچن ٿا، پر سندس ناهيل بت توهان ڪي پوڄا ڪرڻ لاءِ مجبور نٿا ڪن. سندس تصويرون ڏسو، بُت پرکيو ۽ انهن جي آڇيل سوالن جي آرسيءَ منجهه پاڻ ڏسو، چرڪي پوندئو.“

هي ڪتاب شيڊبو پاران 2018ع ۾ **ڪريئيٽو گرافڪس** وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري حبيب سنائيءَ جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- پنهنجي پاران 08

1. منهنجو من پنڇيوري 12
2. بينسري 16
3. ڪڪرن جي ڇانو ۾ سمهي پيل اداس ڀاڄا 20
4. وڇايل اسٽيشن ۽ هُو 23
5. خالي هٿن تي پکڙيل آسمان 26
6. ضمير آڏو 28
7. چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي 31
8. خوابن جو عجائب گهر 33
9. هڪ گمنام ماڻهوءَ جو موت 37
10. پاڳل 42
11. ڪئميرا، عڪس ۽ زندگي 47
12. تصوير نمبر 1 51
13. تهذيب 53
14. هني مُون تي موت 60
15. ڪوريئڙو 63
16. مرده معاشري جي زنده تصوير 67
17. هڪڙي هئي ليلا ۽ هڪڙو هو چنڊ 70
18. پٽ تي ڦٽل خواب 73
19. غلاظت 77
20. ڳوٺ ۾ پلجي ويل اکيون 81
21. آزادي 83
22. ڪاتا تي ويل لغڙ 87

**پنهنجي پاران:**

## گونگي طوفان جو اجاڙ ۽ منهنجيون ڪهاڻيون

ان ڏينهن آئون جڏهن پنهنجي ڪهاڻي ڪاغذ تي اتارڻ کان پهرين جهونگارڻ جي مشق ڪري رهيو هئس تہ اوچتو ڪهاڻي جي هيروئن منهنجي دل مان نڪري منهنجي اکين جي اپ تي اڏامڻ لڳي هئي. هن جي پيرن ۾ ٻڌل ڇير جي ڇمڪن ۽ سندس اکين ۾ جيڪا چنچلتا هئي ان مونکي بہ منجهائي ڇڏيو هو تہ اها ڪهڙي رخ تي اڏامڻ ٿي چاهي.

منهنجي هٿ ۾ جهليل قلم، برش ۽ مختلف رنگ هئا، گلن جون پنکڙيون هيون، ٽڙ جي واريءَ تان اُتاريل مينهن جون زندهہ ڦڙيون هيون، چاندوڪي جون ڪوريل سونهري ڪليون هيون ۽ ٻيو بہ الائي ڇا ڇا هو جن سان مونکي پنهنجي ان رٺيل ڪهاڻي کي سينگارڻو هو، جيڪا ان وقت منهنجي هٿن مان نڪري اکين جي اسٽيج تي هوا ۾ ناچ ڪري رهي هئي. هُن جا وار بلڪل سنوت ۾ هئا، ڪيس سرخي لڳائڻ نہ وٽندي هئي ان ڪري سندس چپ ائين ئي سنا لڳي رهيا هئا. پوءِ هُوءَ رقص ڪندي ڪندي اوچتو هبڪي بيهي رهي. اصل ۾ ان جي پسمنظر ۾ منهنجو آواز هو جيڪو اوچتو گرهڻجي ويو هو ۽ ڪهاڻيءَ جي هيروئن کي خود بہ خبر نہ پئي تہ اها جنهن آواز جي ردم تي ناچ ڪري رهي هئي اهو اصل ۾ منهنجي زبان جي وراڻي هو. جڏهن اهو آواز بينو تہ هيروئن خود گرهڻجي وئي هئي ۽ مون ڏٺو تہ منهنجي اکين مان درد سان وهندڙ ڳوڙها خود تماشبين ٿي هوڪريا ڪري رهيا هئا. انهن جو آواز آئون پروڙي پئي سگهيس ڇاڪاڻ تہ درد جي زبان اهي گونگا ڳوڙها ئي تہ هوندا آهن.

اصل ۾ اهو سڄو خيال هو جيڪو منهنجي ڪهاڻيءَ جي هيروئن اجايو محسوس ڪري رهي هئي ۽ هڪڙي ڪل هئي جيڪا تماشبينن کي الجهائي رهي هئي. اها تہ منهن جي زبان جي اٽڪ هئي جنهن کي ڪو بہ سمجهي نہ سگهيو ۽ خوام خواهہ هيروئن تي ملامت وسندي رهي.

اهو سڀ اتفاق هو. اکين جي اسٽيج تي ڪهاڻيءَ جي هيروئن جي پيرن جي ٽاپ هئي ۽ ان جي پسمنظر ۾ هڪڙو آواز هو جيڪو اوچتو گرهڻجي ويو هو. اهو سڀ ڪجهہ ايترو اوچتو ٿيو جو ڪنهن کي ڪا ڪل نہ رهي. ان وقت مون پنهنجي اکين کان پڇڻ جي ڪوشش ڪئي جتي هڪڙو لڙڪ ٿورو اڳ اکين جي پاندرن کان ٽپڪي اتي ئي خوف ۾ ڄمي ويو هو. اهو ئي هڪڙو گواهہ ٿي پئي سگهيو تہ اکين ۾ ٿيل ان ماجرا جو سربستو حال ٻڌائي سگهي ها. پر افسوس صد افسوس!

ان لمحي مون پنهنجي پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. سڀ ٺهڪ ۽ لڙڪ منهنجي رهنمائي ڪندا رهيا ۽ پوءِ آئون انهن ٺهڪن سان بہ وندرندو ئي رهيس ۽ لڙڪن کي ٻيهر پنهنجي اکين ۾ لاهي وري وري انهن کي پنهنجي اکين مان، ڳلن تي ۽ پوءِ انهن لڙڪن کي چکي ڏسندو، محسوس ڪندو رهيس تہ انهن ۾ ڪيترو غمناڪ لوڻ جو تاثير آهي. پر عجيب اتفاق آهي تہ هيروئن منهنجي اکين ۾ ئي رهي ۽ آئون وري جهونگارڻ جي مشق ڪرڻ لڳي ٿو وڃان. هڪڙو سوال آخر تائين اپ ۾ لٽڪيل ئي رهيو تہ آخر زبان کي ائين اوچتو گرهڻ ڪيئن لڳو، جنهن اجا بلڪل سرجڻ واري مرحلي تي هن ڪهاڻيءَ جي معصوم هيروئن کي هڪو ٻڪو بنائي ڇڏيو ۽ سامهو وينل ماڻهو هوڪريا ڪري رهيا هئا. اصل ۾ ان رقص ۾ هڪڙو خيال هو، هڪڙي نماڻي گذارش هئي تہ سمجهي سگهجي تہ هن سماج ۾ بک ۽ غربت جو رتبو ڪهڙو آهي ۽ اهو پيغام هن هيروئن جي ذريعي ترتيب ڏئي پڪيڙڻو هو، جيڪو اصل ۾ لمحي پل لاءِ رڪجي ويو هو.

اهو مون پوءِ محسوس ڪيو تہ اها ساڳي ڪهاڻي هئي جيڪا گهڻا سال اڳ مون لکڻ پئي چاهي پر چاهيندي بہ سالن تائين لکي نہ سگهيس. اها مشق مون لڳاتار ڪرڻ جو رٿيو هو تہ ڪنهن طرح ان ڪهاڻيءَ کي ڪاغذ تي اتاري سگهان. پوءِ هڪ رات مون تصور ۾ غمن کي الڳ ڪري رکيو هو ۽ انهن سان ڳالهائڻ لڳس. هڪ غم منهنجي اکين مان هڪ لڙڪ بنجي ٽپڪيو ۽ آڏو ويهي ميارون ڏيڻ لڳو تہ هن کي اکين ۾ مناسب جاءِ نٿي ملي جو هو ٻين لڙڪن سان گڏ وهي سگهي ها ۽ ڪنهن واري جي انتظار ۾ پاڻ مرادو اچي منهنجي ڳل تي ٽپڪي ها ۽ منهنجي هٿ جي گرمي کيس ڇهي سگهي ها. پر شايد ان لڙڪ کي سدائين ائين ئي رهڻو پيو ۽ جڏهن بہ منهنجي اکين مان غمناڪين جي هجوم جو گذر ٿيو تہ هو الائي ڪيئن انهن کان ٽٽي ٿي ويو ۽ کيس ان ئي دڳ تي ڏينهن تائين واري جو انتظار ڪرڻو پيو ۽ شايد هن تمام گهڻو پوڄيو هو جو لمحي پل لاءِ هُو منهنجي اک جي پاندرن ۾ ئي خشڪ ٿي ويو هو. اکين ڪان آئون ڪيئن پڇان تہ انهن جي اندر انتظامڪاري ۽ برابري جو ڪهڙو تصور آهي جو هڪڙو غم اها شڪايت ڪرڻ وينو آهي تہ کيس ٻين لڙڪن جيتري اهميت نٿي ملي.

پوءِ جڏهن مون خوشين ڏانهن نهاريو تہ ٺهڪ ائين ئي ٻاڙيا وينا هئا ۽ اهي هڪ هڪ ٿي پنهنجي پوري ردم سان گونجڻ لڳا ۽ آئون انهن سان وندرندو ئي رهجي ٿو وڃان. پر پوءِ مون ڏٺو تہ سالن کان اڌ ۾ رهجي ويل اها ڪهاڻي ساهہ کڻڻ لڳي آهي. هن جي ڇپن تي مختصر مرڪ ٽڙي ۽ مونکي سُرندي جي آواز جو پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هڪ اميد پيدا ٿي. هڪڙي خوشي تہ مونکي بلڪل منهنجي ڏيءَ وانگر لڳي رهي هئي ۽ مون ڏٺو تہ ان جي تصوير ڪيئن اچي وئي آهي. ڪيس تہ هر گهر جو ياتي پائيندو هو پر هُن جو خيال هو تہ

ڪيس خوابن ڏسڻ مهل آئون شايد وساري ڇڏيندو هوس ته اهي خواب آهن ۽ ويهان جو اها اڇي ئي خوابن جي وقت تي.
تنهن ڏينهن به هوءَ پرين جي ديس کان ٿيندي هڪڙي خواب جي روپ ۾ آئي پر شايد ڪنهن سبب ان خواب جون تندون وقت کان پهرين ٽٽي پيون ۽ سڀ لمحا ٽڙ پکڙ ٿي ويا.
پوءِ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ٽٽل خواب جي انهن تندن کي جوڙي نه سگهيس.
ان وقت مون ڪنايو ته هڪ ٻي اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي هيروئن سامهون هئي جنهن جي ٻانهن مان رت ٽمي رهيو هو، هن جي ڇاتي ۽ پنن تي ڇرين جا گهاءَ لڳل هئا پر سندس ڪيهن کي ڪو به ڪنائڻ وارو نه هو. اها هڪ ئي پٽ جي ماءُ آهي جيڪو شهر ۾ هڪ زوردار بم ڌماڪي کان پوءِ گم ٿي ويو هو ۽ هيءَ سدائين هن جي آمد جي انظار ۾ هر روز سج لٿي کان ٿورو پوءِ اگڻ تي ڏيئا ٻاري ڏيان جي مشق ڪندي آهي ته هُن جي معصوم سڏن کي ٻُڌي سگهي. ۽ پوءِ پنهنجي اکين مان ڳڙندڙ لڙڪن کي گندي جي پلئه ۾ ٻڌي دنياوي ڪم ڪار سان لڳي ويندي آهي.
ٺيڪ ٻئي لمحي ان ئي ڪهاڻي جي هيرو جو مٿو هٿوڙي سان چٿيل ڏٺو ويو هو. هوُ ڪجھ لمحن تائين زنده رهيو ۽ پوءِ منهنجي اکين ۾ هڪڙي لڙڪ وانگر ٺري ويو. مون ان جي سيني تصويرن کي پنهنجي اکين جي وسيع فريم ۾ سجائي رکيو آهي ته جيئن ڪيس ان الزام کان بچائي سگهان ته منهنجو هيرو سماج ۾ موجود افراتفري جي ڪري پيدا ٿيل بي رحمي ۾ ڪو آپگهات ڪيو آهي.
هيءَ ڪهاڻي ته مونکي ڪوڙهه جي اسپتال مان ملي هئي، پنهنجي ئي وارڊ ۾ رکيل بستري تي مسڪرائي رهي هئي. مون جڏهن ڪانئس پڇڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان ئي وارڊ ۾ هنن کي ڪاڌو ڏيندڙ بزرگ بورچي جو چوڻ هو ته هن عورت جي ابتدائي ڪهاڻي به اهائي آهي ته هن اهو سڀڪجھ وساري ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا آهن ته جيئن پنهنجي من کي ڪي شانت رکي سگهي. هن جا هٿ ٺُنڊا آهن، هوءَ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا حواس وڃائي ويٺي آهي، ان ڪري ڪيس ڪنهنجي به پرواهه ناهي، جو هوءَ ائين اڪيلي آئي. پوئتي سندس ڪو به اوهي واهي ناهي. مون ان ڪهاڻيءَ کي سندس ئي بستري تان ڪٽي ڪاغذ تي اتاريو ۽ هاڻي جڏهن به پنو اٿلايان ٿو ته ڪيس کلندي ئي ڏسان ٿو.
پوءِ مون سوچيو ته هن سماج ۾ ڪو گونگو طوفان آيو آهي جنهن ايتري اجاڙ ڪئي آهي جو ڪنهن کي خبر ئي نه پئي. هڪڙو خوف آهي جنهن وڻن تي رهندڙ پکي پکڻ کي آکيرن ۾ قيد ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. بلبليون ۽ جهرڪيون پنهنجي اندر جهونگارين ٿيون. شايد اهو ئي سبب آهي جو آئون جڏهن به ڪنهن لفظ کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته سچ پچ ته نقطا هڪڙي خوفناڪ تصوير بنجي آڏو اچن ٿا ۽ آئون خوف ۾ انهن ورقن ۾ ويڙهجي وڃان ٿو. صرف ساهه آهي جيڪو مونکي تقويت ڏئي ٿو ته سماج ۾ هي

گونگو طوفان آيو آهي تہ اچڻ ڏي. آئون ان کي بہ پينٽ ڪندس. مونکي صرف اوستائين وجڻ ڏيو جتان مون هر وار قلم، برش، رنگ، گلن جون پنکڙيون ، ٽر جي واريءَ تي وڻل مينهن جون ڦڙيون ۽ چاندوکي جون سونهري ڪليون چونڊيون هيون تہ جيئن ان کهاڻي کي سجائي سگهان. ان کهاڻيءَ سچ پچ تہ منهنجي ننڊ کي ڪارآمد بنايو آهي تہ آئون جاڳان، پنهنجي گهري ساهہ جي لمحن کي ڪنهن ڏاڍي ۾ پوئي، سماج ۾ آيل هن گونگي طوفان جي تباهين تان پردو کڻان.

* * * * * * * *

# منهنجو من پنيوري

اهو صبح جو پهر هو ۽ پرواري گهر ۾ بيٺل انب جي وڻ تي جهرڪين ۽ بُلبلين جي چر چر جو آواز بہ وٹندڙ هو ۽ ائين اوچتو هن جي ڏيءَ پنهنجي ڪنن سان اڳ ئي مانوس ٺهڪن جا پڙاڏا ٻڌا تہ هن جي هٿن مان ڪورو ڪاغذ ۽ پينسل ڪسڪي ويا. اهو هڪڙو عجيب حادثو هو جيڪو صرف هن جي اها ڏيءَ ئي سمجهي پي سگهي.

ٺهڪ ڇا هئا من جي خوشي جو عجيب طلسماتي ڪرشمو هو. "ڇا هن مختصر ڪائنات جا مصور انهن بي انتها خوشي وارن لمحن جون تصويرون ناهي سگهن ٿا؟"، هن پنهنجي پاڻ کان پڇيو.

"اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ممڪن ٿيو تہ منهنجا ٺهڪ، منهنجي اها خوشي ائين غائب ٿي ويا جو مونکي خبر ئي نہ پئي. اهي تہ منهنجي من ۾ محفوظ هئا. رات جو سمهڻ کان اڳ ۽ صبح جو سوير آئون جڏهن ڪجهہ لمحن لاءِ تنهائي اختيار ڪندو آهيان تہ اهي ٺهڪ منهنجي من ۾ وڄندڙ ترنگ ۾ مون آڏو نچندي نچندي منهنجي خوشي ڪي سجايو بنائيندا آهن. پر . . . ."

هو ڪيترن ڏينهن کان صبح سوير روزاني ڌيان جي مشقن دوران جڏهن منترن جو ورد ڪندو آهي تہ ٺهڪ بہ ان جو حصو ٿي ويندا آهن. انهن لمحن دوران خاموش تنهائي ۾ هي ايترو محو ٿي ويندو آهي جو ڪيس خبر ئي نہ پوندي آهي تہ واقعي هن جي پنهنجي من جي خوشي ۾ ٺهڪن جو بہ ڪو ڪردار ٿي سگهي ٿو. نيڪ ان مهل هن جي اها ڏيءَ سندس ڌيان جي مشقن دوران پرسان چپ چاپ ويهي پينسل سان اڇي ڪاغذ تي انهن ٺهڪن جي رڌم ڪي ڪنائيندي اُبتا سبتا ليڪا پائيندي آهي ۽ پوءِ سڄو ڏينهن انهن عجيب خاڪن تي مختلف رنگ پريندي رهندي آهي ۽ پوءِ اهي تصويرون پنهنجي دوستن ۽ مائٽن سان منسوب ڪندي آهي.

اُن ڏينهن بہ هن هڪ تصوير ناهي جنهن ۾ ٺهڪن جي ترنم مان نڪرندڙ سُرن مان هن پنيوريون اڏمندي ڏيکاريون هيون. حيرت جي حد نہ رهي تہ هن ڪي لڳو تہ اهي پنيوريون ڪوري ڪاغذ تي سچ پچ تہ انهن ٺهڪن جي ترنم تي نچنديون پي رهيون ۽ هيءَ پنهنجي ئي خيالن ۾ ٺهڪ ڏيندي پي رهي ۽ گهر ڀاتي ڪيس تعجب مان ڏسندا رهيا. ان تصوير ڪي هن نالو ڏنو "منهنجو من پنيوري".

ڪڏهن ڪڏهن هُو گوتم ٻڌ سان منسوب ڪيل گيت ٻڌندي نند جي وادين ۾ هليو ويندو آهي ۽ پوءِ خوابن جي تشريح ڪري پنهنجي ڏيئرن ڪي وندرائيندو آهي. تنهن ڏينهن هن

پنهنجي هڪ خواب متعلق ٻڌايو تہ "آئون اڏامندو اڏامندو ڪائنات جي بلندين تي هليو ويو هئس. اُتي ٽمڪندڙ تارا منهنجي جسم کي ڇهندا رهيا تہ لڳو ڄڻ بدن تي اهي ڇميون مينهن جي بُوند وانگر محسوس ٿي رهيون هيون ۽ ٻئي لمحي جڏهن چانڊوڪي جي چادر منهنجي جسم کي ڇُهيو تہ مون پنهنجي من ۾ وڄندڙ ترنگ جي ردم تي موت ڪاڏي ۽ گلن جي هٻڪار ۾ ڄڻ پوري ڪائنات جا ڪُڙڪُٻيتا منهنجي آجيان لاءِ ٽمڪندا رهيا. اهي ٽمڪ ٽمڪ ٽانداٽا منهنجي ٻنهي پاسن کان ٻانهيون ٿاهي اڳيان اڳيان اڏامندا، نچندا آيا ۽ آئون پنهنجو هڪ هڪ ٿڪ انهن کي ڏيندو واپس پهچي ويس ۽ نيڪ ان لمحي منهنجي ننڊ کُلي پئي. . . ."

۽ پوءِ هن جون ڏيئرون هن جي ٻُڌايل خوابن جي تعبير بدران صرف انهن خوابن جي تشريح ٻڌائڻ تي ضد ڪنديون رهيون تہ "پوءِ اڳتي ڇا ٿيو. اهي ڪڙ ڪُٻيتا واپس ڪيڏاهن ويا ۽ اپ جا تارا واقعي مينهن جي بُوند وانگر توهان جي بدن سان ڇهندا رهيا ۽ چانڊوڪي جي چادر . . . ؟" ۽ پوءِ ڇوڪريون انهن خوابن جي تلاش ۾ ڪيترين راتيون اها آس رکي جلدي سمهڻ کي ترجيح ڏينديون رهيون تہ ڪاش اهڙو خواب اهي بہ ڏسي سگهن. تارا، چانڊوڪي، ڪڙڪٻيتن پاران ائين آجيان ڪري ٽم ٽم ڪري اڏامڻ . . . !

هن جي ڏيءَ کي اهي ٿڪ ڏاڍو وڻندا آهن ۽ اها پنهنجي گُڏين سان ڳالهائيندي ڪاغذ تي اتاريل انهن ٿڪن کي آواز ڏيندي آهي تہ اهي سندس گُڏين جي شادي جي رسمن کي وڌيڪ خوبصورت بنائڻ جي لاءِ ساز ۽ ناچ جي سنگم تي هڪ تصوير جوڙيندا آهن جيڪا خود هن جي ڏيءَ کي اتساهہ ڏيندي آهي تہ ان کي ئي پنهنجي ڪوري من تي اتاري ڇڏجي! زندگي جي هن موڙ تي صرف انهن ٿڪن جو ئي ڪمال آهي جيڪي هن جي من کي خوش رکندا آهن ۽ هن جون ڏيئرون انهن ٿڪن سان پنهنجون مرڪون تراشينديون آهن. اهو بہ خوشي ۽ تنهائي جو عجيب سنگم آهي جو سندس ڏيءَ جو چوڻ هو تہ "بابا پنهنجي تنهائي ۾ اسان لاءِ ٿڪ اُٽندو آهي".

اهڙا حادثا هن جي زندگي ۾ ٿيندا رهيا آهن ۽ هي پنهنجي تنهائي سان ان روڳ جو علاج ڪري وٺندو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ هاڻي هي پنهنجي خوابن جي ٽُٽل تندن کي بہ جوڙي سگهي ٿو.

ان ڏينهن بہ هن ڏٺو تہ سدائين وانگر صبح جو سوير جهرڪين ۽ بلبلين جي آوازن جي ردم تي هن اکيون کوليون هيون تہ سندس ڏيءَ کيس احساس ڏياريو تہ اهو ڀهريون پيرو آهي جو سندس ٿڪ ٻڌڻ ۾ نہ آيا آهن ۽ هن جي پينسل ۽ ڪورو ڪاغذ بي معنيٰ رهجي ويا آهن.

ڏيءَ جي ان نشاندهي تي ڪيس لڳو تہ هن جو من واقعي خوشين ڪا خالي تي ويو آهي ۽ پوءِ پنهنجي ئي خوشين جي تلاش ۾ هي گهٽي ۾ نڪري ويو ۽ پاڙي واري دوڪاندار کان پڇيو تہ ”منهنجا ٿهڪ هتي ڪٿي ڪريا آهن، شايد؟“

دوڪاندار لمحي لاءِ خاموش رهيو ۽ پوءِ وري پنهنجي ڪرت ۾ لڳي ويو. پوءِ وري هن جڏهن سندس ڏيان ڇڪايو تہ هو ڪائنس ڪجهہ پڇي رهيو آهي ان تي دڪاندار حامي ڀري تہ ”ها! ها! هڪڙو بلڪل ئي منفرد ترنم وارو ٿهڪ منهنجي ڪنن تائين پهتو هو پر آئون جڏهن ڪم ڪار ڇڏي ٻاهر نڪتس تہ اهو نظرن کان اوجهل ٿي ويو. ان جا پڙاڏا آئون هن وقت بہ ڪنائي سگهان ٿو، مهنجي خواهش هئي تہ ڪاش اهڙو ٿهڪ منهنجي گلي مان نڪري ها تہ منهنجي ڪڏهوڪو شادي بہ ٿي وڃي ها. آئون يقين سان چوان ٿو تہ مون اهو ٿهڪ سڄاتو هو ڇاڪاڻ تہ اهو مون اڳ بہ صبح جي پهر دوران هتي ڪٿي ٻڌو هو ۽ خواهش ڪئي هئي تہ ڪاش اهو ٿهڪ منهن جي گلي مان نڪري تہ منهنجا خواب سڄايا ٿي وڃن.“

گهٽي مان ڪچرو ڪڻڻ واري ڇوڪري بہ اهڙي ڳالهہ ڪئي تہ هي جڏهن ٽرالي ۾ ڪچرو ڪڻڻ لاءِ وڏيو هو تہ هن جي ڪنن سان هڪ ئي وقت الائي ڪيترا ٿهڪ ٽڪرايا هئا. ”اهو منهنجي سانير ۾ پهريون ڀيرو هو جو آئون اهڙا طلسماتي ٿهڪ ٻڌي سگهيس. پوءِ مون ٽرالي ڇڏي انهن ٿهڪن کي ڪنائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي مٽي ڪٿي گم ٿي ويا ۽ آئون هڪو ٻڪو رهجي ويس. مون کي سخت افسوس آهي تہ انهن ٿهڪن کي مون جيئن ئي ٻڌو تہ منهنجي پنهنجي من جي تارن مان آواز اچڻ لڳا ۽ منهنجا پنهنجا ٿهڪ نچڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ آئون هن ٽرالي کي ڇڏي لمحي لاءِ اڄاتي خوشين ۾ ائين ئي ڏوبي ويو هئس،“ هن جون اکيون پرجي آيون هيون. هن خواهش ڏيکاري تہ ”آئون انهن ٿهڪن کي ڪنائي پنهنجي معصوم ٿهڪن کي تراشڻ چاهيان ٿو. ڇا مونکي ڪو ٻڌائي سگهي ٿو تہ اهي ٿهڪ هاڻي آئون ڪيئن ٻڌي سگهندس؟“.

محلي جي هڪ ٽري چوڪيدار جو چوڻ هو تہ ”اهي بلڪل هتان منهنجي مٿان کان ئي اڏامندا پي ويا پر انهن جي سُرن ۾ جيڪو آلاپ هو تنهن مونکي ڏونڏاڙي ڇڏيو هو. ان وقت آئون ريڊيو تان سُر سارنگ ٻڌي رهيو هئس تہ جيئن پنهنجي ديس جي اڄايل ڀٽن کي ياد ڪري سگهان. پر جيئن ئي مون ٿهڪ ٻڌا تہ مون کي لڳو تہ منهنجي ٽر تي ڪا وسڪار ٿي آهي ۽ پوءِ مون ريڊيو بند ڪري انهن ٿهڪن کي ڪنائڻ چاهيو پر مون کي مايوسي ٿي“.

ياجي ڪپائڻ واري گهورڙئي کان پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ اها بلڪل ڪجهہ ئي سيڪنڊن جي ڳالهہ هئي ۽ هن بہ هڪڙو ٿهڪ ٻڌو هو. پاڙي جي عورتن پاران پنهنجي درن تان ياجي لاءِ

سڏڻ باوجود هي اتي ئي پنڊ پهڻ تي ويهي رهيو هو. پاڙي واري هڪ مائي ته اهو ٻه ڇئي ڏنو ته "هن مُئي کي ٻه عشق انڌو کيو آهي جو هلندي وڃائجي پيو وڃي. "ميها ڪپن ميها"، ؟ هن مائي کيس چيو ۽ هي ميها تورڻ لڳي ويو.

هي ڪچي منجهند تائين هڪ گهٽي کان ٻي تائين پچندو رهيو ۽ جڏهن واپس گهر پهتو ته انب جي وڻ تي جهرڪين ۽ بلبلن جو شور صبح جي پهر سان گڏ ڪجهه مٿجي رهيو هو. هن ڏٺو ته سندس ڏيءَ ڪاغذ ۽ پينسل سان هڪ ٿهڪ جو تصور ڪري ڪاغذ تي اتارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڇوڪري پنهنجي اڌپوري تصوير کي ڏٺو ۽ سوچ ۾ ٻڏي وئي ۽ پوءِ ان تي هن نالو ڏنو "مکڙيون مکڙيون مرڪون، ٿهڪ ٽڙيل گل."

هن ڏٺو ته رنگين پنپوريون هن کان وٽيرڪيون گلن جي ٻوٽن مٿان اڏامنديون پي رهيون. "بهار جي مند آهي شايد"، هن پڙڪيو. هن اُپ ڏانهن نهاريو ته ڪڪر هڪٻئي سان ڇُهندا، سج آڏو لنگهن ٿا ته لمحي لاءِ ڇانورو ڇانئجي وڃي ٿو. هن پنهنجي ڏيءَ کي ڏٺو جيڪا اجا تائين تصور ۾ انهن ٿهڪن جا خاڪا جوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ظاهري طور تي اهي آڏيون ڦڏيون لڪيرون هيون پر سندس ڏيءَ انهن کي نالا ڏيندي پنهنجي ئي منهن مرڪندي ۽ خوشي ۾ ٽهڪندي رهي.

۽ پوءِ هي ڪڪرن جي ڇانوري ۾ ٻيهر پنهنجي ئي ٿهڪن اُٽڻ جي مشق ۾ لڳي ٿو وڃي. . . .

* * * * * * * *

# بينسري

هن کي لڳندو آهي تہ هن جي ننڊ ۾ جاڳ، سپ روڳ ۾ ڦڪيون ان بينسري جي آواز سان ملي هڪ ٿي ويا آهن. شايد دلين جي روڳ جو علاج ان بينسري جي پڙلاءَ ۾ لڪل آهي. اهو هڪڙو راز آهي جنهن کي هوُ اجا بہ ڦلهورڻ چاهي ٿو. وقت وقت جي ڳالهہ آهي هن بينسري ، بين، نڙن، مرلين، چمٽن، گهنگهرن ۽ چڙين جي لارن جي سُرن ۾ رڌم تي پنهنجا پيرڙا ساهيا هئا ۽ اجا تائين اهي آواز هن جي ڪنن ۾ گونجندا ٿا رهن. پر هي آواز ڪو ٻيو آهي، جيڪو هن جي جسم ۾ ساه جي سُرن سان ملي وڃي ٿو تہ هو اڃاتي لهرن ۾ لڙهندو، پاڻي جي وهڪرن جي سُرن کي ڪنائيندو وڃي الائي ڪٿي ٿو نڪري. اها لهر، اکين جي ڳهر ڪان اڀُتي، اهي سُر، اها موسيقي . . . .

گهري سانت ۾ اها سچي مشق، اها سکيا، اهي سُر ۽ آلاپ جيڪي ڪڏهن ڪنهن ساه جي نرالي آواز جي روپ ۾، ڪڏهن فطرت جي غُبار ۾ ستارن جي ڪهڪشائن، ڪڏهن ڏنڌ، ڪوهيڙي ۾ سج جي شعاعن جي روپ ۾ هن جي اڳيان رقص ۾ محو هوندا آهن ۽ هن جو روح وندرندو ٿو رهي. ڪيترن ڏينهن کان هي ان مشق تي آهي تہ سمجهجي تہ هوا ۽ پاڻي جي اهميت وانگر خاموشي ۽ سانت بہ انسان جي حياتي لاءِ ايترو ئي اهم آهي . دل جو روڳ چاهي، سڪون ۽ بيقراري چاهي ۽ ڇا واقعي ساهن جي مشق دوران دل جي ڪنهن ڪنڊ مان نڪرندڙ آوازن ۾ انهن سيني روڳن جو علاج لڪل آهي؟

“تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي انهن بينسري جي سرن ۾ ڪا انوکي ياد، خوابن جا منظر، تارا، جهڙ جهڙالا، ٻيلن ۾ مينهن جي ڦڙ ڦڙ جي آوازن تي ڏيڏرن جا فطرت سان محو آواز! . . . .”

هيءُ جڏهن اکيون پوري تصور ڪري ٿو تہ آبشارن مان ڪرندڙ پاڻي جي قطرن جون ڪيئي تصويرون جڙنديون، وکرنديون ٽيون رهن. پاڻي جڏهن پهاڙن تان آبشارن جو روپ ڌاري هيٺ ڪرندو آهي تہ ڪيئي سُر جنم وٺندا آهن ۽ موسيقار پنهنجي سازن جي تارن کي ڇيڙڻ جي مشق ڪندا آهن تہ جيئن انهن مان فطري جهرڻن جا آواز ڪڍي سگهجن.

“اڇو تہ ڪو نئون گيت جهونگاريون جنهن جا پڙلاءُ دور دور تائين ماڻهن لاءِ ڪنهن سُرور جو سبب بنجن ۽ انهن جي روڳ کي ڪا ڦڪي لڳي،” هن پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو هو ؛

توکي ياد آهي اها چاندوڪي رات!
توسان درياءَ جي ڪناري تي ملاقات ٿي هئي شايد؟
چنڊ لڪي ويو هو ڪڪرن ۾،
مينهن منڊ ۾ دريا جي وهڪري جي شور ۾
بند سان گڏو گڏ ميلن تائين هليا هئاسين.
پري پري تائين ڇولين جو آواز،
مٿي ڪڪرن جي چمر چانو،
وڄ وراڪا، گوڙ،
مينهن جي ڦڙ ڦڙ تي فطرت جا آواز تيز ٿيندا پي ويا
۽ پاڻ ان مينهن جي وسڪار ۾ پجي جڻ تہ هڪ ٿي ويا هئاسين.

پنيرڪي جو هر شيءِ ڏنتلي هئي،
ٻيڙياتا تہ گهڻو پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ ڏسڻ ۾ آيا هئا،
ان ئي ٻيڙي تان ڪنهن بينسري جو آواز گونجيو هو
جيڪو جڻ تہ آسمان تان هيٺ لهندو پي آيو،
آئون لمحن لاءِ بيهي رهيو هئس ان بينسري جي آواز ڪنائڻ لاءِ.
ان ٻيڙيائتي جي دل ۾ ڇا سجهي آيو هوندو
جو هو بينسري جو سهارو وٺي
اڻاڄاڻائي ۾ ئي سهي ،
جڻ تہ پوري ڪائنات سان مخاطب ٿيو هو.

پوءِ مينهن بہ بيهي رهيو هو ڪجهہ لمحن لاءِ،
رات کُتي هئي ۽ دريا جي لهرن جو آواز جڻ تہ ڪو اڄاتو ساز هو،
۽ پاڻ بہ پنهنجي منزل کي ويجهو ٿيا هئاسين
جتي ساهن جي مشق لاءِ ويهي رهيا هئاسين.
هن مينهن ڇا آندو آهي،
سڀ يادون ترنديون پيون اڇن من آسمان تي.

تصورن جي ٻه هڪ دنيا آهي
پنهنجي من کي تسڪين ڏيارڻ لاءِ
۽ سيني سوچن کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ
هي فطرت جا آواز ڪيڏو وڻڻ لڳن ٿا
۽ جڏهن اکين کي لمحن لاءِ بند ڪري
ڪنايون ٿا ته ساهه جي ڪچڻ ۽ لهڻ سان
سڀ سوچون وٿيرڪيون ٿينديون پيو وڃن،
۽ دل مان نڪرندڙ انهن انوکن آوازن سان
سڀ روڳ پري ٿيندا پيا وڃن.

پوءِ اهو وقت پکين جو هو
جيڪي آکيرن مان نڪري هن وسيع ڪائنات ۾
پنهنجي پنهنجي مشقن لاءِ نڪتا آهن
چوڳ ته سيني کي ملي ويندو آهي
پر صبح جو آسمان تي
ڇڙ وڇڙ ڪکر جڻ ته برف جي تهن ۾ ويڙهيل ڪي روح آهن
فطرت وڏي ڪمال سان پکين جي اڏار سان
انهن ڪڪرن کي مالهائون پارائي ڇڏيون آهن
هر ڪڪر سينگارجي آسمان تي ڊوڙڻ لڳي ٿو
هر طرف اڇا ڪڪر
خوبصورت مالهائون پائي رقص ۾ محو آهن
۽ پوءِ اهي پکين جون مالهائون جڏهن ٽٽڻ لڳن ٿيون
نيڪ ان مهل شاعر ڏرتي تان بيهي
پنهنجي اڌورن نظمن جي تڪميل لاءِ تشبيهون ميڙڻ لڳن ٿا.

هي پوپٽ گلن ڦلن تي نڪتا آهن!
ڪکن پنن تي ماڪ ۽ مينهن جون ڦڙيون ملي هڪ تي ويون آهن.
تو ڏنو ته پنهنجي اکين مان ٽڪ ٻه ائين اڏامي وڃي ٽانيڪو ٿيو هو
۽ پاڻ فطرت جي آوازن سان جُڙي هڪ ٿي ويا هئاسين لمحن لاءِ

تو کي ياد آهن اهي لمحا؟
فطرت سان پيار جي اپٽار وارا لمحا!

اڪيلائي خود ڪجهه به ناهي ان ۾ به ساهن جو اهو مانو ردم آهي، جنهن جي الڳ سچائي آهي.
ائين لڙڪ رڳو ڪنهن جي من اندر ۾ اٿندڙ يا اٿي تباهي برپا ڪندڙ درد جو سنيهو ناهن، اهي ته ڪڏهن ڪڏهن من جي اٿاهه خوشي وارن ٿهڪن سان گڏ به اکين مان ٽمڻ لڳن ٿا ۽ کو اڳيان وڏي انهن لڙڪن کي اگهي ٿو. ان اٿاهه محبت ۽ غم وارن لڙڪن جي تشريح کير ڪري سگهندو جو هتي ته وڏا تعليمي ادارا اجا ته بک ۽ اڃ، انسان توڙي جانورن، پکي پکڻ جي زندگي، صحت ۽ وڻڪار جي تباهڪارين جي معنيٰ به سمجهي نه سگهيا آهن.

سامهون پاڻي جي جهرڻن جو ترنم ۽ پسمنظر ۾ اهو بينسري جو آواز هن جي دل کي وندرائيندو ٿو رهي. ڪڏهن ته هڪ ئي آواز ۾ ڪيئي آواز ملي کو سر تخليق ڪن ٿا ۽ هن جون پوريل اکيون ننڊ ۽ جاڳ تي پيرڙا ساهيندي‌ون، لڙڪ لاڙيندي‌ون ٽيون رهن ۽ اهي لڙڪ هن جي پنهنجي سجاڳي جي علامت بنجي ڪيس وندرائيندا ٿا رهن ۽ هي آهي جو اڪيلائي ۾ گهري سانت ۾ پنهنجي ساهن جي ردم تي جهومندو ۽ ڪلندو ٿو رهي.

* * * * * * * *

# ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ سمهي پيل اداس پاڇا

سڄي رات ڪڪر ويا ٽي رڻ روهه مٿيندا. ڪا ٻه گجگوڙ نه ٿي ۽ نه ڪنوڻ ڪجڪا ڪيا. هنن جي اکين ۾ شرافت ۽ رحم جا سڀ خيال ڪڏهوڪا پنهنجي ئي ارادي جي هٿان قتل ٿي چڪا هئا. ارادو، انتقام ۽ قتل ڪرڻ جي خواهش.

ڪمند جي مڙسان تار فصل ۾ ٻڏل آهي هڪڙي مامتا جو خواب. رسن هٿن جو ست نپوڙي ڇڏيو آهي. پگهر سان سڄو جسم گهمجي ويو آهي. جيئن جيئن رات نري ٿي، آرن جي سيٽين، ڏيڏرن جي ٽان ٽان ۽ تڏين جي چر چر ۾ ڪمند جي وٿين مان مٿي آهي ستارن جي رم جهم سان جهيڙيندڙ ڪڪر جن کي ڏسندي ۽ فطرت جا آواز ڪنائيندي هُن کي جيئڻ جو احساس ٿئي ٿو، پر بي انتها خوف ۽ ڪاوڙ هن جي رڳ رڳ ۾ وڃي پئي پيهندي.

موت هن جي اکين مان ڪجهه ڳولي ٿو. انتقام جي مضبوط رسي هن جي هر عضوي کي سيٽي رکيو آهي. هوُ جيئن جيئن تاڻي ٿو، چنگهه هن جي بزدليءَ جو تاثر ڏئي ٿي ۽ هوُ پنهنجو جسم ڍاري ڇڏي ٿو. اڌ مئل جسم ۽ رات، مٿان بينل آهي موت جهڙي گهري سانت.

”خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟“ ڪُتڪو هن جي دل سان گڏو گڏ ڌڙڪي رهيو آهي. ڪڪر ويا ٽي رڻ روهه مٿيندا. ڪا ٻه گجگوڙ نه ٿي ۽ نه ڪنوڻ ڪجڪا ڪيا. هوا جون لهرون ۽ رات سڄي ڪائنات کي گهٽو اڳي سمهاري ڇڪيون هيون. رڳو اوجاڳو ڪماند جي لتاڙ ۾ چوڪنيو ٻڌو پيو آهي، جنهن تي موت جو پهرو جاري آهي.

- * * * * * * * * *

ڏينهن اجا نه ٿيو آهي پر ملي جي اذان تي جڙ ته رات، سڄي سانت ڪماند جي فصل ۾ ئي پرزا پرزا ٿي ڇٽي آهي ۽ ڪنوار جهڙي باک ڪڪرن جي ڪمزور برقعي کي ڦاڙي نڪتي آهي، وڃي پئي ڇانئبي اکين تي. جيئن جيئن ڏينهن کُلي ٿو، ڪنهن جي انتظار ۾، ڪماند

جي فصل جي چوڌاري گسن پيچرن تي مورچابند ٿي بيٺل اکيون وڏيڪ چوڪس ٿينديون پيون وڃن.

ڏور ڏور تائين ڪو به آواز، ڪو به پڙلاءُ ڪونه پيو اچي. هُن جون اکيون پوريل آهن. هر وار جسم سيٽي ٿو ته چنگهه جو آواز هن جي بزدليءَ جو تاثر ڏئي ٿو ۽ هي پنهنجي جسم کي ڍاري ڇڏي ٿو. عجيب اڻ تڻ آهي هن جي من ۾ پر حياتيءَ جو ڪوڙو ئي ڪو نه ٿو لڳي.

مورچي بند ٿي بيٺل اکيون. ڇوڪريءَ جي آمد جو انتظار. هُن جي ٿور تي، وک وک کي توريندڙ وحشي نهارون. لوُسڻ جي گاه جي ڀرين کُهڙي تي جمي بيهن ٿيون ۽ هڪل تي ڏاٽو ڪمزور هٽن مان ڪري پوي ٿو. هُن هيٺ، مٿي نهاريو. چوڌاري وحشي نظرن جو ڄار اُٽجي چڪو هو. سڀ دانهون هن جي لچاري جواني ۽ عزت لاءِ ڍال بنجي نه سگهيون ۽ نيٺ هوءَ ساٽي تي ڪري پئي. هوُءَ گهلجندي، رڙندي، چنگهندي ٿي اچي. هوُ بي ستو ٻڌو پيو آهي ڪماند جي لتاڙ تي.

ڪو آواز، روئڻ جو آواز. هوُ ڪنن کي چيريندڙ آواز تي ڪنائي ٿو. ڪئين وسوسن ۾ هن جو ڇوڪنيو ٻڌل جسم سيٽجي ٿو. هوُ تاٽي ٿو هر وار پر چنگهه هن جي ڪمزوريءَ جو تاثر ڏئي ٿي ۽ هوُ پنهنجو جسم ڍارڻ ٿو چاهي.
آواز بنهه ويجهو پوندو ڄڻ ته هن جي ڪنن ڪان نڙيءَ ۾ لهندو پيو وڃي. هوا جون لهرون ڪماند جي پنن ۾ تحرڪ پيدا ڪنديون ٿيون رهن ۽ پوءِ تيز ڪيهه تي هُن اک پٽڻ چاهي پر ڪهاڙيءَ جي ڌار هن جي جسم کي ناري ڇڏيو ۽ پوءِ به فائر ٿيا ۽ ڪڪر ويا ٿي رڻ روهه مٿيندا ۽ ڪماند جي لتاڙ تي هاريل رت اگهاڙن جسمن تي ڪارنهن جو داغ لڳائڻ ڪا اڳ ۾ جذب ٿي ويو هو.
ڪچي جي پر ڪان هُن پار پڪي جي بلڪل آسائتي ڳوٺ ۾ صدين ڪان ايري ايندڙ صبح جي اوچتي قتل تي ڳوٺ ڇا رهيو، هڪ قهرام متو پر ڪهاڙيءَ جي تيز ڌار ۽ پستول جون گوليون اگهاڙن جسمن کي ڪارنهن جو داغ لڳائي نه سگهيون.
ٻنهي کي مارڻ وارو نظريو. هڪ انتقام، قانون ڪان بچڻ جي تمنا، الزام.

ڪمانڊ ۾ لڪل بزدل موت ۽ مورچابند ٽي بينل سپ پاسايون نظرون هڪ هڪ ٽي مليون. سپ ارادا خاڪ ٿيا. وحشت هئي پر ڏينهن ڏناٽو نہ ڏنو گولين ڪان. ڪڪر وجن پيا رڻ روهہ مٿيندا. ڪا بہ گجگوڙ نہ ٿي ۽ نہ ڪنوڻ ڪجڪا ڪيا.

ڳالهہ ڪلي آهي خون جي ۽ ڳوٺ جون آڱريون، سپ تڪيون آڱريون ڪڄنديون، قاتل جي اکين ۾ لهنديون پيون وجن. ڏينهن جا اداس پاڇا تہ ڪڏهوڪا ڪڪرن جي ڇانو ۾ سمهي پيا هئا.

* * * * * * * *

# وڃايل اسٽيشن ۽ هُو

هو بستري جي سيراندي کان دري ۾ سنهي سنگهر سان ٻڌل ريڊيئي جي سُئي گهمائي رهيو آهي، پر ڇڻ تہ اها اسٽيشن هو گهڻو اڳي پوئتي ڇڏي آيو آهي ۽ هاڻي هوُ ڪنهن اڻڄاتي اسٽيشن جي تلاش ۾ پنهنجي ڪمزور ۽ نٻل هٿن ۾ باقي رهيل قوت سان سوئچ گهمائي رهيو هو. مدتن کان ان تلاش ۾ جستجو ۾ ڏسندي ڏسندي هو پنهنجو نُور بہ وڃائي چڪو آهي ۽ هاڻي آواز سڃاڻڻ لاءِ ڪن ريڊيئي جي ويجهو ڪري ٿو. ڇڻ تہ سڀ آواز اوپرا آهن. ڪنهن مهل موسيقي جي ردم تي هو ڪنڌ ڏوڻي اظهار ڪري ٿو ۽ وري هن جا هٿ چرپر ڪن ٿا. ائين ئي ريڊيئي جي هڪ اسٽيشن کان ٻيءَ تائين سوئچ گهمائيندي ڇڻ تہ هو خود وڃائجو وڃي.

ٻاهر نمن جي ڇانوَ آهي، مسجد ۾ شور، مندر، ڪليسا، آسمان تي لهندڙ ۽ چڙهندڙ ڪڪر، جبلن تي وسڪاري کان پوءِ ٻُورجي آيل ساوا سلا، منگهي پير جي درگاهہ، ان جي ڪڇ ۾ ٿڌو چشمو، واڳون، شهر جي پيٽ ۾ گرم چشمن جون ڪشتيون، ڊگهيون ڪجون ۽ هر لمحي ڏڪار جو ڏنيپندڙ احساس. سڀ ڪجهہ هاڻي هن جي اکين کان اوجهل آهن ۽ هو لڳاتار پنهنجي وڃايل اسٽيشن جي تلاش ۾ مگن آهي. زندگيءَ جي سڄي ٿڪاوٽ هن جي بستري تي جمع ٿيندي پئي رهي. هن جا اوجاڳا، اولاد ۽ سندس وچ ۾ نفرت جي ديوار بنجندڙ ڪوڙهہ جو مرض، طلاق وني ويل زال ۽ ساهہ جي آخري هڏڪي جو انتظار. سوئچ گهمائي گهمائي، هوپنهنجي ٿڪاوٽ جو گڏ ڪيل بوجهہ لاهڻ لاءِ وهاڻي پر ڪري ٿو ۽ پنهنجي سُن ٿي ويل هٿن جي ڏوڏين سان پنهنجي پيرن جي زخمي حصن کي ڇهي ٿو ۽ پوءِ اهو الائي ڪٿي گم ٿي وڃي ٿو.

هن جي سامهون آهي سندس 25 سالن جي طويل زندگي جو ساٿي، جنهن جو هيٺيون ڌڙ سڪل آهي. ٻنهي ڪُتن جي وچ تي ٽن فوٽن جي وٿي آهي. وچ تي رکيل ننڍي الماڙي تي هڪ ئي ڪُولر ٻنهي جي ڍڄي سائي ڪري ٿو. بورچي ايندي ئي الماڙي سان ڳالهائي ٿو. الماڙي ٻانهون کولي ٿي ۽ هو ڪاڏو سندس سيني تي رکيو هليو وڃي. ڀنگي ايندي ئي ٻهاري، پسيل ڪپڙي ۽ مدتن کان پيرن جي انتظار ۾ پيل چمپل، ڪاڪوس ۽ پيشاب لاءِ رکيل برتن سان ڳالهائي هليو وڃي.

ڪوڙهہ جو مرض، نفرتن جون ڏنيپندڙ کهاڻيون. ٻاهر نفرتون ئي نفرتون آهن. بس کان هوٽل تائين ۽ گهٽين ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهو. هن کي لڳي ٿو ڇڻ تہ گهٽين، هوٽلن ۽ بس

جي انتظار ۾ بيٺل ماڻهو هن جي وارڊ ۾ ڪاهي آيا آهن ۽ سندن اکين مان اٿندڙ نفرتون هن جو گلو گهٽي رهيون آهن.

عمر جا 25 سال اسپتال ۾. اکيون ڪئلينڊر جا ڏينهن، تاريخون، مهينا، ڪجين جي لامن مان سج جو ايرڻ ۽ پهاڙن جي هُن پار لهڻ توڙي چانڊوڪي جي احساس کان قاصر آهن. بيچيني جي عجيب ڪيفيت ۾ هو هٿ ڪٽي موت کي سڏي ٿو. موت جڻ ته هن جو ننڍو پٽ آهي جيڪو هن جي هٿ جي اشاري تي اچي ساڻس گلي ملندو. يادن جا ٽٽل دائرا هن جي آڏو نهندا ۽ ٽٽندا ٿا رهن.

”ڪوڙهه لڳڻ کان پوءِ مون سيني پٽن ۽ ڌيئرن ڌانهن ڏنو هو ته لڳو هو جڻ ته انهن جي اکين ۾ نفرت جي باهه دکي رهي هئي. سيئي پنهنجن ئي نفرتن ۾ جلي رهيا هئا. زال طلاق ورتي. هن اولاد ۽ منهنجي وچ ۾ نفرت جي وڏي ديوار اُڀي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ گهر جا دروازا مون لاءِ هميشه لاءِ بند ٿي ويا.“

هو زندگي جي ٽٽل مالها کي ڳنڍڻ لاءِ زور ڏئي ٿو پر يادن جا وکريل موتي هاڻي هن جون اکيون کولي نٿا سگهن. ڪنهن مهل کان بيچيني جو لهرون هن کي ڏونڌاڙينديون ٿيون رهن. هن کي لڳي ٿو جڻ ڪيس ڪنهن پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪيرايو ويو آهي ۽ هن جو جسم ڇيهون ڇيهون ٿي ويو آهي.

هو سالن پڄاڻا وري اهو ساڳيو سوال ورجائي ٿو:

”ها عبدالرزاق! جڏهن اورنگ آباد ۾ هنگامي ڪانپوءِ ڪرفيو لڳو هو ته پوءِ ڇا ٿيو هو؟“

هُوسدائين وانگر اهو ئي سادو جواب ڏئي ٿو:

”ستن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرفيو ۾ وقفو مليو هو ته آئون به بازار ۾ ويو هئس. شهر لٽجي رهيو هو. سڀ دڪان، ماڻهو، دليون ۽ اکين ۾ سانڍيل هڪ هڪ ڪهاڻي لٽجي رهي هئي ۽ پوءِ ڪل نه رهي ته آئون ڪيئن نڪتس. گهر جا ڀاتي ڪٽي رهيا ۽ آئون ڪهڙي ضرورت تحت هڪ اجنبي ملڪ جون سرحدون اُڪري آيس.“

هُو ماٺ ٿي وڃي ٿو ۽ ٻنهي بسترن تان ٿڌا ساهه جا شوڪارا اٿيا ۽ هڪ ٻئي سان ٻکجي ويا. خاموشيءَ جي هڪ طويل لهر آئي ۽ ٻنهي کي ڪناري تان ڪٽي هلي وئي ۽ بسترن تي رهجي ويا ٻه يادگار مجسما.

هن کي لڳو جڻ هو به اورنگ آباد جو هو. ساڳيا هنگاما، ساڳيا ڪرفيو، هن کي لڳو ته هو مدتن کان ساڳئي ڪرفيو ۾ آهي. زندگي جو طويل بليڪ آئوٽ.

عبدالرزاق پنهنجي هينئين ڪمزور ڌڙ کي سهاري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪولر مان پاڻي جو گلاس پيتو ۽ پٽڪيو:

“اسپتال ايندي مون وٽ صرف گيس جي ٽينڪي، ڪجهہ ڦوڪڻا ۽ اڌورو نهيل گهر هو. اهو بہ جڏهن تہ حياتي جو بوجهہ هو سو لاهي آيس. هاڻي خبر ناهي تہ اورنگ آباد ڇاهي؟ ڪراچي ڇاهي؟. انهن جي گهٽين ۾ لڪجي ويل دلين جو حال ڇاهي؟”

۽ پوءِ سڄو ڪمرو خاموش ٿي ويو.

هيرانند ڪوڙهہ اسپتال جي رستن تي افغانستان، ايران، گلگت، ڪاغان ۽ برفيلين وادين جا پورا ڇوڪرا سائيڪلن تي جهونگاريندا رهن ٿا. مسجد جون اذانون، مدرسن ۾ شور، امام بارگاهہ جو علم. پراڻي مندر ۾ رکيل مورتيون، گرجا گهر جا گهنڊ، مريضن جون خوشيون ۽ غم، رستن تي وڻن جون ڇانئون، بورچي خانو، ڀنگي، سڀ عبادتگاهون ۽ مذهب جڏهن تہ هڪ ٻئي سان ملي هڪ ٿي ويا آهن. لمحي پل لاءِ وارڊ ۾ محفوظ هجڻ جو احساس ۽ پوءِ هن کي لڳو جڏهن سڄو سماج ڪوڙهہ ۾ ورتل آهي. هر ماڻهو پنهنجو عيبدار چهرو لڪائڻ لاءِ ڊوڙ ۾ آهي. ڪنهن ليپرسي اسپتال جا رستا پري ٿيندا پيا وڃن ۽ نفرتون ماڻهن جو پيڇو ڪنديون ٿيون رهن.

* * * * * * * *

# خالي هٿن تي پکڙيل آسمان

ٻار وقت جي ڪانٽن سان گڏو گڏ ڊوڙي رهيو آهي. هوُ پنهنجي ماءُ کان تورو وٿيرڪو ٿي هڪ ئي وقت سيني گاڏين جي ٻيهڻ ۾ رش ۾ وڄائجي ويل رستي تي ٻي چين ڊوڙندڙ ماڻهن آڏو پنهنجي ماءُ جي ٻڪ جو ڪليو اعتراف ڪري ٿو.

مون پنهنجي گهڙيءَ ڏي ڏٺو ۽ هُن ٻار جي اڏ اگهاڙين ٽنگن کي ڏٺو. . .
وقت جا ڪانٽا ٻار جي ننڍڙن پيرن جي رفتار سان گڏ ڊوڙي رهيا هُئا. مون کي لڳو ته ٿڌي هوا جو خُمار مون تي ڇانئجي ويو آهي.

مون پنهنجي اڪيلائي کي ڳولڻ چاهيو. گلدستا آچيندڙ ڇوڪري ۽ ڪانگن جي شور ۾ پريشان عمارتن کان آئون پڇي نه سگهيس. آئون پنهنجي ڇوڏاري ڊوڙندڙ ماڻهن کان پڇڻ لاءِ وڌان ٿو ته رستو مون آڏو سواليه نشان بڻجي اچي ٿو.
رستو؟ اهڙو سوال هو جيڪو آئون صرف ٻار ۽ سندس ماءُ کان پڇي سگهيس ٿي. صرف اهي ٻه ماڻهو هئا جيڪي ڏماڪي کان پوءِ ان سڄي ٻي چيني ۽ خوف ۾ ورتل ماڻهن کي بچائي پنهنجي پنهنجي واٽ تي آڻي پي سگهيا. پر ٻُک انهن ٻنهي ماءُ ۽ پٽ جي رفتار گهڙيءَ جي ڪانٽن سان آڻي برابر ڪئي هئي.

اُهو ٻار ۽ دوُر بيٺل سندس ماءُ.

هوا جي ٿڌ پرئي خمار ۾ مون نهاريو ته دوُر دوُر کان ايندڙ سڀ رستا، هُل ۾ هڪڙي ئي رستي ۾ اچي وڃائبا پيا وڃن.

“رستو؟” مون وري پاڻ کان سوال ڪيو. مون کي لڳو ته منهنجا چپ خشڪ ٿيڻ لڳا آهن.

*****

آئون رستي جي هُن پار کان وڃي رهيو هئس. منهنجي رفتار نيڪ ٻين ماڻهن وانگر ڪنهن ٻه حوالي سان ويندڙ گاڏين کان گهٽ نه هئي. صبح جو ان ويل رستي تي گاڏين

جي هلڪي وڏندڙ شور ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو هو. گاڏين ڪي بريڪ لڳي. ماڻهو مختلف رخن تي ڊوڙي پڳا ۽ پوءِ بيهندا ويا.
هڪ طرف باه هئي ۽ ٻئي طرف گاڏين ۽ ماڻهن جي اجائي هُل ۾ رستو وڃائجي ويو هو. ماڻهن، گاڏين، رستي ۽ عمارتن کي هڪ ئي وقت خوف وڪوڙي ويو هو. بلڪل ساڳيو خوف.

باه ۾ خدا ڄاڻي ڇا سڙي رهيو هو. مون ڏٺو ته منهن جي ڀر ۾ گلدستا آڇيندڙ ٻار سميت هر ماڻهو پنهنجي پاڻ کي وساري چڪو هو. ساه جو سهڪو گهڙيءَ جي ڪانٽن کي اڳتي ڌڪيندو ٿو رهي.

هوا آهستي آهستي لڳي رهي هئي ۽ گهران روزگار لاءِ نڪتل ماڻهو پاڻ ۾ وڃائبا پي ويا. ماڻهن جي انبوه ۾ گم ٿي ويل عاليشان شهر جو هي شاهي رستو ۽ هڪڙي تنهائي.

لُڙ ۾ عمارتون پريشان ٿي رهيون هيون. ايمبولينس ۽ فائربرگيڊ جي گاڏين جو شور وقت کي بيهاري نه سگهيو هو. مون ڪچي منجهند جي سج ڏانهن نهاريو ۽ ٻار کي گُهوريو. مون کي لڳو ته سڄو آسمان ٻار جي پڪڙيل هٿن تي ڪري پيو آهي. سڄو سُرمئي رنگ ۽ سڄي ڏنڌلاڻ ٻار جي مٺيءَ هاٺين ٽنگن سان ملي ويا آهن.
هيڏي هجوم ۾ وڃائجي ويل تنهائي کي ڳولڻ لاءِ مون وٽ ڪٽڻ ڇاهي. گلدستا آڇيندڙ ڇوڪرو لڳاتار پاڻ کي ڳوليندو، گُلن کان اڳ ئي ڪومائجندو پيو وڃي.
هوا ۾ پرجي آيل ٽڏ جو خُمار هلڪو ٿيندو پيو وڃي. رستا، بڪتربند گاڏيون، سائرن جا آواز، صحافي، پوليس ۽ ڪُتن جي دوستي. سوڳ . . . .هميشه وانگر جهنڊا سرنگون ٿيندا پيا وڃن. جڻ هر ماڻهو ياڄ ۾ آهي ۽ هر دل ۾ هڪ ٽائيم بم رکيل آهي.
ڊوڙندڙ ٻار جي هٿن تي اُڪريل لڪيرن تي ويساه جو تصور. ٻار جون ٽنگون، وقت جا ڪانٽا. . ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ . . . .
بم ڌماڪي، باه ۽ شور کان بي پرواه ماءُ، بُک جي ايذاءَ کان بچڻ جي خواهش. ٻار پنهنجي هٿن تي ٻرندڙ اميدن جو سج کڻي اڳتي، اڃا اڳتي وڌندو ٿو وڃي ۽ وقت جا ڪانٽا ان ٻار جي ننڍڙن پيرن جي رفتار سان گڏوگڏ ڊوڙندا ٿا رهن.

* * * * * * *

# ضمير آڏو

هو ڪنهن مهل ڪان سمنڊ تي ويٺو آهي. نيڻ نهار تائين ڇوليون ڪنارن تي پسار ڪندڙ ماڻهن جي ٽنگن ڪي چمنديون، چڙهنديون، لهنديون ٿيون رهن. سامهون سج ٻڏندو پيو وڃي. هن ڪي لڳو ته اهو سج جڻ ته سندس اکين ۾ آپگهات ڪري رهيو آهي. هن جي اکين توڙي سمنڊ ۾ ڪا به وچوٽي ۽ ڪو به فرق نه رهيو هو. هن اکيون پوريون ته ڪيس لڳو جڻ سج جا تيز ڪرٽا سندس اکين جي تارن ڪي ڇليندا ٽا وڃن.
هن پويان نهاريو ته ماڻهن جو سمنڊ هو. چڙهندڙ ۽ لهندڙ لهرون هيون. ماڻهن جون نظرون، جڻ ته ڪيترائي اجنبي سج هن جي اکين ۾ آپگهات ڪري رهيا هئا.

هي عجيب خوف ۾ آهي. هو ته پنهنجي اندر جي اڪيلائيءَ ڪي سمنڊ ۾ ٻوڙڻ آيو هو پراڪيلائي سندس رڳن ۾ ڊوڙي رهي هئي. هن مٿي نهاريو ته سج سندس اکين ۾ ٻڏي چڪو هو سامهون صرف ڪو نالي ماتر اهڃاڻ هو جيڪو اکين ۾ جذب ٿيندو پي ويو. هو جهاڳيندو ٿو رهي ماڻهن جي سمنڊ مان. رستا، اڻ ٽٽ رشتا. ڪيترا ماڻهو جڻ ته پڳل ٻيڙيون.سڄي زندگي خواهشن جي ٻوڏ ۾ آهي ۽ مڙئي اجنبي نهارن جا سج هن جي اکين ۾ آپگهات ڪندا پيا وڃن.
هر قدم تي نيون نظرون. دائرا وڏندا، ننڍا ٿيندا ختم ٿيندا پيا وڃن.

* * * *

هن ديس ۾
ووٽ ماني ڪان به سستو ٿو وڪامي
۽ ضميرن جي منڊي ۾ ، ڪيترا نعرن جا واڪ،
ڪيترين رنگين پتليون تن جو ناچ
۽ بکن ۾ پاه ٿيندڙ خشڪ نيڻ
اٽڪيو ٽا پون آڪاس ۾،
بک جي احساس ۾،
اعتماد جي ڪچي ڏوري_ پلصراط.

رستا وهندا ٽا رهن. گاڏيون، هارن، زندگي، آواز، سگنل جون ڳاڙهيون بتيون ٻرن ٿيون.
گاڏيون، هي قافلا، تسلسل، ماضي، حال ۽ مستقبل.

* * * * * * •

“ڪالهه اوهان جي شهر آيا هئاسين، شهر ڇا هو؟ ڄڻ خنجر کُپي ويو هو سيني ۾ ۽ شمع ٿي ويا هئاسين پسيني ۾. چوائنٽ چُمي سين، مرادون پُنيون، وري مينهن وٺو ته ايندا سين.”

* * * * * * •

اڄ هوُ ڪو نہ آيو ته سڀ ڪرسيون، ميزون، ٿي وي هال، ميز تي شيشي جي هيٺان رکيل اگهوتري، سڀ ڪجهه خاموش هو. گهڙيال جا ڪانٽا هن جي اکين کي چيريندا ٿي ويا. ڪالهه پي چيائين ته “فلاڻي دوست جي وڏي پٽ جو هيٺيون ڏڙ سُڪي ويو آهي. جڏهن سندس گهر ويس ته پٽس ڪٽ تي ڄڻ ته ڪليل قبر ۾ هو. هن جي زندگي، اعتماد جي ڪچي ڏوري، پلصراط. هن پنهنجي پٽ جي اکين ۾ پاڻ کي ڳولڻ چاهيو ته سندس اکيون اٿلي پيون ۽ اهو منظر مون ڪان ڏٺو نہ ٿيو.”

* * * * * * •

هوُ هميشه سوچيندو آيو آهي ته هيءَ “درازا هيءَ پٽ”، هي ڪونيٽ ڪونيٽ نظم، هن جي نيٽن جهڙيون تشبيهون ۽ هي پيارا پيارا پوپٽ. ڪڙ ڪبيتن کي پڪڙڻ لاءِ ٻوڙندڙ خواهشون. سمنڊ جي طوفان ۾ لڙهي ويل ڪي سپنا، هي موهن ڪلپنا ۽ علي بابا، هي شيام، هي اياز، هي شهر هالا ڄڻ ته ڪي پالا آهن ڪتل سيني ۾. ڪنهن کي ياد ڪري هي زخم پرجن. هي ڏوراپن جي موسم آهي. اپ تان بادل ٽا برسن ۽ هيٺ نيڻ نٽا بس ڪن.

* * * * * * •

تون هتان ڪيڏو پري!
ڪيئن چئجي،
نئين پريل گهاگهريءَ جي گهمنڊ ۾
سار جون ساريون ستارون اٽندي تي رهين،
ياد ايندي تي رهين.

۽ اسان آدميت جي سمنڊ ۾

جڻ ٻڏل آهيون پرين!
رستن تي هي سگنل جون بتيون،
هر موڙ تي تاڙن ٽيون.

شهر جا رستا اسين،
جڻ ٽٽل رشتا اسين،
ڏور ٿيندا ٿا رهون،
۽ ٿڪاوٽ جي اٽيل چار ۾ ڦٽڪي اسان ڄاتو نہ آ،
سمنڊ جي ڪنهن وير ۾ آهيون اڃا
۽ ڪنارا دور ڪنهن سرحد جيان
روز ٻاڏائي ٿڪا آهيون،
لڙڪ جي قيمت اگهامي ئي نٿي.

تون مون کان خواب گُهرندي ٿي رهين!
خواب جيڪي ياد جي ڪنهن لڙڪ جهڙا هئا حسين
جن الائي ڪڏهين،
اداس موسم جي هڪ شام جو
اپگهات ڪري هئي ڇڏي.
اسان جي آڌو تہ بس رهجي ويا
پنهنجي اکين جا لڙڪ ڏيئا،
جيڪي اوهان جي آمد لاءِ ٽمڪندا ئي رهيا.
طويل راتيون، اسان تي ڄاتو،
اسان جو ناتو رهي هميشہ،
۽ اسان اوهان جي قدم قدم تي،
نوان نوان ڪي خواب، گلاب پوکيون.
اها تمنا اڃا آ باقي _ _

سڀ آواز، گيت، غزل، ڌنون، هن ڪي اتساهيندا ٿا رهن. ٽٽل، اڻ پورا دائرا، رستا، بتيون ۽ هُو. هر شيءِ هن جي اکين ۾ جذب ٿيندي پئي وڃي. ڪيس لڳو تہ منزل ويجهي پوندي پئي وڃي ۽ هوُ تيز تيز وکون کڻندو هلندو پيو وڃي.

# چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي

هُن اکيون پوريون تہ سمنڊ غائب ٿي ويو. دير دير تائين سمنڊ جي وشال وسعتن تائين ڦهليل هوڙن تي ويٺل پُراميد ماڻهن جي ساهہ جو سهڪو ۽ سڀ پڙڪا لمحي پل جي لاءِ هن جي اکين ۾ قيد ٿي ويا هئا. اڪيلي چنڊ جي ساري سُهائي! هن جي اکين ۾ ڏيئي جي جلندڙ وٽ سمان سڀ ڪجهہ اندر ئي رهجي ويو هو. هن جا سڀ خواب ۽ سوچون سندس اکين جي گهرائي ۾ رهجي ويون.

رات! خدا ڄاڻي وقت هن جي اکين کان ٻاهر ڪهڙي حيثيت ۾ هو؟ هوُ ان جوکو بہ تعين نہ ڪري سگهيو. هُن الائي ڇا سوچيو ۽ هڪ لڙڪ هن جي اکين جي پاندرن مان وهي نڪتو. سندس اک کُلي تہ سمنڊ جو سڄو پيٽ ڇوليون ڇوليون ٿي ويو هو. سينڌ پٽس جي دڙن سان ٽڪراءُ ڪائيندڙ ڇوليون ۽ دور دور تائين ڇولين جي پاڪرن ۾ ايندڙ چنڊ، هي سڄو سمنڊ ۽ تنهائي.

ڪيترن ڏينهن کان آئون، چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي؛ آئون ساموندي ماڻهن جي رومانس جو تصور ڪري رهيو هئس ۽ پوءِ تنهن ڏينهن، جڏهن مون هڪ هوڙياري کان رومانس جو پڇيو تہ هوُ پنهنجي پيريءَ جي مُهڙ کان لمحي پل لاءِ موٽي آيو پر هن جو جواب سندس زندگيءَ جي اوائلي ڏينهن ۾ ئي گم ٿي ويو هو سو هي ڳولي نہ سگهيو ۽ هُن جي نهار ۾ آيل مايوسي تي آئون خود پڇتاءُ ۾ رهجي ويس تہ آخر مون هن کان اهو سوال ڇو پڇيو؟

تنهن ڏينهن هوڙيارا ٻنپهرن کان ئي وڃڻ جون واپون ڪري رهيا هئا. راشن جي هڪ هڪ شيءَ هو ياد ڪري پوري ويساهہ سان هوڙي تي رکي رهيا هئا. انهن شين مان هر هڪ تي نقش ٿيل هنن جون اميدون ۽ آسرا هئا ۽ هر شيءَ هوُ پوري اعتماد سان سٿي رهيا هئا.

اڄ رات بہ سمنڊ جي سينڌ پٽس تي چاندوڪيءَ تنهائي کي نہ ڄاڻ ڪيترو اتساهيو هو ۽ هڪ شخص ور ور ڏيئي زور آزمائي ڪري رهيو هو. هن رات جي هر پهر کان پوءِ لمحي پل لاءِ سمنڊ جي وسعتن تي نظرون وڃائي، اکيون پوريون ٿي تہ چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي هن جي اکين ۾ ئي رهجي ٿي ويا. فطرت جا سڀ آواز، ٻيڙياتن جي هوڙن تي ٽمڪندڙ ڏيئا، سندن اندر مان نڪرندڙ ساهہ جا سهڪا، سيڪجهہ اکين جي اندر رهجي ٿي ويو ۽ لمحي کان پوءِ هڪ لڙڪ اکين جي پاندرن جا سڀ بند ڀڃي وهي نڪتو ٿي تہ چنڊ سان کيڏندڙ ڇوليون، هڪ هڪ ٿينديون، ٻکبيون، آجون ٿينديون، سينڌ پٽس سان ٽڪرائبيون موٽي ٿي ويون.

سينڌ پٽس تي ٿهيل هٽن جي ڇتين ۽ ڪمرن ۾ رهندڙ چوڪيدارن ۽ ڪتي ڪتي رات گذارڻ لاءِ آيل ماڻهن جي ننڊ ۽ جاڳ، چنڊ جي سهائي ۽ تنهائي ۾ دخل نٿي ڏئي سگهيا. ان ڪري هُو توڙي جو ڪناري تي پسار ڪري رهيو هو پر ڪيس لڳو ٿي ڄڻ هوُ سمنڊ جي سيني تي ڇولين سان ڪيڏندڙ چنڊ سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي.

تڏ جو هلڪو احساس آهستي آهستي وڏي اکين ۾ بند ڪرڻ ٿو چاهي پر هر ايندڙ لمحي هڪ ڀرپور لڙڪ هن جي اکين جا بند ڀڃي ڳلن تان ڳڙي ٿو ۽ هوُ سمنڊ جي وسعتن تائين ڇولين کي ڏسندو رهجي ٿو وڃي.

هن مٿي نهاريو تہ چنڊ هن کي ڏسي رهيو هو. هن سمنڊ تي نهار وڌي تہ سمنڊ ڇولين سان ڪيڏي رهيو هو ۽ هن جون اکيون. چنڊ، ڄڻ تہ هڪ پوپٽ آهي جنهن کي هوُ پڪڙڻ چاهي ٿو.

ڪناري کان دوُر شهر جي ڪنڌين تي ڄڻ ستارن ڀريو آسمان وڇائجي ويو آهي ۽ هن جي ارد گرد بس چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي آهي، جن جو هڪبئي سان بہ ڪو سبنڌ آهي. تڏ جو وڌندڙ احساس هن کي پنهنجي اندر ۾ سوڙهو ڪندو ٿو رهي ۽ هُو پنهنجي تنهائي سان گڏ ڀر واري هٽ جي اندر وڃي ڀيو لهندو. هنڌ جي نرم گهرائي جو هڪڙو الڳ احساس هو جنهن تي لهي آيل تڏ کي ضابطي ۾ آڻي وڌو ۽ هوُ پنهنجي اکين جي سينڊ پٽس تي گهمندڙ ننڊ سميت ڪناري تي اچڻ ٿو چاهي، پر پوءِ هن کي خبر ئي نہ پئي تہ چنڊ، سمنڊ ۽ تنهائي جو پاڻ ۾ ڪيترو سبنڌ آهي. سڀ هوڙا، سڀ آواز ۽ ڇوليون اتي ئي رهيون ۽ هوُ پنهنجي اندر جي سمنڊ ۾ لمحي پل لاءِ ٻڏي ويو هو.

* * * * * * * *

# خوابن جو عجائب گھر

اندر گھڙندي ئي هن ڏٺو تہ اتي مري ويل خواب، چچريل خواهشون، بک جو شڪار ٿيل ڪيھون ۽ ناڪام حسرتون سجائي رکيون ويون هيون. ڄڻ تہ تاريخ جي هڪ دور تي ڦهليل وسيع تصوير هئي جنهن کي عجائب گھر جو نالو ڏنو ويو هو. هي بہ ٻين وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

راوي ٻڌائي رهيو هو تہ گھڻو اڳي، تاريخ جي مختلف دورن ۾ هن ديس جي خوابن جي جيڪا خونريزي ٿي آهي ۽ گھوٽن ۽ ڪنوارين جون جيڪي حسرتون لٽيون ويون آهن، اهي هتي نمايان طور رکيل آهن. . . . .

هوُ ڪيس ٻڌائڻ لڳو تہ هي خواب ان پکيئڙ جا آهن جيڪا ان شهر جي رهاڪو هئي جيڪو خود ڪنهن دور ۾ شهرن جي راڻي سمجهيو ويندو هو. اها پکيئڙ هڪ ڏينهن مندر ۾ صبح جو سوير ڀڳوان جي حضور ۾ ڳائيندي جيڪي آلاپ اُچاريا هئا اهي ڪجهہ ماڻهن کي نہ آئڙيا ۽ هوءَ باک مهل انهن جي هٿان قتل ٿي وئي. پکيئڙ جي ساه وڃڻ کان لمحو اڳ هن جي اکين مان سندس خواب ٽاه ڪائي اڏاڻا هئا، جن جي پنکڙين جهڙن جسمن تي انهن زخمي آلاپن جا رنگ اجا آلا هئا. هن کي پيئتا ڏيڻ جي لاءِ سندس چچريل خواب هتي رکيا ويا آهن ۽ اجا تائين انهن جي پنکڙين جهڙن جسمن تي سُرن جا رنگ آلا آهن. هن شهر جا ماڻهو هن پکيئڙ کي ياد ڪندي ڪيترن ڏينهن تائين روئيندا رهيا تہ هوءَ بيگناه هئي.

هي مور جا ٿهوڪا آهن. جڏهن مور اُونهاري جي تپش ۾ پاڻي لاءِ اڏامي ٽڪا تہ ائين ئي تتل واري تي ڦٿڪي ڪريا ۽ سندن نڙين ۾ اٽڪي پيل ٿهوڪا گھڻو پوءِ هٿ ڪري محفوظ ڪيا ويا. ان جي دريافت بہ ٿر جي هڪ ناميارِي پکيئڙ ڪئي هئي.

هي ڪوئل جي ڪوڪ آهي جيڪا الائي ڪٿان پٽڪي هتي پهتي هئي، چون ٿا تہ جڏهن هن ديس ۾ پکين جو قتل عام ٿي رهيو هو تہ خوف ۾ ان ڪوئل جو آواز آسمانن ڏانهن اڏاڻو هو جيڪو هن ديس جي درد وند دلين کي گهائيندو ڪٿي زخمي ٿي ڪريو هو. ان ڪوئل بہ الائي ڪيترن گائڪن ۽ شاعرن کي پنهنجن گيتن ۽ نظمن کي تراشڻ جو هنر عطا ڪيو هو. پر پوءِ هن جي قتل تي تہ اهي گائڪ ۽ شاعر بہ خاموش ئي رهيا ۽ سندن قلمن ۽ آلاپن کي ڪا جنبش نہ آئي. ۽ پوءِ؟؟ ؟ . . .

راوي جي اکين مان بہ ٽي لڙڪ سندس ڳلن تائين آيا ۽ اتي ئي جذب ٿي ويا. . . .

هي ڪٽي تي رکيل هڪ ترياڻي جون حسرتون آهن جيڪي اصل ۾ ڪنهن شاعر جون تشبيهون هيون جيڪي تتل واريءَ تي تڙپي تڙپي، جڏهن اسپتال پهتيون تہ رتو ڇاڻ ٿي

ڪريون ۽ حڪمرانن دعوا ڪئي تہ اهي هن ديس جي عظمت تان وارجي ويون آهن. انهن ڪي شهادت جو رتبو ڏنو ويو هو.
هي بي ربط ٽي ويل گهنگهرو آهن. چون ٿا تہ جڏهن ديس جي ڪجهہ آرٽسٽن لالچ ۾ اچي پنهنجي ثقافت جي علامتن جي توهين ڪئي تہ هي گهنگهرو ان احتجاج ۾ ائين ئي ٿي ويا ۽ پوءِ سالن پڄاڻا سڄي ديس ۾ ظاهري طور تي ڇيرين ۾ ٻڌل گهنگهرو يا تہ بي آواز آهن يا انهن جو ردم ڄُڙي ئي نٿو. هي گهنگهرو خود بہ انهن ڪهاڻين تان پردو ڪڻي سگهن ٿا جن ۾ ڪجهہ لالچي ماڻهن پنهنجي ئي ثقافت جي توهين ڪرڻ شروع ڪئي هئي ۽ پوءِ . . . .

هيءَ هڪ سياسي انتقام جو شڪار ٿيل ماڻهوءَ جي ڪيهہ آهي جيڪا هن جي ڦاسي تي لٽڪڻ ڪان پوءِ هن جي گلي ۾ اٽڪي پئي ۽ پوءِ ان ڪيهہ کي هتي محفوظ ڪيو ويو آهي تہ جيئن مورخ ان دور جي تاريخ کي ڦلهورڻ لاءِ هن ڪيهہ مان ڪا معلومات وٺي سگهن.
هي خواب اصل ۾ هن ديس جي هڪ نامياري غزل گائڪ جا سُر هئا جيڪي ڪنهن حملي جي زد ۾ آيا ۽ پوءِ هن ديس تان وارجي ويا. اڃا تائين ڪجهہ هنڌن تي بلبلين جا ولر ڪنهن گهاٽي ڪٻڙ تي گڏ ويهي انهن سُرن جي سوڳ ۾ هڪ لمحي لاءِ چنهنبون چورڻ بند ڪري ڇڏينديون آهن.
هي آرٽسٽ جو خواب هو جيڪو هن گٽار تي پنهنجي گيت جي ڌن ناهڻ جي مشق ۾ محو هو. پوءِ گٽار جي تارن کي ڇيڙيندي جڏهن هوُ ڌن جي تڪميل تي پهتو تہ گهڻي دير ٿي وئي هئي ۽ هوپنهنجي ئي بک ۾ پنڊ پهڻ ٿي ويو. ان آرٽسٽ کي مڄتا ڏيڻ لاءِ هن کي سندس گٽار جي ٽٽل تارن سان چنبڙيل آڱرين سميت هتي رکيو ويو آهي.
هي هڪ نظم جو ڪتبو آهي. اهو نظم هڪ شاعر جنگ خلاف احتجاج طور تي لکيو هو جنهن کي گهڻو پوءِ ان نظم سميت قتل ڪري گلابن جي کيت ۾ پوريو ويو هو. سالن پڄاڻا ان جي قبر ٻوڏ ۾ لڙهي وئي هئي ۽ هي ڪتبو ڪٿان هٿ آيو هو جنهن تي چنبڙيل گلن جون پنڪڙيون اها شاهدي ڏين ٿيون تہ گلابن جي کيت سان ان جو کهڙو لاڳاپو هو. هاڻي جنگ خلاف ان اڌوري نظم جو اهو ڪتبو هتي اعزازي طور رکيو ويو آهي.

**ڪتبي تي ڌهي ويل اکرن جي سڃاڻ:**

“هن ديس جا ٻار جنگ نٿا چاهين،

مائرن کي مهلت ڏيو ته
اهي پنهنجي پٽن جون اميدون پسن،
ڪنوارن کي نه ماريو،
انهن کي لاڏن جي ڏن تي نڪوڙجڻ ڏيو،
بم نه پوکيو،
هن ڌرتي جي ڪُک کي
نه ايذايو!
ٻار اسان جو آئيندو آهن
هنن کي جنگ نه،
انُ، اجهو ۽ امن کپي."

* * *

ان عجائب گهر ۾ ٻيو الائي ڇا ڇا پيو هو. هن جو چوڻ هو ته هتي تمام گهڻو اڳ جنگين ۾ بي بگناه مارجي ويل خوابن، چچريل خواهشن، قتل ٿيل حسرتن جا ڍانچا ڏاڍو ڏيان سان رکيا ويا آهن. هو ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان ٻڌائي رهيو هو ته هي ملڪ ، تمام گهڻو اڳ هڪ آزاد ملڪ هو، هن جي الڳ ڪرنسي هئي، ۽ پوءِ هن ملڪ جي راڻن ۽ راڻين پنهنجي رعيت، نوڪرياڻين ۽ ٻانهين سان جيڪو سلوڪ ڪيو هو انهن مان ڪجھ جا اهڃاڻ هنن خوابن، رهجي ويل حسرتن، معذور سوچن جي صورت ۾ سجائي فخر لائق بنائي رکيا ويا آهن.

هي قطارن ۾ سجايل ڍانچا اصل ۾ شاعرن جون تشبيهون، ڪهاڻيڪارن جي اکين ۾ ٻوڙي ٻوڙي ڪريل خوددار ڪردار ۽ گائڪن جي گلي ۾ اٽڪي پيل سُر هئا جيڪي انهن جي موت کان پوءِ منتشر ٿيا. انهن کي اتي ئي رکيو ويو آهي.....

* * *

آخر ۾ جڏهن هي سڄو عجائب گهر گهمي نڪتو ته هن جي ٻِلن جي گُهٻن تي وهندڙ لڙڪن جا نيسارا هئا ۽ ڪيس ننڊپڻ جو اهو پوائنٽو خواب ياد اچي ويو هو جنهن ۾ هي اڏامندڙ پري تي سوار هو ۽ ڪٿان اوچتي تير هن جي خوابن جي پري کي گهائي ڇڏيو هو ۽ اها چانڊوڪي رات ۾ هن سميت ڪنهن ڍنڍ جي ڪناري تي پرزا پرزا ٿي ڪري

هئي ۽ هي ڪيترن سالن تائين ان ئي ياد ۾ رات جو ڇرڪ ڀري پنهنجي اڱڻ تي دانهون ڪندو ڊوڙڻ لڳندو هو.

هن ڪي تاثراتي نوٽبوڪ تي تاثرات قلم بند ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن پنهنجون آڱريون ڏيکاريون جيڪي سُن ٿيل هيون، ڪيس ڳالهائڻ جو چيو ويو ته هن اشارن سان ٻڌايو ته هن جي زبان لفظ اچارڻ ڪا قاصر هئي. ۽ پوءِ راوي ڏٺو ته سندس ڳلن جي کُهڻ تي لڙڪ اچا تائين آلا هئا ۽ هي لڳاتار سوچ ۾ ٻڏل هو . . .

* * * * * * * *

# هڪ گمنام ماڻهوءَ جو موت

توڙي جو هن جو موت ڪنهن ڪان بہ ڳجهو نہ رهيو هو پر روايتي بي حسيءَ ۾ سندس موت ڪي جاڻي واڻي فطري موت ڪان قتل تائين ويچاريو پي ويو. "گمنام ماڻهو جو موت ۾ بس."
زندگيءَ جي سڄي ڪار ونهوار ۾ هوُ پنهنجي سيني دوستن ۾ مٿن مائٽن آڏو انتهائي بزدل رهيو. سندس ڪل جهڙين حرڪتن ڪي هر ماڻهو نظرانداز ڪندو رهيو، پر هوُ گهڻو وقت پاڻ ڪي بچائي نہ سگهيو.
هوُ ان رات الائي ڇا ڪائي ستو هو ۾ صبح جو ڪيس سندس بستري تي مئل ڏٺو ويو. هوُ روزانو وانگر جڏهن صبح جو نہ اٿيو تہ پاڙي واري عورت ڪي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي ۾ هوءَ بي عورت ساڻ ڪري، پاڙي وارن جون نظرون لڪائي سندس در تي پهتي. جڏهن در کڙڪائڻ تي بہ ڪو جواب نہ مليو تہ اوچتو سڄي پاڙي ۾ هُل مچي ويو.
هن لاءِ ڪو بہ ڳوڙهو نہ وهيو ۾ نہ ئي ڪنهن "انا للہ و انا عليہ راجعون" چيو. سندس لاش بہ جڻ پاڙي تي بوجهہ هو نہ تہ ساڻس ڪنهن جي بہ همدردي نہ رهي هئي. خودڪشي جي خبر بہ تڏهن پئي جڏهن سندس پاسي واري ڪيسي مان هڪڙو ڪاغذ ڪڍي پڙهيو ويو.
جنهن ماڻهوءَ اها ڇني پڙهي سو پنهنجي لڙڪن ڪي روڪي نہ سگهيو پر هن ڪان بي انتها نفرت ڪندڙ ماڻهو خط پڙهندڙ جي چريائپ تي کلي رهيا هئا.

* * * * * * * *

گمنامي جي زندگي ڪيس سيني ڪان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو هو. سيني مائٽن ڪيس پنهنجي حالت تي ڇڏي ڏنو. هوُ رشتن جو محتاج نہ رهيو هو ان ڪري گذر سفر واري وقت ڪان پوءِ هوُ سدائين گمنام ئي رهيو. بي پرواهي جي عالم ۾ هوُ علائقي جي گهٽين مان چپ چاپ گذري ويندو هو. پارڪ، گلن، وڻن جي ڇانو، ڪتابن ۾ تنهائي سان سندس دوستي هئي. ظاهري طور تي هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪي بہ ڪو ڏک نہ رسايو هو. سندس ڏوهہ صرف تنهائي هئي جنهن ڪان هو الڳ نہ ٿي سگهيو. آخري ڏينهن ۾ جڏهن بہ ڪنهن ساڻس ڳالهائڻ چاهيو تہ هن سدائين مرڪي ڪجهہ چوڻ ڪان لنوائي ٿي ڇڏيو. بس اها مرڪ ماڻهن ڪي ڏکي لڳي. هنن سدائين ان مسڪراهٽ ڪي پاڻ تي طنز سمجهيو ۾ پوءِ هر گهٽي ۾ گام تي هو جڏهن ۾ جتي بہ مرڪيو اتي جڻ تہ هن دشمني جو ٻج ڇٽيو. مرڻ ڪان صرف هڪ رات اڳ بهار جي پهرين هلڪي بوند ۾ ڪيس پنهنجي مختصر اڱڻ تي هلندي ڏٺو ويو هو. هلڪي هلڪي بوند ۾ هوُ ڏاڍو پرسڪون نموني هلي رهيو هو.

سندس پاڙي واريءَ ته مڙس آڏو اهو به چئي ڏنو ته : "بکيو هوندو. هن ضرور اڄ ماني نه کاڌي هوندي. ان کري رات جو مينهن جي وسڪار ۾ به اڱڻ تي هلي رهيو آهي."
پوءِ هن پنهنجي مڙس کي ڏيڍ ماني ۽ وٽيءَ ۾ دال ڏني ته هوُ وجي ڪيس ڏئي اچي. پوءِ هُن ائين ڪرڻ لاءِ وجي سندس در کڙڪايو. هن جي تنهائي دوران ايندڙ خيالن کي ڪنهن ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. هُن پنهنجي پيٽ تي هٿ رکيو. ڪيس لڳو ته هو به اڌ تي ويو آهي.
پوءِ هوُ در تي آيو ۽ پاڙي واري جي حرڪت تي ڏاڍو لڄي ٿيو پر هُو ڪيس ڪجهه به چئي نه سگهيو. بي انتها تڪليف واري حالت ۾ به هو مرڪيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيو.
پاڙي واري جي چوڻ موجب: "هوُ وڏو انا پرست آهي. شرم نٿو اچيس. بک پلا ڪنهن جي مائٽياڻي آهي. انُ نوُر موٽائڻ اسان جي روايتن جي خلاف آهي." پوءِ هن پنهنجي زال آڏو الائي ڪيترو بد شد ڳالهايو ۽ سندس زال ورندي ڏيڻ کان سواءِ ئي ڪمري ۾ هلي وئي.
پوءِ جڏهن سندس مڙس مينهن ڦڙين کان بيزاري ڏيکاريندي ڪمري ۾ قميص لاهي هنڌ تي آهلي پيو ته سندس زال الائي ڪيڏي مهل ٻاهر اڱڻ تي نڪري آئي. ڪنوڻ جي هلڪي جهٽڪي تي هن اوڏانهن نهاريو ۽ پوءِ مٿي آسمان ڏي ڏٺو. پوءِ هُن جون نظرون پاڻ مرادو نندي پٽ جي هن پار هليون ويون ۽ هوءَ ڪيس ڏسندي رهي. مختصر اڱڻ تي سندس ڪڄندڙ قدم بلڪل بي آواز هئا. هوُ لڳاتار هلي رهيو هو.
عرصي پڄاڻان هن کي الائي ڇو خيال آيو ته هوُ ڏانهس نهاري. رات جي ان وقت هو زبان سان نه سهي اکين سان ئي ڪجهه ڳالهائي ته جيئن هُو سندس تنهائي کي گهٽائي ڪيس ڪا آٿت ڏئي سگهي. پر هُوءَ دير دير تائين نهارڻ کان پوءِ به ناڪام رهي. سندس ڪنڌ معمول وانگر جهڪيل ئي رهيو. هن پنهنجي گهڙامنجيءَ تي رکيل دلن جي ڏڪڻ لهڻ ۽ گلاس جي آواز تي سندس ڌيان ڇڪائڻ چاهيو پر ڪيس احساس ٿيو ته سندس مڙس جاڳي رهيو هوندو. "خوام خواه جي شڪ تي . . . ." ۽ هن پنهنجو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. سندس سنهڙو چولو مينهن ۾ پسي ويو هو پر هوءَ پگهر ۾ شل تي رهي هئي.

* * * * * * *

هن جي لاش کي تڙ ڏيندڙ مُلي کان ٻن پاڙيسرين ۽ مائٽن تائين ڪنهن به ڪو تبصرو نه ڪيو. ڪلمن ۽ صلواتن جي ورد تي ڪيس تڙ ڏنو ويو. تڙ واري تختي کان ٿوري وٿي تي کٽ تي ڪفن ۾ ويڙهيل هن جو لاش رکيو ويو. قبر کوٽجي وڃڻ جي اطلاع تي ماڻهن سندس کٽ کي ڪلهو ڏنو ۽ ساڳين ئي ڪلهن تي کٽ هلڪن ڇيڪتن سان مسجد جي اڳر تي لاٿي وئي. مولانا کان سواءِ صرف ٻن ماڻهن جنازي نماز پڙهي، رسمي طور تي

هن جو منهن ڏنو ۽ وري کٽ ساڄين ڪلهن تي آئي. مولانا پنهنجي ڏاڙهي تي هٿ ڦيريو "سبحان الله سبحان الله".
سڀني واٽ ڪلمي ۽ صلوات جي ورد تي کٽ کي ٻيهر لاٿو ويو. ڳوٺ جي ماستر سامي ۾ لهي دعا گهري ۽ لاش کي آهستي آهستي قبر ۾ هيٺ لاٿو ويو. ڪچي گاري سان سرن کي بيهاري پنجو هيٺ لاٿو ويو. قبر ٺهي چڪي هئي. کٽ تي رلي ۽ ٻه اجرڪون پيون هيون. ماستر ٻيهر دعا گهري. آخري ڀيرو مٽيءَ جي ڍڳ کي ڏنو ۽ ڪانڌي روايت جي بلڪل ابتڙ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا.

* * * * * * *

پاڙي واري عورت هن جي گهر وجي سندس کٽ، بستري، ڪتابن، ٽڙ پکڙ ڪاغذن ۽ ٻتيءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ هُن پنهنجي پويان نهاريو ۽ فريم ۾ پنهنجي پاڻ کي سجاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪڙي پڇاتاءَ جي لهر سندس جسم ۾ ڊوڙي وئي. هن تصوير وارو فريم لاٿو، در ٻيڪڙي تصوير ڪڍي پنهنجي ڇاتي سان لڳائي ڇڏي. سندس دل تيز تيز ڌڙڪي رهي هئي. هن پنهنجي اندر جي شڪ کي دٻائڻ چاهيو پر اهو خوف ٻنجي هن جي اکين ڪان سندس رڳ رڳ ۾ ڊوڙي رهيو هو. هوُءَ اها تصوير پنهنجي مڙس ڪان لڪائڻ ۾ ڪامياب وئي پر پنهنجي اندر کي مطمئن نه ڪري سگهي.

* * * * * * *

ٻئي ڏينهن سندس مڙس تبصرو ڪندي چيو ته فلاڻو بيوقوف هن نياڳي جي ڪيسي مان مليل ڪاڳر کي چنبڙي بلڪن چرين وانگر ديواني وار روئي رهيو هو ۽ سڀ ڪانڌي مٺس کلي رهيا هئا.
"بيوقوف! اهڙا واهيات ۽ ڪميڻا ماڻهو ٻه زنده آهن جيڪي هڪڙي غليظ ماڻهوءَ جي موت تي روئين ٿا. ڪُتن جي موت تي پلا ڪير روئيندو؟"
هن جي زال جي اندر ۾ اهو ڪٽڪو ويتر وڌي ويو ته ان ڪاڳر ۾ ڇا ٿو تي سگهي، جيڪو هن آخري امانت طور پنهنجي ڪيسي ۾ ڇڏيو. ڪنهن ڳالهه ڪُلي وڃڻ جي ڪٽڪي ڪيس ويتر بي چين بنائي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪجي منجهند جو هوءَ اُن شخص جي زال ڏانهن هلي آئي. اها پنهنجي ٻار کي کٽ ۾ ٻڌل جهوليءَ ۾ لوڏي رهي هئي. ڌاڳو آر ۾ چنبڙيل هو ۽ ڪپڙو سندس جهوليءَ ۾ پيو هو. هن جي اچڻ تي ڪيس ڪو ٻه ڪٽڪو نه ٿيو. هن پنهنجي مڙس پاران ٻڌايل ڳالهه ۽ چني کي امانت سمجهي محفوظ ڪري ڇڏيو هو.

هوءَ ويٺي. ڪمري جي سيني پٽين ڏي نهاريو. ٻار جو پڇيو ۽ پوءِ چيو: ”ويچارو فلاڻو ٻه گذاري ويو. . . . پويان ڪير روئڻ وارو ٻه ڪو نه هئس. هُن ته زندگي ۾ ڪنهن کي ٻه ڪو نه ڏکويو پر ماڻهن هن مان عيب ڪڍيا، ۽ هميشه ڪيس بد شد ڳالهايو.“

پوءِ ٻئي پنهنجي اکين کي روڪي نه سگهيون. ڪمري ۾ هنن جي ساهه جي سهڪن ۽ سڏڪن خاموشيءَ کي ٽوڙي پي ڇڏيو. ڪجهه گهڙين جي خاموشي کان پوءِ هن ساڻس حال اوريو: ”چون ٿا ته هن جي ڪيسي مان ڪا چٺي ملي هئي، جيڪا خدا ڄاڻي ڇا بابت آهي.“

هوءَ وئي ۽ پنهنجي مڙس جي ٽنگيل پراڻي ڪوٽ جي ڪيسي مان اهو ڪاڳر ڪڍي آئي. ڪاڳر بلڪل صاف هو.

هن چيو ته ”منهنجو مڙس چوندو هو ته فلاڻو ڏاڍو خود دار آهي پر ماڻهو سندس باوقار شخصيت مان ٻه عيب ڪڍن ٿا. ماڻهن جي خوامخواهه جي نفرتن ڪيس ڏڪاري ڇڏيو هو.“

پوءِ هن ڏٺو ته هوءَ پيلپائي جي اوٽ ۾ اهو ڪاڳر پڙهي رهي هئي ۽ سندس ڳلن تان وهندڙ لڙڪن جا نشان گهرا ٿيندا پي ويا.

”زيبا!

آئون مري رهيو آهيان. بلڪل تنهائي ۽ گمنامي جو موت. پنهنجي زندگي جي آخري هڏڪي محسوس ڪرڻ منهنجي خواهش هئي. توکي ته خبر آهي ته مون هر موڙ تي مرڪڻ چاهيو پر دنيا منهنجي کلڻ مان ٻه خطائون ڳوليون. خدا ڄاڻي خطائون ڇا ٿينديون آهن ۽ مون کان ڪهڙيون خطائون ٿيون، جن مون کي نفرتن سهڻ لاءِ مجبور ڪيو. مونکي خوشي آهي ته آئون تنهنجي پاڪرن جي خوشبوءِ کي پنهنجي ساهن سان سمائي سگهيس. تنهنجون مجبوريون . . . . خير! تنهنجو تعلق ٻه ان ئي سماج سان هو. هنن لفظن کي پڇتاءُ نه سمجهيو وڃي. توکي پنهنجي زندگي جون ساريون خوشيون نيبهه هجن.

مرڻ جي اظهار لاءِ تنهنجي نالي جي چوند ڪرڻ منهنجي الائي ڪهڙي مجبوري هئي.

فلاڻو.“

* * * * * * *

هوءَ اهو ڪاڳر ڪڍي گهر آئي ۽ اڪيلائي ۾ روئي رهي هئي. هڪ لمحي ته خود سندس مڙس ٻه سندس اکين ۾ لڙڪ ڏسي ان جو سبب پڇيو. پر هوُ سمجهي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته ان شخص سان سندن ظاهري طور تي ڪو ٻه تعلق نه هو.

هن پنهنجي ڏيءَ جي گڏيءَ ڏي ڏٺو ته ان جون ٻئي ٽنگون ۽ هڪڙي ٻانهن پگهل هئي. کيس خيال آيو ته ڏيءَ ساٿس نئين گڏي وٺي ڏيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي ۽ چيو هو ته کيس بلڪل ان جهڙي گڏي گهرجي. پر ڇاڪاڻ ته کيس اجا پگهار جا پئسا نه مليا هئا ان ڪري هوُ ڏيءَ جي خواهش پوري نه ڪري سگهيو. " افسوس صد افسوس!" هن جي چپن مان لفظ نڪتا ۽ پوءِ هن ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي اکيون پوري ڇڏيون.

۽ هُن جي اکين ۾ ڪو پڇتاءُ هو جيڪو لڙڪن جي صورت ۾ هن جي ڳلن تان ٽمندو رهيو.

* * * * * * * *

# پاڳل

**ڏيک پهريون:**

هوُ ڊائريڪٽر کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته آخرڪار هن ڊرامي جو اهم ڪردار جيڪڏهن سماجي دٻاءَ تحت آپگهات ڪرڻ چاهي ٿو ته آئون هُن کي بچائڻ جي ڪوشش ڇو ڪريان. سندس خيال هو ته پوءِ هن ڊرامي جي اهميت ختم ٿي ويندي. هن جو آپگهات اصل ۾ سماجي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪليو احتجاج آهي جنهن جو هن کي حق آهي.

پر ڊائريڪٽر جو چوڻ هو "ته نه صرف اهو ته هن ڪردار جي آپگهات بدران سندس شادي پوڙهي مائي سان ڏيکاري وڃي، پر شاديءَ جي رات ڪيس ڪاري ڪري مارڻ پڻ ڏيکاريو وڃي".

هن ڏٺو ته ڊائريڪٽر ڏاڍو جذباتي لڳو پيو هو.

ڊائريڪٽر جو چوڻ هو ته "اها ئي اصل ۾ اڄ جي سنڌ جي تصوير آهي. سڄي سنڌ ڪاري آهي ان لاءِ هر ڪهاڙيءَ جي آجيان ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته ڊرامي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ان جي اصل رُوح کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي. توهان ليکڪن کي ڪپي ته سنڌ جي غيرت کي سمجهو ۽ ان عظيم تصور کي همٿايو. ٻي صورت ۾ اسان پنهنجي قديم ثقافت کي تباهه ڪري ويهنداسين."

ٽڏي روم ۾ اهي ڳالهيون ٻڌندي هن ڪيترائي پيرا پگهر اُگهيو پر ڊائريڪٽر کي قائل نه ڪري سگهيو ۽ نيٺ هوُ اهو سوچي اٿيو ته ان ڪهاڻي تي هُو وڏيڪ ڪم ڪري ٻيهر ڏيکاريندو.

* * * *

**ڏيک ٻيو:**

"توهان ليکڪ ٻه عجيب خلائن ۾ سفر ڪيو ٿا. ڀلا هن علائقي جي ماڻهن کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

منهنجو مطلب آهي ته . . . . "

ڊائريڪٽر سگريٽ دکايو ۽ لمحي لاءِ ڪرسيءَ تي آهلجي ڊونهون اڇلايو. پوءِ هُن سگريٽ کي ايشٽري جي وٽ تي رکي انهن آڱرين ۾ پين ڪٽي چيو: "انهيءَ شيدي کي هيرو ڏيکارڻ سڄي سماج جي توهين آهي. شيدي، ڪمپيوٽر، ڊسڪو ڊانس؟ منهنجو مطلب آهي ته سنڌي ماڻهو کي ڪمپيوٽر جي ويجهو ڏيکارڻ اسان کي سيڪاريو ئي نه ويو آهي. ان سان منهنجي نوڪري تيل ٿي سگهي ٿي، جناب!"

"منهنجو خيال آهي ته شيدي کي ڪمپيوٽر جي پرسان ڏيکارڻ بدران ڏڳي گاڏي تي وينل ڏيکاريو وڃي. ڏڳي گاڏي سنڌ جي ثقافت ۽ ترقي جي علامت آهي. توهان منهنجي ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. هن ملڪ جا شيدي ڊرامن جا هيرو نٿا ٿي سگهن. مهرباني ڪري اهڙي انقلابي مشق منهنجي آفيس بدران پنهنجي گهر ۾ وڃي ڪريو ته توهان کي خبر پوندي ته هن سماج جا هيرا ڪير ٿي سگهن ٿا." ڊائريڪٽر جو سگريٽ لڳاتار ايشٽري جي وٽ تي جلي رهيو هو.

"ڊائريڪٽر صاحب! آئون چوان ٿو ته اهي شيدي ئي اصل ۾هن سماج جا هيرا آهن. اسان جي ثقافت اجاگر ڪرڻ ۾ انهن جو اهم ڪرار رهيو آهي. هن ڪهاڻي ۾ مُگرمان کان ڪميوٽر تائين هڪ شيدي جو سفر آهي. منهنجو هيرو عظيم انسان آهي جنهن کي مون ويجهي کان ڏٺو آهي. ماسي حوُر شيدڻ هيرو جي ماءُ جو تصوراتي ڪردار آهي. اها عورت اسان جي هن مرندڙ سماج ۾ رُوح ڦوڪي ان کي زندگي ڏيارڻ جي تمنا رکي ٿي. بهرحال مونکي افسوس آهي ته آئون توهان کي قائل نه ڪري سگهيس. خدا حافظ!"

هوُ اٿيو ته ڊائريڪٽر طنز سان پرپور ٺهڪ ڏئي ڪرسي تي آهلي پيو.

* * * *

**ڏيک ٽيون:**

"ڊائريڪٽر صاحب! منهنجي هن ڊرامي جو ولن هڪ نابين آهي. هن وحشي سماج جو اهو باغي ڪردار جنهن کي توهان ڪو به نالو ڏئي سگهو ٿا. آئون چوان ٿو ته هن ۾ خداداد صلاحيتون آهن. هوُ ڳائي به سگهي ٿو، روئي به سگهي ٿو، تقرير به ڪري سگهي ٿو، دُهل وڄائي عوام کي به گڏ ڪري سگهي ٿو، پر رڳو هوُ پنهنجي زال کان ڊڄي ٿو. ان ڪري شُوٽنگ دوران جيڪڏهن سندس زال کي خبر پئي ته مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو."

ڊائريڪٽر صاحب! هن ڊرامي جي اهم ڳالهه اها آهي ته منهنجي هن ڊرامي جو هيرو پينگي آهي، جنهنجي عشقيا شادي هڪ الڳ داستان آهي. هوُ صبح جي ڪم ڪار ڪان واندو ٿي جڏهن شام جو عاليشان ڪپڙا پائي گهران نڪري ٿو ته دُ نيا جون ڏنڊين آگريون اچيو وڃن. هنن جي هڪ ڏينهن جي هڙتال تي سڄو شهر ڊونڊ بڻجي وڃي ٿو،” هن پنهنجي ڪهاڻي جي هڪ لائين ٻڌائيندي فخر سان مرڪي ڏنو.

ڪيس پڪ هئي ته ڊائريڪٽر هن زبردست خيال سان قائل ٿي چڪو هوندو پر هُن جڏهن منهن تان ٻُڪ هٽايو ته ٿهڪن ۾ اٿوڙجي رهيو هو ۽ هي خاموش ٿي ويو.

ڪيس ذهن ۾ آيو ته ڊائريڪٽر کان پڇي ته ڪهڙوسبب آهي جو انڌا ولن نٽا ٿي سگهن ۽ پينگي هيرا نٽا ٿي سگهن.

پر ان کان اڳ ڊائريڪٽر سوال ڪيو: “ليکڪ صاحب! اهو ٻڌائينداو ته ڊرامي جي ميدان ۾ توهان جو ڪيترو تجربو آهي؟”

“ڊائريڪٽر صاحب! منهنجي 37 سالن جي زندگي هڪ ليبارٽري آهي جتي بنا ساهيءَ جي تجربا ٿيندا رهن ٿا. اصل ۾ آئون ڪتابن جا جلد ٻڌندو آهيان. ڦاٽل ڪتابن کي نئون روپ ڏئي چڏيندو آهيان. مون دنيا جو ادب پڙهيو آهي ۽ هاڻي آئون ان کي انٽرنيٽ جي اک سان ڏسان ٿو. اصل ۾ مونکي خيال آيو ته آئون ڪو بنهه نئون خيال متعارف ڪرائي ٿي وي جي ڊرامي ۾ ڪا تبديلي آڻي سگهان. پر افسوس . . .!

هن لمحي لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪري، ڪوليون ۽ چپ ٿي ويو.

ڊائريڪٽر فون جو نمبر ملائي چانهن جو آرڊر ڏنو ۽ سوچ ئي سوچ ۾ ويني اداڪاري ڪرڻ لڳو.

ليکڪ صاحب! توڙي جو آرٽ ۽ ادب وڏي شيءَ آهي پر اهو سچ آهي ته مون زندگي ۾ پنهنجي پياري ماءُ کي به ڪڏهن خط جو جواب نه ڏنو ۽ نه ئي ڪڏهن ڪو مضمون لکي ڪنهن اخبار ۾ ڇپرايو. پر بهرحال آئون توهان کان وڌيڪ تجربو رکان ٿو. هڪ ئي ڪمري ۾ سڀ سيٽ رکڻ، ڪردارن جي چونڊ ۽ ڪين هدايتون ڏيڻ ۽ ڊرامو ريڪارڊ ڪرڻ وڏو ڏکيو ڪم آهي، جيڪو اڪيلو سر انجام ڏيان ٿو. آئون پاڻ گدڙ جي اُوناڙ ڪري سگهان ٿو. تون يقين ڪر ته آئون هر ڪردار ادا ڪري سگهان ٿو. وڏيري، پوليس واري ۽ ماستر جي ڪردار جي لاءِ ايتري مشق جي ضرورت ناهي.”

هُو اطمينان سان ڊائريڪٽر جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. هن چانهن به پيتي. پر هن کان سوال ڪرڻ جي همت نه ڪري سگهيو.

“ اصل ۾ اسان جي ليکڪ جو ذهن سڪي ويل ڍنڍ وانگر آهي جتي هاڻي نه ڪو ٻوٽو اڀري سگهي ٿو ۽ نه ئي ڪو پياسو پکي اتان اڃ اجهائي سگهي ٿو. مون کي لڳو ته توهان

۾ لکڻ جي سگهہ تہ آهي پر توهان جو خيال ڪمزور آهي، ان لاءِ توهان ڪي وڏيڪ مشق ڪرڻ جي ضرورت آهي. مون کي افسوس آهي تہ اها ڪهاڻي هتي هلي نہ سگهندي. . . .
هن ڪي لڳو تہ ڪو ڌماڪو ٿيو آهي ۽ هي دونهين ۾ جلي رهيو آهي. هن لمحي لاءِ اکيون پوري مٿي نهاريو تہ ڊائريڪٽر جواب جو انتظار ڪري رهيو هو ۽ هي خاموشي سان تڪيندو ئي رهيو.

* * * *

## ڏيک چوٿون:

ليکڪ صاحب! توهان يقيني طور تي نوان ليکڪ آهيو ۽ آئون توهان جي آجيان ڪريان ٿو. سچي ڳالهہ اها آهي تہ ڊرامو ۽ ڪهاڻي هڪ فن آهي توهان لاءِ عرض آهي تہ پرسان پٽ تي لڳل هن چارٽ ڪي نظر مان ڪڍي وٺو. اهو چارٽ ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر جي سمجهوتي لاءِ هڪ مضبوط "گائيڊلائين" آهي.
ليکڪ ڪرسي تان اٿي بہ قدم پوئتي هٽي ان چارٽ جي ويجهو آيو ۽ ڊائريڪٽر بہ اچي بيٺو ۽ چيو تہ هي جيڪو نقشو آهي ان کان ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. هي نقشو اصل ۾ هڪ ايبنارمل ڪڪڙ جو بيضو آهي جيڪو ڦڏو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسان ڪي هتي جيڪا حقيقت سمجهائي وئي آهي ان مطابق هر ماڻهو عيبدار آهي. اسان صرف سماج جون خاميون ڏيکاري سگهون ٿا، پر تعمير ڪرڻ اسان جو ڪم ناهي. يعني هاريءَ جو ڏاٽو، پنگي جو ٻهارو، شيديءَ جو مُگرمان، ڪارئي جي ڪهاڙي، لوهار جو وڏاڻ، واڍي جو واهلو ۽ ڪنيار جو چڪ انقلاب ۽ جدوجهد جون علامتون آهن. مون کي سخت افسوس آهي تہ اسان اهي ڪردار نٽا ڏيکاري سگهون. ان ڪري معاف ڪجو سنڌ جي مستقبل جو نقشو اهو ڦڏو بيضو آهي جنهن تي اسان ڪم ڪري رهيا آهيون. هي جيڪو شينهن جو چهرو زخمي نظر اچي ٿو اهو هتي اسان جي وڏن جي ڪيل غلطين جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن مان اسان کي سبق حاصل ڪري اڳتي وڌڻو آهي. ان ڪري اسان جون ذميواريون تبديل ڪيون ويون آهن. اسان جي ليکڪن کي سمجهڻ کپي تہ اسان جو سماج پوئتي پيل آهي ۽ سماجي ضرورتن تحت اسان کي اهڙو ڊرامو کپي جنهن جو هيرو اهڙو هجي جيڪو هيروئن کي ڇُهي نہ سگهي. ماستر، پوليس وارو، وڏيرو ۽ ڪمدار اسان جي ثقافت آهن انهن کي جيئرو رکڻ جي شديد ضرورت آهي.
هن ڏنو تہ ڊائريڪٽر ڏکي رهيو هو.

ڊائريڪٽر صاحب! مونکي افسوس آهي تہ آئون جيڪا ڪهاڻي ڪٽي آيو آهيان ان جو هيرو هڪ موڙ تي اچي پاڳل ٿي وڃي ٿو. اهو پاڳل هن سماج جي بي حسي جي زندهہ تصوير آهي تہ ڪيئن هڪ بي عيب ماڻهو کي ڌڪاري ۽ اذيتون ڏئي پاڳل بنايو وڃي ٿو. پر مونکي افسوس آهي تہ آئون هن ڪردار کي پاڳل ٿيڻ ۽ پوءِ ڪيس آپگهات کان بچائي نٿو سگهان. ڇاڪاڻ تہ شايد هن ڪردار وٽ ڪو بہ رستو نٿو بچي تہ هو زندگي کي وڏيک سمجهڻ لاءِ زندهہ رهي سگهي

هن ڏنو تہ ڊائريڪٽر هن جي پاڳل ڪردار وانگر ٿهڪ ڏئي رهيو هو. هن جي عجيب طنز ۽ خوفناڪ ٿهڪن کان ڊڄي ليڪڪ ڪمري کان نڪري ٻاهرئين گيٽ ڏانهن تيز تيز وڌڻ لڳي ٿو ۽ خوفناڪ ٿهڪ سندس پيڇو ڪندا رهن ٿا.

* * * *

# ڪئميرا، عڪس ۽ زندگي

هو هڪٻئي جي پنيان اتي پهچندا، گڏ ٿيندا ٿي ويا، ان ڪري اها خواهش ڪنهن جي ب پوري نہ ٿي سگهي تہ اهو فوٽو صرف ڪنهن هڪ اخبار ۾ ئي ڇپجي سگهي ٿو.
مئل شخص جو ڌڙ ۽ مُنڍي ڌار هئا. هنن سيني پنهنجون ڪئميرائون تيار ڪيون. فليش جا جهٽڪا هڪڙو ماحول بنائي رهيا هئا. پر بهرحال ان تي بحث جاري هو تہ اها منڍي ۽ ڌڙ ڪيئن ۽ ڪهڙي پاسي رکجن تہ جيئن بهتر فوٽو ڪڍي سگهجي.
"منهنجو خيال آهي تہ هن ڌڙ ۽ منڍيءَ کي ڪنهن طرح جوڙيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڌڙ ۽ منڍي ڌار هئڻ واري تصوير ڏاڍي ڀوائتي ٿي سگهي ٿي ۽ منهنجي ڇوڪري هاڻي اهڙين تصويرن کان ڊڄي ٿي."
ٻئي چيو، "منهنجو خيال آهي تہ جيئن ڌڙ ۽ منڍي ڌار رکيا آهن اها ئي اصل تصوير ٿي سگهي ٿي. مصنوعيت کان ڪم نہ ورتو وڃي. جلدي ڪريو. تيسين شهر ۾ ٻيو ڪجهہ ٿي چڪو هوندو."
بحث هلندي ٻہ ٽي فوٽو گرافر پنهنجون ڪئميرائون اونڌيون سنئيون ڪري ، فليش جا جهٽڪا ڏئي وڃي چڪا هئا.

- * * * * * *

پريس ڪلب جي لان تي چانهہ پيئڻ دوران ڪيترائي ٺهڪ هن جي خوفزده روح کي وڌيڪ ڀوائتو بنائي رهيا هئا ۽ هوُ چڙڻ بدران ور ور ڏئي اهو ئي چئي رهيو هو:
"آئون قسم کڻي ٿو چوان تہ جيڪڏهن توهان اهي ڀوائتيون تصويرون نہ ڪڍندائو تہ ايڊيٽر توهان کي ڪجهہ نہ ڪري سگهندا. . . ."
ڳالهائيندي هوُ منجهي پيو ۽ ساہ جي سهڪي ۾ هوُ ڏاڍو بي چين لڳي رهيو هو، ۽ هوُ مٽس کلي رهيا هئا.
پوءِ نيٺ هڪڙي کيس چئي ڏنو تہ "جيڪڏهن تون هن شهر جي ايڏائيندڙ ۽ ڀوائتي تصوير نٿو ڪڍي سگهين تہ پوءِ وڃي رانديڪا کپاءُ. خوبصورت رانديڪا ڏسي تنهنجي ڌيءَ يقينن خوش ٿيندي."

“آئون تصوير ذريعي بهرحال گواهه نٿو بنجي سگهان. ڇاڪاڻ ته آئون نه قاتل جي سڃاڻپ ٿو ۽ نه مقتول جي. ان ڪري انهن تصويرن سان توهان جيڪو خوف پيدا ڪري رهيا آهيو ان جو ٿورو تصور ڪريو. توهين هن شهر جي ماحول ۾ وڏيڪ پوائيٽو بنائي رهيا آهيو.”
بحث هلندي موبائيل فون جون گهنٽيون وڄڻ لڳن ٿيون. سڀني مختلف لفظن ۾ اهو پيغام وصول ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌايو ته لياقت آباد جي چونا ڊپو وٽ ٻه لاش مليا آهن. بنا نمبر پليٽ هاءِ روف ۾ پيل اهي ٻئي لاش سڃاڻپ نه سگهيا آهن.
سڀ اوڏانهن روانا ٿيا. پوليس فوٽوگرافرن کان اڳ پهتي. اڳيا بيٺل فوٽوگرافر جو خيال هو ته لاشن جي ترتيب نيڪ ناهي ان ڪري پهرين انهن کي گڏ سمهاريو وڃي. هن مٿي چڙهي ٻنهي لاشن کي گڏوگڏ سمهاريو پر جڏهن هن فوڪس ورتو ته سندس خيال هو ته انهن جا چٿيل چهرا نيڪ نموني اچي نه سگهندا. ان ڪري ضروري آهي ته انهن چٿيل چهرن کي مٿيرو ڪري رکجي. هن هاءِ روف ۾ پيل ڪپڙي کي ڏنو ۽ پوءِ پر واري دڪان مان هڪڙي صندلي آڻي ٻنهي جا چهرا مٿي ڪيا. پر هو مطمئن نه ٿي سگهيا. هنن هاءِ روف جي درين، ڪاٻي ۽ ساڄي کان بيهي فوڪس ورتا ۽ پوءِ هليا ويا.
توڙي جو هن سڄي عمل ۾ هوُ به ساڻن گڏ هو پر ڪيس سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته هنن چٿيل چهرن جون تصويرون، هر لاش جي تصوير، هر سڙي ويل ڊانچي جي تصوير ڪڍڻ جي آخر ڪهڙي ضرورت آهي؟
“اخبار جي ضرورت ڇا آهي ۽ تاريخ کي ڪيئن محفوظ رکي سگهجي ٿو؟”
هوُ شديد بي چيني ۾ سوچي رهيو هو ته چٿيل لاشن جون تصويرون نه ڪڍڻ سان آخر اخبار جي مارڪيٽ کي ڪهڙو نقصان پوندو. پر هر وار هن جي راءِ زوردار ٺهڪن ۾ دٻجي ٿي وئي.
“نيڪ آهي جيڪڏهن توهان جي تصوير اخبار جي مارڪيٽ لاءِ انتهائي ضروري هي ته پوءِ جيئن آهي تيئن ڪڍي وڃي. انهن لاشن کي ڏيڍو ۽ پاسيرو ڪرڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ واري بي حرمتي نه ڪريو.”

“صحافي اڄ جو مورخ آهي. هر واقعي کي محفوظ ڪرڻ پنهنجي ذميواري آهي.”

- * * * * * *

پريس ڪلب جي هال ۾ ٽي وي تي وائيلڊ لائيف تي فيچر فلم هلي رهي هئي. ماهرن جو خيال هو ته نانگ فطرت جو حصو آهن پر نانگن جو نسل تيزي سان ختم ٿي رهيو آهي ۽

ماڻهو وڏيڪ ماحول دشمن ٿيندو پيو وڃي. هن کي اها ڳالهه نہ وڻي ۽ هن ميوزڪ چينل آن ڪيو. ميوزڪ ۽ رقص جي ردم تي سيني پنهنجي پنهنجي رومانس جو تصور ڪيو ۽ آهستي آهستي پنهنجي ئي پاڻ ۾ گم ٿيندا، ويڙهبا ۽ کُلندا رهيا. نيڪ ان وقت موبائيل فون جي گهنٽين سڄي رومانس واري ماحول کي بگاڙي ڇڏيو. سيني پنهنجا پنهنجا ميسيج ڏنا. هڪڙي ڪائونٽر ڏي ڊوڙ پائي نمبر ملايو "شير شاه جي علائقي مان ٻہ اهڙا لاش مليا آهن جن جا سڀ عضوا الڳ الڳ آهن. مختلف جاين تان ملندڙ عضون ۾ انهن جون منڍيون بهرحال اجا ملي نہ سگهيون آهن. پوليس ۽ مقامي رضاڪار اهي منڍيون ڳولي رهيا آهن."
سڀ فوٽوگرافر هڪٻئي جي پٺيان ان جاءِ تي پهچن ٿا جتي اهي عضوا گڏ ڪيا ويا آهن. هڪڙي جو خيال هو تہ "انتظار ڪريو. جڏهن منڍيون ملنديون تہ تصوير مڪمل ٿي سگهندي."
ٻئي جو خيال هو تہ "ننڍين ۽ وڏن عضون مان لڳي ٿو تہ ٻئي پيءُ ۽ پٽ آهن. سيني عضون کي هڪ جاءِ تي ڍير ڪيو وڃي تہ تصوير مڪمل ٿي سگهندي."
هڪڙي شام واري اخبار جي فوٽوگرافر تمام هوشياري سان ٻار جي ڍڍري جي تصوير ڪڍي ورتي ۽ چيو تہ "منهنجو خيال آهي تہ وڌيڪ انتظار ڪرڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي. ان ڪري فوري طور واپس هلڻ کپي."
ٻئي فوٽوگرافر پنهنجي هٿن سان انهن ٻنهي لاشن جي عضون کي ملائي فوڪس ورتو ۽ پوءِ چيو "هو صحيح پيو چوي تہ اجائي دير ٿيندي."
هن اسڪوٽر کي "ڪڪ" هنئي ۽ زوزاٽ ڪري هليو ويو. ڪجهہ ٻين بہ ٿوري انتظار کان پوءِ ڍڍرين جون تصويرون ڪڍيون ۽ هليا ويا.
"آئون عيسىٰ جو قسم کڻي چوان ٿو تہ هنن ماڻهن کي مرڻ نہ کپندو هو. پر افسوس تہ بي رحم قوتن کين وقت کان گهڻو اڳي قتل ڪري ڇڏيو." هن لمحي لاءِ اکيون پوريون ۽ چپ ٿي ويو.

- * * * * * *

پريس ڪلب پهچندي ئي هن کي اطلاع مليو تہ ڊفينس سوسائٽي ۾ هڪڙي خوبصورت ڇوڪري کي "ريپ" کان پوءِ قتل ڪيو ويو آهي. هن واردات واري هنڌ وڃي ڏٺو تہ خوبصورت پر اگهاڙي لاش جي تصوير ڪيئن ۽ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. هن سوچيو ۽ پوءِ هوُ بنا تصوير ڪڍڻ جي واپس هليو آيو ۽ ساٿي فوٽوگرافر کي چيو تہ هڪڙو اهڙو واقعو

ٽيو آهي جنهن کي محفوظ ڪرڻ کپي پر . . . . ! هوُ ڏکي رهيو هو. "هن ڇوڪريءَ جي ڪا بہ سڄاڻپ نہ ٿي سگهي آهي."

- * * * * * *

ٻئي ڏينهن جڏهن هوُ پريس ڪلب توڙي اخبار نہ پهتو تہ سندس دوست پريشان ٿي ويا ۽ پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ "گذريل ڏينهن حادثي کان پوءِ سول اسپتال جي مرده خاني ۾ پيل بي ترتيب ۽ ڪچليل لاشن جون تصويرون ڪڍڻ کان پوءِ مون کي لڳو تہ آئون هاڻي هتان مرده خاني مان نڪري نہ سگهندس. آئون ڇڻ تہ مسلسل ڊوڙي رهيو آهيان ۽ لاش منهنجو پيڇو ڪري رهيا آهن. آئون، لاش ۽ ڪيميرا". ڳالهائيندي سندس اکيون ڪليون رهجي ويون ۽ هوُ چپ ٿي ويو.

- * * * * * *

اڄ سينٽرل جيل ۾ ڦاهي اچڻ وارين تصويرن لاءِ سڄي رات جاڳڻ بہ هن جي ساڳي مجبوري هئي ۽ هوُ اها سڄي رات جاڳيو ۽ صبح جو سوير ڦاهي ايندڙ نوجوان کي ڦاسي گهاٽ ڏي نيئڻ دوران هنن کي لڳو تہ اهو نوجوان مايوس هو. هن جي چهري مان پڇتاءَ جون لهرون ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. فوٽوگرافر هن جي وکن جي ڳراڻ ۽ هن جي لوڏ سميت هر لمحي کي محفوظ ڪندا ٿي هليا ۽ ائين سرڪڻ، هن جي لٽڪيل لاش توڙي جيل کان ٻاهر نڪرڻ کان هن جي گهر واري گهٽيءَ ۾ گڏ ٿيل ماڻهن تائين آڏو ايندڙ مختلف ڪيفيتن کي سيني پنهنجي پنهنجي ليکي محفوظ ڪيو. سڀ پنهنجن اسڪوٽرن تي واپس ڪلب ڏانهن اچي رهيا هئا تہ اوچتو ڌماڪو ٿيو. اسڪوٽر ۽ هوُ الڳ الڳ وڃي ڪريا. هوُ هوش ۾ هو.
"اسان کي سخت افسوس آهي پيارا دوست! اسان تنهنجي ڪرڻ واري لمحي کي بہ محفوظ ڪري رهيا آهيون."
هن پنهنجي چوڌاري چمڪا ڏيندڙ ڪئميرائن کي ڏٺو ۽ چپ ٿي ويو.

* * * * * * * *

# تصوير نمبر1

اهي سيئي هن جي پئنٽنگ تي بحث ڪري رهيا هئا. مختصر نمائش ۾ لڳل اها تصوير اڪثر ماڻهن جي نظرن جو مرڪز هئي، ڇاڪاڻ ته ان ٻار جو ڪردار انتهائي اهم هو، جنهن جي ٻُڪ کان هندستان ۽ پاڪستان جا حڪمران بي خبر هئا. اهو ٻار انهن ٻنهي ملڪن ۾ ٻُک جي علامت هو.

“توهان جي پئنٽنگ ۾ رنگن کان وڌيڪ آمريڪي سربراه کي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي وات ۾ هڪڙي ٻڪڻي گولي نما سگار ۽ ان جي ٻنهين جي وچ ۾ گلوب هجي ها. . . . ٻي صورت ۾ هيءَ تصوير پنهنجو ڀرپور تاثر نٿي ڇڏي.”

ٻئي چيو“منهنجو خيال آهي ته ان تصوير ۾ حڪمرانن آڏو ان ماءُ جو درد ڏيکاريو ويو آهي جنهن جي پُٽ کي ڏاڙيلن ڀنگ نه ڏيڻ جي صورت ۾ قتل ڪري ڇڏيو ۽ اها ماءُ شهر جي گهٽين ۾ پٽ جي قاتلن کي پاراتا ڏيندي رهي ٿي.”

ٽئين چيو: “منهنجي خيال ۾ ان ٻار جي ٻُک واري ڪيهه جي قوت کي ڏيکارڻ لاءِ ضروري هو ته آسمان کي به اڌ ٽيندي ڏيکاريو وڃي ها.”

هو نمائش ۾ سندس تصويرن کي ڏسندي سيني جي راين کي به ٻڌي رهيو هو ۽ هر بار ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي رهيو ۽ پوءِ چيو: “آسمان دانگي ناهي جو ان کي لت هڻي يجي ڇڏيان. اپ کي توهان کو به نالو ڏئي سگهو ٿا. منهنجو خيال آهي ته هن تصوير جي موضوع کي سمجهڻ ضوري آهي. اصل ۾ مون پنهنجي ٻُک کي پئنٽ ڪيو آهي. اهو ٻار آئون پاڻ آهيان. هندستان ۽ پاڪستان منهنجي ڌرتي آهن. مون کي افسوس آهي ته توهان پنهنجي دل جي ترجماني به نٿا ڪري سگهو.”

هوُ سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ لائيٽر کڻي اٿڻ لڳو ته هڪ چيو: “جناب عالي! اسان توهان جي تصوير کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. منهنجو خيال آهي ته ڳالهين جي ميز ڏانهن وڌندڙ ٻنهي ملڪن جي علامتي ڪردارن کي هڪ ٻار جي ڪمزور ڪيهه تي ٽڙندو ڏيکاري آخر توهان ان ٻار کي ڇا ٿا ڏيکارڻ چاهيو؟”

“بلڪل درست.” ٻئي چيو: اسان جي سماج ۾ ٻار اهڙو جنسي رانديڪو آهي جنهن سان جنسي بک اجهائي وڃي ٿي. اهڙي نا اميد صورتحال ۾ اهو بهتر نه هو ته ٻار کي روئڻ بدران مرڪندو ڏيکاري پوري دنيا کي ڪو اميد جو پيغام ڏيو ها؟”

تصوير ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي ڳالهين جي ميز تي ٻنهي ملڪن جي جهندن ۾ ويڙهيل ميزائيل ڏيکاريل آهن. ٻئي حصي ۾ زنده پر ڏٻرا ۽ ٻُک وگهي مرندڙ ۽ بي حال ماڻهو ۽

سندن پرسان ڳجهون بينل ڏيڪاريل آهن. انهن ماڻهن جون نظرون ڳجهن ۾ آهن ڇاڪاڻ ته اهي سمجهي رهيا آهن ته اهي ڳجهون سندن موت جي انتظار ۾ آهن ۽ انهن جي اکين مان خوف جي ڀيانڪ تصوير نمايان آهي. ان تصوير جي ٽائيٽل تي صرف سواليه نشان آهن.

“اها موتمار مايوسي آهي جناب!”، هڪ چيو. “آخر هن تصوير ۾ بيوسيءَ کي اپاري توهان اسان جي ايندڙ نسلن کي ڇا ٽا ڏيڻ چاهيو؟ توهان ان موڙ تي گڏيل قومن جي پناهگيرن جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ اداري جو امدادي هٿ وڌندي ڏيکاريو ها.”

تصوير جي پسمنظر ۾ ٻرندڙ باه جي شعلن ۾ سڙندڙ پکيءَ ڏانهن اشارو ڪندي ٻئي چيو ته: “هتي ان پکيءَ جي بدران ڪنهن پلازا کي ڏيکاريو وڃي ها ۽ خوف ۾ ورتل ماڻهن جي ان باه جي شعلن خلاف ڪيفيت کي پئنٽ ڪيو ها. اهو ئي ته اصل آرٽ آهي.”

هن سگريٽ جي آخري حصي کي جانچي ڏٺو ۽ پوءِ اجلائي ٻيو سگريٽ ڪڍيو ۽ دکائڻ کان اڳ ۾ چيو ته: “اهو منهنجو احتجاج آهي. اها باه سوچ جي سرحدن تي لڳل آهي. اهو پکي تنهنجي، منهنجي ۽ هنن سڀني ماڻهن جي سوچ جي علامت آهي. آئون سوچن تي مڙهيل پابندين کي ٽوڙڻ جو حامي آهيان. توهان منهنجي هن خيال کي دنيا جي ڪنهن به نظرئي جو نالو ڏئي سگهو ٿا.”

ان تصوير جي هڪ ڪنڊ ۾ واريءَ جي پٽ جي ڪوپ ۾ بينل هڪ راوي سندس مٿان اڏامندڙ ايف _16 کي ڏسي چوي ٿو: “منهنجي هن ڏٻري ڊڳي کي گاه ۽ پاڻي گهرجي ۽ منهنجي پٽ کي تعليم ڪپي. آخر توهان هنن کي جديد ريدار سان ڇو پيٽي رهيا آهيو؟”

تصوير جي آخري حصي ۾ آمريڪي صدر پنهنجي آفيس ۾ رکيل انساني ڍانچي نما مجسمي ڏانهن گهوري رهيو آهي ۽ سندس وات ۾ جهليل سگار مان نڪرندڙ دونهون ان مجسمي ڏانهن وڌي رهيو آهي. دونهون جڏهن ڍانچي سان ٽڪرائي ٿو ته دونهين جي رنگ ۾ اڻ لکو نوٽ لکجي اچي ٿو: “ڪا اهڙي تخليق نئين ايجاد ڪري سگهجي جنهن ۾ انساني ڍانچي جو درست استعمال ڪيو وڃي؟ ائين هر ماڻهوءَ جو موت ڪان پوءِ مُلهه وڌي ويندو ۽ دنيا جي وڌندڙ غربت کي گهوگهو ڏئي سگهبو.”

هن پنهنجي سگريٽ مان لڳاتار ڪش هڻي دونهون اجلايو ۽ لمحي لاءِ چانئجي ويل خاموشي کي ٽوڙيو: “منهنجي هن خيال کي مڪمل نه سمجهيو وڃي.”

هي اڳتي نڪري ويو ۽ هو اجا تائين تصوير کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

* * * * * * * *

# تهذيب

هن جو چوڻ هو تہ اسان خوشنصيب آهيون تہ هزارين سالا پراڻي تهذيب جي قبرستان ۾ زندهہ آهيون. هيءَ ڏرتي پراڻي تهذيب جي خالق آهي. اسان کي فخر ڪرڻ جو جيڪو درس مليو آهي، اهو اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي ڪُليءَ دل سان ڳائي وڄائي منتقل ڪنداسين.

“توڙي جو اسان پنهنجي پنهنجي قبرن نما گهرن ۾ آهيون پر ايندڙ نسل کي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ اسان جي رهنمائي قبول ڪرڻي پوندي. اڄو تہ پنهنجي پوٽاڻ ۽ ڏوهٽاڻ کي همٿايون تہ اهي پنهنجي تاريخ مان سبق حاصل ڪن، حسب معمول وڏن جي پيروي ڪندي پنهنجي پراڻي تهذيب سان پيار ڪن”.

ٻئي چيو: “نئين نسل کي گمراهہ نہ ڪريو، ڪين ڇڏيو تہ پنهنجي واٽ تلاش ڪن، پنهنجي نئين تاريخ تخليق ڪن. انهن کي پکين سان پيار ڪرڻ جو درس ڏيو. ڪين ٻڌايو تہ وڻ ۽ ٻوٽا نہ وڍيو، آکيرا نہ ڦٽايو، پکين کي نہ ماريو، ۽ جانورن جو احترام ڪريو، هي گل ۽ انهن تي ڦرندڙ پونرا ۽ پوپٽ توهان جي امانت آهن ”.

“ٺيڪ آهي اسان وڏن کان ٻڌو هو تہ هيءَ تهذيب ٻين تهذيبن جي ماءُ آهي. اهي سڀ هن جي ڳرڀ مان نڪتيون هيون ۽ هن ئي تهذيب جي پينگهي ۾ لڏي وڏيون ٿيون آهن، پر هاڻي دور بدلجي ويو آهي. هاڻي اهو ياد ڪندي سڀ ڪجهہ وائکو ٿي چڪو آهي ۽ اها ڳالهہ هرو ڀرو اسان پنهنجي اولاد کي ڇو منتقل ڪيون تہ هو الجهي پنهنجي واٽ ئي وڃائي ويهن. ”

“نہ نہ اهو نہ ٿي سگهندو. جيڪڏهن ٻار پنهنجي سوچ ۾ گهٽو اڳتي نڪرندا تہ اسان جي ڏسيل راهہ وڃائي ويهندا. هنن کي پکين وارا پر نہ آهن پر اهي اڏامي ڪنهن ٻي سوچ جي جهان ۾ پهچي اصل راهہ وڃائي سگهن ٿا. اهي جهاز اڏائي نٽا سگهن پر تصور ۾ جهاز سان گڏ اڏامي سگهن ٿا. پر اسان ڪين اها تاڪيد ڪنداسين تہ صديون اڳي اسان جي وڏن پراڻي تهذيب تخليق ڪئي هئي، اسان ان جا وارث آهيون، جنهن تي دنيا کي فخر آهي!،” هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر چپن جي خشڪي ڪيس ساٿ نہ ڏئي سگهي.

* * * * * * *

پريان کو آواز آيو: “پينگهو نہ لوڏيو هاڻي اسان هن نئين تهذيب جا خالق بنجي رهيا آهيون. آهستي ڳالهايو. هيءَ نئين تهذيب سرجي رهي آهي. هن جو درياءَ سان کو بہ تعلق

ناهي. ان کي هلڻ ڏيو، تبديلي جي عمل کي نہ روڪيو، گرپ کي نہ ڪپيو، تهذيب کي سرجڻ ڏيو.”

“اسان کي نئين سماجي معاهدي جي تختي گلي ۾ لٽڪائي ترقي جي پُل تان گذرڻو آهي. اسان کي نئين ثقافت متعارف ڪرائڻي آهي. اچو تہ گڏجي زندگي جي رهڻ جي نئين ڍنگ جي چادر تاڻي سڪون سان سمهڻ ۽ تخليق جي سفر کي آسان بنايون.

هن نئين تخليق ٿيندڙ ٻار لاءِ دائي جون خدمتون وٺڻيون پونديون. پر خدا ڄاڻي! . . . .

هتي هن ڳوٺ جي ماڻهن جي ٻي چيني جي بہ هڪ الڳ ڪهاڻي آهي.

مسجدن مان پڙهو گونجيو: “قبرن کي هٽڻ سان نہ ماپيو ان لاءِ ٻيا زاويا گهرجن، تڪڙ نہ ڪريو سڀ قبرون هڪ جهڙيون ناهن. احتياط سان رهو. خاموشي توهانجي سڄي ڄمار رهنمائي ڪندي. وقت هٽڻ جي وٿين مان گذري رهيو آهي جيڪو واپس ڪو نہ ايندو. ۽ هاڻي بس، توهان هر وک سنڀالي ڪڻجو جو توهان تي وڏي ذميواري اچي رهي آهي.”

* * * * * * *

ان ڏينهن صبح جو سوير اعلان ٿيو هو تہ اڄ بادشاهي سواري نڪرڻ کان اڳ، پوپٽن کي اچڻو آهي جيڪي تازن گلن جي هٻڪار مان ونهنجي نڪرڻا آهن. هر ماڻهو رستو ڇڏي بيهي جو بادشاهي سواري نڪرڻي آهي ۽ گلن جو واس صرف شاهي سواري کي ملڻو آهي، ان ڪري خاطري ڪيو تہ پوپٽن کي ٿاهہ نہ پوي .

اهو اعلان ٻڌي هر ماڻهو پري پڄڻ لڳو. هاري ناري، ڏراڙ، پنهنوار، لاهيارا پنهنجي پنهنجي ڪرت ۾ لڳي ويا. شاهي سواري واري رستي کان وٿيرڪو ڪجهہ سهرا ڳائيندڙ عورتون پنهنجا سُر پڪا ڪري رهيون هيون تہ جيئن بادشاهہ جو آڌرڀاءُ ڪري سگهن.

هڪ بزرگ ڪنهن بہ آمد ۽ جشن کان بي پرواهہ اتي بينل وڻ جي لامن تي ٽنگيل نڪر جي ٿيين ۾ پکين لاءِ ان ۽ پاڻي رکي رهيو هو جنهن جي چوڌاري پکين جي لات هئي. هڪ تاري کان ٻي تائين پکين سان ڳالهائيندي، فطرت جي آوازن کي ڪنائيندي اهو بزرگ هيٺ لهي لمحي لاءِ بيهي رهيو هو

پر حيرت جي حد نہ رهي تہ پوپٽن پهچڻ کان اڳ ئي هو نمودار ٿيو. هن اعلان ڪيو تہ “ آئون هن رياست جو والي آهيان. اسان جي وڏن هن رياست جي لاءِ سدائين قربانيون ڏنيون آهن. مون کي بہ مسند تي ويهاريو ويو آهي پر سچ پڇيو تہ مون کي توهانجي هن پراڻي توڙي نئين تهذيب جي نالي سان ڪا بہ انسيت نہ رهي آهي. ”

“نيڪ آهي، تي سگهي ٿو تہ آئون بہ پنهنجي نئين زال مان پيدا ٿيندڙ ڌيءَ تي اهو نالو رکان. توهان جي مهرباني جو مون کي هن نالي کان متعارف ڪرايو. يقين ڪريو تہ آئون

پنهنجي مرضي سان هن نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ چوديواري کان ٻاهر نٿو نڪري سگهان. جڏهن بہ وارو اچي ٿو تہ سائرن جا آواز گونجن ٿا ۽ آئون سينگاريل پالڪي ۾ ويهي ٻين جي ڪلهن تي نڪران ٿو ۽ هر طرف هٿياربند آهن جن کان مون کي خوف ٿيندو آهي پر چاڪاڻ تہ آئون هن رياست جو والي آهيان. انڪري توهان سمجهي ويا هوندا . . . .!
ٺيڪ ان لمحي هڪ زخمي ماڻهو چنگهندو نمودار ٿيو.
"تون ڪير آهين؟"
"بادشاهہ سلامت! آئون ان پيٽ واري عورت جو روح آهيان، جنهن کي توهان جي ڪوٽ جي برج تان اوچتو بندوق مان نڪتل گولي گهائي وڌو هو. هن اذيتناڪ ڪيفيت ۾ آسمان ڏي هٿ ڪٽي پنهنجي پيٽ ۾ ٻار جي سلامتي لاءِ پڪاريو هو. هوءَ هلندي ٿاٻڙجي ڪري تہ ڪيس ڪنهن بہ سهارو نہ ڏنو، اسڪول ويندڙ ٻارن وين جي ڊرائيور کي آواز ڏنو پر هو ٺهڪ ڏيندو اڳتي هليو ويو، هن پريان ايندڙ ايمبولنس کي هٿ ڏنو تہ آواز آيو تہ هو صرف اسپتال جي مريضن ۽ فوتين کي منتقل ڪرڻ لاءِ زميوار آهي، رڪشا واري پرسان بيٺل پوليس واري ڏانهن اشارو ڏنو. هوءَ ائين تڙپي تڙپي مري وئي ۽ آئون سندس پڪار آهيان ۽ پٽڪندي پٽڪندي هتي توهان جي آڏو پهتي آهيان. توهان جا هٿ هن عورت جي خون سان رنگيل آهن!.
هن غصي ۾ چيو "تون ڪهڙي سماج جي ڳالهہ ٿو ڪرين ان جو تہ آئون بہ حصو آهيان ۽ هي سڀ ماڻهو ....... ! "
هن وراڻيو تہ "بادشاهہ سلامت! تون شايد اڪين کان انڌو آهين. هي تنهنجي رعيت، هي سڀ ماڻهو هڪ اذيتناڪ خوف واري بيماري ۾ مبتلا آهن ۽ توکي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. تون ائين اڪيلو ڪيئن نڪتو آهين، تنهنجي منزل ڪٿي آهي؟ تون تہ پنهنجي مرضي سان هن نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ چوديواري کان ٻاهر بہ نٿو نڪري سگهين. تو کي شايد خبر ناهي تہ چوڌاري هيڏي تبديلي اچي چڪي آهي. هڪ نئين تهذيب هڪ نئين خوف سان سرجي رهي آهي. آئون ان جو شاهد آهيان. خير توهان جي مرضي. توهان تہ شاهي گهراڻي جا فرد آهيو."
پوءِ هن دانهون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ماڻهن کي آواز ڏنو تہ آئون هڪڙو پيغام آهيان هڪ مامتا جو جيڪا جيئندان لاءِ تڙپندي تڙپندي مري وئي. هي توهان جي چوڌاري وهندڙ رت توهان جي نون پيدا ٿيندڙ ٻارن جي امانت آهي، ان کي وڏيڪ وهڻ کان بچايو. پر هن ڏنو تہ هر ماڻهو هن ڏانهن وڏي اچي سهارو ڏيڻ کان گهبرائي رهيو هو ۽ هي ڏڪي رهيو هو.

ان وقت صرف هوُ ئي سمجهي پيي سگهيو تہ ڪجهہ ٿي رهيو آهي، پر ڪيس افسوس هو تہ هو ڪجهہ بہ ڪرڻ ڪان قاصر آهي. ۽ پوءِ هن پاڻ ئي چيو تہ آئون سياستدان آهيان! مون ڪي فخر آهي تہ مونکي استادن اهو فن سيکاريو آهي تہ هر اپرنڌڙ سج جي سلامي ڪيئن ڪري سگهجي ٿي ۽ لهندڙ سج سان ڪيئن گڏ لهي ٻئي ڏينهن ڪنهن نئين اسٽيج تي ناچ ڪري سگهان ٿو. سياسي پارٽين سان پلي منهنجو ڪو گهرو تعلق نہ هجي پر هر حڪومت جو مونتي اعتماد آهي. مون کي چونڊ ڏيو تہ پراڻي تهذيب اسان جي اجتماعي سچاٽپ آهي. هي دريا، هي سمنڊ، هي مچون ۽ مهاٽا، هي ٻيلا، هي ڪيت ۽ هاري، هي ڏراڙ ۽ پنهوار، سڀ هڪ تصوراتي پر انتهائي خوبصورت هار جا موتي آهيون جيڪو هن وقت شاهي محل ۾ محفوظ آهي. هر دور جا راڻا ۽ راڻيون ان هار جو قسم کڻي پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون گذاريندا آهن.

اوچتو هن ٺهڪ ڏنو، بلڪل بي خيالي ۾ هوُ کلي تہ وينو پر هن معذرت ڪئي تہ اصل ۾ اها ڪل منهنجي اندر ۾ وينل معصوم ٻار جي چلولائي سمجهي معاف ڪري ڇڏيو. اصل ۾ آئون ڊاڪٽر آهيان پر بيڪار آهيان. ڪنهن جو علاج نٿو ڪري سگهان. هن بدڪار سماج ۾ آئون نٿو رهڻ چاهيان. آئون مريضن کي دوائون نٿو تجويز ڪري سگهان، جو مون کي خبر آهي تہ اهي دوائون زهر آهن. آئون ماڻهن کي مرندو ڏسندي بہ خاموش رهڻ جو پابند آهيان. پر چاڪاڻ تہ آئون ڊاڪٽر آهيان، انڪري سيني کي مشورو ڏيڻ منهنجي ذميواري آهي، پيشو تہ الڳ ڳالهہ آهي. خير توهان جي مرضي ان کي ڪيئن بہ سمجهو. بهرحال آئون ڊاڪٽر آهيان.

ڊاڪٽر صاحب! آئون تنهنجي اندر وينل ان چنچل ٻار جو وڪيل آهيان. پر سچ پڇو تہ آئون جج جي سامهو نٿو بيهي سگهان جو هو پاڻ تحفظ جي لاءِ فڪرمند آهي. ان ڪري انصاف لاءِ ٻاڏائيندڙ ٻار، پکي، پکڻ، جيت جڙا ۽ ٻوٽا، هي دريا، هي واهڙ، پاٽي، هي ڪيت سڀ غير محفوظ آهن. آئون ڪنهن ڪنهن جو ڪيس کڻي عدالت جو دروازو کڙڪايان. جڏهن بہ ڪارو ڪوٽ پائي ٻاهر نڪران ٿو تہ ماڻهو مون کي عجيب نظرن سان ڏسن ٿا. پاڙي جا ڪتا مون کي ڏسي ڀونڪن ٿا تہ ماڻهو هوڪريا ڪري ڪلن ٿا. ڪورٽ جو دروازو اُڪران ٿو تہ اتي وڻن تي وينل ڪانگن جي شور سان خوف ٿئي ٿو تہ ڪٿي خوام خواه سيني جي سامهون مون کي ٺونگا نہ هڻن. ان ڪري روزانو جڏهن تيز وڪون کڻي وڏان ٿو تہ عدالت جي ڇت تي پاريهلن کي اداس ڏسان ٿو. جيڪي پنهنجي ذڪر جا سُر وساري هڪ عجيب خوف ۾ ورتل آهن. ان ڏينهن خبر پئي تہ عدالت ٻاهران منشيات جي واپاري جو قتل ٿيو هو. سرعام قتل ڪان پوءِ قاتل هڪ نهار پاريهلن تي وجهي بندوق تاڻي هئي. تنهن ڏينهن ڪان وٺي پاريهل ڇت تي لڪي لڪي ذڪر ڪن ٿا.

ڳالهہ صرف اها ناهي صاحب! آئون پاڻ انجنيئر آهيان. مون وٽ ڊگري سان گڏ وسيع تجربو بہ آهي. آئون پليون بہ ٺاهي سگهان ٿو جتان هر دور جو بادشاهي قافلو گذري ٿو. پر افسوس مونکي ان پورهئي جو اجورو اهو چريائپ جو سرٽيفيڪيٽ مليو آهي جيڪو وزير موصوف پنهنجي تقرير دوران عطا ڪيو آهي. هڪ اخبار جي ڪارٽونسٽ پنهنجي پينسل سان منهنجي هڪ انجنيئر جي حيثيت سان جيڪا تصوير ٺاهي ان کي ڏسڻ کان پوءِ هاڻي واقعي بہ مون تي چريائپ حاوي ٿي وئي آهي. هن وقت مون لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ ناهي سواءِ پنهنجي وزير جي گهر آڏو نالپون ٺاهي اتي گل پوکڻ جي. پر افسوس اهو آهي تہ روزانو وزير جي قافلي ۾ اهي گلُ ٽٽڻ کان اڳ چيپاٽجي وڃن ٿا ۽ ٻئي ڏينهن آئون اکيون لڪائي انهن گلن جا لاشا ڪٺي پاسي تي رکي انهن معصوم پنکڙين کي هٿن تي ڪٺي پنهنجي ڳلن تي رکي سڀ ٺٺوليون وساري ويهندو آهيان. اها ئي گهڙي منهنجي زندگي جي خوشي جي هوندي آهي تہ مون گلن جي چيپاٽِيل پنکڙين کي ڇهي ڪا آسيس ماڻي آهي. هن جي اکين مان لڙڪ ٿميا، هن جا چپ ٿڙڪيا ۽ پنهنجو منهن هيٺ ڪري بيهي رهيو.

”پر منهنجي ڪهاڻي تہ ڪير ٻڌاڻ وارو ئي ناهي، هر ڪو پنهنجا سُور روئي ٿو. توهان ياد ڪيو تہ مون کي هڪ استاد جو رتبو مليو هو. مون پاڻ پنهنجي شاگردن کي ور ور ڏئي پراڻي تهذيب جو سبق ٿي ڏنو تہ ان کي ياد ڪريو جو اڳتي هلي اها ڄاڻ توهان جي رهنمائي ڪندي. مون جن شاگردن کي دل سان پڙهايو اهي هاڻي بادشاهہ، سياستدان، نامياراوڪيل، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر آهن. انهن هن ديس جي جيڪا خدمت ڪئي آهي ان تي مون کي فخر آهي. مون قسم کنيو هو تہ آئون زندگي ۾ رٽائرڊ ٿيڻ واري گار ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندس. توڙي جو مون وٽ پڪا ثبوت آهن تہ هي راجا، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ انجيئر پيدا ڪرڻ جو اجورو بس اهو مليو آهي جو مونکي عدوليو پيو وڃي؟ پر مون رٽائر ٿيڻ بدران اهو عزم ڪيو آهي تہ علم جي حاصلات لاءِ پنهنجي ديس جي ڪنهن بہ ٻار کي چين ۽ ولائيت نہ موڪليو وڃي، مون سيني جو ذمو کنيو آهي تہ کين تعليم جي زيور سان سجايان . مون کي ڇڏيو تہ هن ملڪ جي نئين تعمير لاءِ اهڙا هوشيار ۽ ذهين ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل پيدا ڪيان، مون کي اجازت ملي تہ هن پراڻي تهذيب جي علامتي مٽي جي ڍير جي چوٽي تي گهر بنايان. مون کي بس اهو ئي ٿو گهرجي. مون کي تا حيات ماستري جي مسند ٿي گهرجي.

۽ پوءِپريان کان پڪارون نڪتيون جناب! اسان بہ هن سماج جو حصو آهيون. آئون شاعر آهيان. اصل ڳالهہ اها آهي تہ آئون اسڪول ۾ وڃي سبق حاصل ڪرڻ بدران، ڊراڙن، هارين،

ٿَج ۾ پياڪ ٻارڙن ۽ سندن مائرن، شادين ۾ لاڏا ڳائيندڙ عورتن، دائين ۽ ٻي گهر ماڻهن کان سکيو آهيان. انهن سچ پچ ته منهنجي جيڪا تربيت ڪئي آهي ان جو ڪو به مٽ ناهي.
منهنجي نظم ڪي ڪا به معنيٰ نٿي گهرجي، اهو صرف راڳي ڄاڻي ٿو ته اهو هن نظم کي ڪهڙو سُر عطا ٿو ڪري!
ٻئي لمحي هوُ خاموش رهيو، آهستي آهستي هن جا چپ چريا ته پوپٽن جون اڏارون هيون، هن جي دل مان هڪ تشبيح اڏاڻي جنهن جي گرپ مان پکي، پوپٽ، گل نڪتا ۽ سڄي اپ کي معطر ڪندا پي ويا. اهو منظر ڏسندڙن جي سوچ جي حد نه رهي ته اهو ڇا ٿيو ۽ شاعر پنهنجي ان اڌوري نظم کي اُڏڻ لاءِ تشبيهن جي تلاش ۾ گم ٿي ويو.
”ها آئون واقعي انهن نظمن جون ڏنون ناهي، جهونگاري، مينهن وسائي گلن، ڪيتن وڻن جي آبياري ڪري سگهان ٿو. پر توهان کي اهو ڪيئن ٻڌايان ته ان رات هلڪو سيءُ هو. هن ملڪ جي راجا منهنجي راڳ جي هاڪ ٻڌي مون کي گهرايو هو ۽ مون ڳايو هو. ان ئي رات وڳڙي جو مون آلاپ ڪديا هئا ته خبر نه پئي ته منهنجي دل کي ڇا منظور هو. رات، چنڊ، تارا، گلاب ۽ پوري ڪائنات جهومڻ لڳي هئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجي گهر کي باهه لڳي ته منهنجا سُر سڙي ويا، ڪجهه زخمي ٿيا ۽ معذور حالت ۾ رستن تي مونسان گڏ آهن. مون ڏٺو ته شاهي دربار ۾ ڳائيندي، داد حاصل ڪرڻ باوجود منهنجي سُرن ٻارن جي دانهن تي نه برج لڏيا ۽ نه ئي ڪنهن سار لڌي.
پر منهنجي نڙي ۾ اڃا ڪي سُر آهن جيڪي، جيڪڏهن امان ملي ته آلاپيان. مون کي ويساهه آهي ته آلاپن سان ٽڙڻ کان رهجي ويل گل ٽڙي پوندا، رنل ڪکر ڪارونيار ڪري وسڻ لڳندا، فطرت جو حسن نکري پوندو، هي پوپٽ، هي ڏيڏرن جي ٽاٽنان، هي آرن جو شور ۽ پوءِ ڏسو ته اداس نسل جا خوف ۾ وڪوڙيل ٻار مينهن ۾ ڪيئن گهر ڇڏي پنيورين جي پويان ڊوڙڻ لڳن ٿا.
پر آئون پنهنجي سُرن سميت خوف ۾ وڪوڙيل آهيان. آئون ڪيئن ٻڌايان ته منهنجا سُر ۽ آلاپ ڪيترو غير محفوظ آهن.
“آئون رنگساز آهيان!”. هن پنهنجو برش مٿي ڪنيو ته ڏينهن مان رات ٿي وئي، ڪڙ ڪٻيتا نڪري آيا، ستارا ٽمڪڻ لڳا ۽ ٿوري دير کان پوءِ جڏهن 13 تاريخ جو چنڊ اڀريو ۽ تارن جي جهرمر ماٺي ٿي ته پوءِ سيني پنهنجا پنهنجا هٿ مٿي ڪيا.
جيئندان جي معنيٰ ڇا آهي ؟
هن رنگساز پنهنجي رنگن سان جوڙيل تصوراتي دنيا جو نقشو ڪڍيو جنهن ۾ سندس چوڻ هو ته هي نئون نسل آهي. انهن جي دلين ۾ جيئندان جي معنيٰ لکل آهي. توڙي جو هن ڌرتي سان ڪين بي انتها محبت آهي، پر هر طرف رڪاوٽون آهن، گهر کان اسڪول ۽

راند جي ميدان تائين، اهي پنهنجي واٽ جي تلاش ۾ آهن. هو لڳاتار ڊوڙي رهيا آهن پر
ڪين واٽ نٿي ملي جو اڳتي وڌي سگهن. ڪين نئين سجاڳپ گهرجي. سندس چوڻ هو ته
هنن کي جاءِ ڏيو ته پنهنجي واٽ وٺن.

* * * * * * *

پريان ڪان متي اڏاٽي، هڪڙو شور برپا ٿيو، شاهي سواري اچي رهي هئي. سائرن جا آواز
گونجيا. بادشاهه سينگاريل پالڪي ۾ ويهي ٻين جي ڪلهن تي نڪتو. هر طرف هٿياربند
هئا. پريان سهرا ڳائيندڙ عورتن پنهنجا گيت آلاپيا ته جيئن بادشاهه جو آڌرڀاءُ ڪري سگهجي
پر سندن سُر هڪ عجيب شور ۾ گم ٿي ويا. شاهي سواري تيز تيز اتان هلي وئي هئي.
پوپٽ ۽ گل ڇيپاٽجي ويا هئا، مکڙيون ڪچلجي ويون هيون.
صرف اهو بزرگ ڪنهن به آمد ۽ جشن کان بي پرواهه اتي بينل وڻ جي لامن تي پکين
سان ڳالهائيندي، فطرت جي آوازن کي ڪنائيندي پريان ڪان گُلن جو قتل عام ڏسي
پيٽڪيو، متي وڻ تي آکيرن ۾ غير محفوظ پکين ڏانهن ڏٺو ۽ آهستي آهستي پنهنجي
منزل ڏانهن راهي ٿيو.

* * * * * * *

پر هوُ پنهنجي خيال تي اٽل هو. سندس چوڻ هو ته ڪيڏو نه سنو آهي جو اسان پنهنجي
تهذيب جي قبرستان ۾ گڏ آهيون. اچو ته پنهنجي مٿان قبرنما گهرن کي ايترو ڪشادو ۽
رهڻ لائق بڻايون جو اسان جا پونئير اسان تي فخر ڪن. . . .

*** * * * * * * ***

# هني مُون تي موت

ان ڏينهن هوُ پاڻ گاڏي هلائي رهيو هو ۽ سندس چوڻ موجب هُو ٻئي ڪنهن ڳالهه تي ٺهڪ ڏئي رهيا هئا ته اوچتو سندن اڳيان ويندڙ ٽرڪ بلڪل ڪار جي سامهون اچي وئي، زوردار ڌماڪو ٿيو ۽ سندن ٺهڪ هوا سان ملي پولارن ۾ گم ٿي ويا.
اسپتال ۾ جڏهن کيس هوش آيو ته سندس پاءُ ۽ ٻيا مائٽ هن جي پير ۾ موجود هئا. ڪيتري دير تائين هيءُ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيو پر سندس زبان اٿلي نه سگهي ۽ هن اکيون پوري ڇڏيون.
ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته پهريائين پيٽ ۾ ٻار جو موت ٿيو ۽ پوءِ ماءُ به گذاري وئي.

*****

هن کي لڳو ته هڪڙو جهاز تباهه ٿيو آهي، جنهن مان هوُ اڪيلو مسافر بچيو آهي. ان جهاز ۾ هڪ نئون شادي شده جوڙو به شامل هو جيڪو هني مُون ملهائڻ لاءِ پنهنجن مڙني مٽن مائٽن کان موڪلائي نڪتو هو پر سندن هني مون ان حادثي جو شڪار ٿي ويو. هن جا سارا هوش حواس خطا آهن ۽ آخر تائين اها خبر نه پئجي سگهي ته آخر اهو جهاز موسم جي خرابي سبب تباهه ٿيو يا پائليٽ جي غلطي سببان، جنهن ۾ اهو جوڙو پنهنجي بي انتها خوشين جي مُهڙ ۾ ئي هزارين ڪهاڻين جو پلاٽ بنجي ويو ته "آخر هني مُون تي موت ڪيئن ٿيو؟."

" هڪ طويل خواب
جڻ ته زندگي جو مختصر باب
زندگي جي ارپنا ڇا ٿيندي آهي
۽ برباد دل جي دنيا ڇا ٿيندي آهي."

****

پاڻ ته اجا به هني مُون تي آهيون پرين!
چنڊ جي ٿڌي برف جهڙي روشني ۾
پهاڙن جي چوٽين کي ڇهڻ لاءِ
پاڻ پنهنجا خواب اُڏايا هئا

اکين ۾ سارا رنگ سمايا هئا،
گلن ڦلن تي لنوندڙ پونئرن جيان
گلن سان به ڪائي دوستي،
ڪي رشتا جڙي پيا هئا،
من ۾ ڪي ئي گلاب ٽڙي پيا هئا.
*****

انتظار جو سفر به ڪيترو طويل هو
پر اڄ ته وڇوڙي جو به ڪو ڇيهه ناهي،
وقت بي لغام آهي،
سارا خط، البم ۽ تصويرون،
هني مُون جون يادون ڪاغذ تي آٽڻ ڪان اڳ ۾
هر هر تنهنجو نالو اچي ٿو.
*****

ساٿس دوست ملڻ لاءِ اچن ٿا ته ڪيس لڳي ٿو ته اهي سڀ صحافي آهن ۽ ڪانئس ان جهاز جي تباهي ۽ "هني مُون" تي ويندڙ ان جوڙي متعلق معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي واري لاءِ منتظر آهن. پر هوُ مسلسل ٽٽائيندو ٿو رهي جو هوُ اجا صدمي ۾ آهي ۽ ڳالهائيندي سندس اکيون ڀرجي اچن ٿيون ۽ سندس زبان هن جي زخمي ٽنگ وانگر ڏيڏو ڪائي بيهي رهي ٿي.
هوُ لڳاتار هن جي چهري ڪي تڪيندا ٿا رهن ته متان ڪو جملو، ڪو لفظ، ڪو اشارو اهڙو هجي جيڪو ان بدقسمت جهاز متعلق سندن معلومات ۾ اضافو ڪري سگهي ته آخر "هني مُون تي موت ڪئن ٿيو؟"
هو هر فون جي گهنٽي تي رسيور کڻي ائين ئي ڳالهائي پيو جيئن ڪيس ڳالهائڻ کپي پر رسيور رکندي ئي سندس اکيون ڪنهن جي ڳولا ۾ گُم ٿي پي ويون:

"وڇوڙي جا پيرا ته
قبرستان جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃائجي ويا آهن
۽ اتي رڳو ڪُتبا ئي ڪتبا آهن"
*****

دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آيل زلزلا، ٻوڏون، تباهيون، جهازن جو ڪرڻ، حادثا، نئين جنم ڪان موت تائين انساني سفر جي شروعات ۽ پڄاڻي، عشق ۽ سياست، وقت جي هر ايندڙ ۽ ويندڙ لمحي جو تصور. هر دوست پنهنجي پنهنجي مهم جوئي جي ڪهاڻي ۽ ڪاميابيءَ جا راز ٻڌائي رهيو هو ۽ ناڪامين کي نظر انداز ڪندي لڄي ٿي رهيو هو. هن هر دوست سان موڪلائڻ وقت ڳالهائڻ چاهيو پر سندس زبان هن جي زخمي تنگ وانگر ڏيڏو ڪائي بيهي ٿي رهي. لٿ هن جو عارضي سهارو بنجي وئي هئي.

شام جا پاڇا مڙندا ٿي ويا، ڪجهه دير ڪان پوءِ هوُ جڏهن اڪيلو ٿيو ته فليٽ جي سمنڊ طرف ڪلنڊڙ دري آڏو اچي بيٺو پر سامهون ماڻهن جي هجوم ۾ هُو چولين جي چڙهڻ ۽ لهڻ وارو منظر ڏسي نه سگهيو. ڪيس لڳو ته هوُ لڄي ٿي رهيو آهي جو هو هاڻي جڏهن به ساحل تي پسار ڪرڻ لاءِ ويندو ته سمنڊ چولين جي سرگوشين ذريعي ڪائنس زندگي ۾ داخل ٿيل هن اذيتناڪ تنهائي جو سبب ضرور پڇندو.

سوچن جي تسلسل ۾ شام گهري ٿي وئي هئي. ٻيڙيائتا واپس وڃي رهيا هئا. چوليون ساحل تي پسار ڪندڙ ماڻهن جي پيرن کي ڇهنديون لهنديون رهيون. نيڻ نهار تائين جوڙا چولين جي سرگوشين کي ڪنائيندا ٿهڪ اڏاريندا رهيا ۽ هن جون نظرون سمنڊ ۾ لهندڙ سج جي گولي کي تڪينديون رهيون، جيڪو آهستي آهستي سمنڊ ۾ لهندو پي ويو.

* * * * * * * *

# ڪوريئڙو

هو لڳاتار ٻوٽن جي جهڳٽي مان ڪوريئڙي جي چار ڪي تڪي رهيو هو، جنهن ۾ ڪوريئڙو ماڪوڙي کي ڦاسائڻ جي مشق ڪري رهيو هو. ماڪوڙي جي ڦاسڻ ۾ ڦٽڪي ساٽو ٿيڻ کان پوءِ ڪوريئڙي ماڪوڙي ڏي رخ ڪيو تہ هن کان رڙ نڪري وئي. اوچتي دانهن تي هو بہ پنهنجي پنهنجي تنهائيءَ مان نڪري آيا. هو اتيا پر ماڪوڙيءَ کي بچائي نہ سگهيا.

“سازشن جا چار ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن،” هو چپ ٿي ويو.

ڪڇي منجهند ڪڪرن جي ڀاڪرن ۾ هئي. هو ڪنهن مهل کان ٻوٽن تي لامارا ڏيندڙ پنيوري کي فوڪس ڪرڻ لاءِ بيچين هو. هُو هر لمحي ڪئمرا جو بٽڻ “آن” “ڪري اداس ٿي پئي ويو تہ ”شايد اهو فوٽو بہ صحيح نہ آيو هوندو“ ۽ ائين هو پنيوريءَ جي پنن ۾ گلن سان محبت جون ڪهاڻيون فوڪس ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هر لمحي ناريل جي وڻ جي هُن پار کان ايندڙ ڪوئل جي آواز ڏانهن ڪنائي ڪا آرزو سندس ڪنڌ ڦيرائڻ تي مجبور ٿي ڪري. پر ڪوئل ڪي نہ ڏسندي هو پنيوريءَ کي اکين کان پري ٿيڻ نٿو ڏي. هن جون اکيون پنيوريءَ جي پرن تي جهپڪا ڏينديون ٿيون رهن.

هو روز وانگر پريس ڪلب جي مختصر پارڪ جي هڪ تنها ڪنڊ ۾ اچي وينا هئا. هو هن کي لڳاتار سمجهائي رهيو هو تہ “تون ڪلب جو ملازم هوندي بہ هن سماج جو ذميوار فرد آهين ۽ ان فرد جي ناتي توکي آزاديءَ سان سوچڻ جو بنيادي حق آهي. تون لمحي لاءِ ان احساس مان نڪري ايندو ڪر. چاڪاڻ تہ هتي ايندڙ سڀ صحافي ڪتا ناهن. ڪمتريءَ جو احساس ڏاڍو زهريلو هوندو آهي. تون آرٽسٽ آهين ۽ اهي رنگ توکي نئين زندگي ڏئي سگهن ٿا”.

هو سيني ڳالهين کي اطمينان سان ٻڌي رهيو هو پر هن کي لڳو تہ هو هڪ آرٽسٽ هوندي بہ هڪ ملازم آهي، ماتحت ۽ ڪمزور ملازم. اوچتو هن زوردار ٺهڪ ڏئي پريشانين کان آجو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو ٺهڪ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. هن سامهون کان ايندڙ آواز ڏي ڪنايو ۽ چپ چاپ مئنيجر ڏانهن ڇڪجي آيو.

“تون ڪلب جو ملازم آهين، توکي پنهنجي ذميوارين جو احساس هجڻ کپي. هتي ڊيوٽيءَ دوران ٻيون مصروفيتون توکي نہ ٿيون سونهن”.

هو چئيدار ٻار جيان چپ چاپ بورچي خاني ڏانهن هليو ويو.
هنن مان هڪ مئنيجر جي پويان آواز ڏنو.
"ڪوريئڙو!" ٻئي چيو "ٻچي ڏاڙهي تارزن"
مئنيجر پوئتي لئوٽو هنيو پر ڳالهه کي سمجهندي هو اندر هليو ويو. لمحي لاءِ هو ٻئي ڄڻا پنهنجي پنهنجي تنهائيءَ ۾ هليا ويا.
موسم جهڙالي هئي، هلڪي بوند وسندي وسندي رڪجي پي وئي. ان ڪري ٻاهر ٽريفڪ جو گوڙ هوندي به ڪانگن جي چرپر وڏيڪ وٽندڙ لڳي رهي هئي. ناريل جي وڻ جي هن پار بيٺل ڪنهن جهڳٽي مان ڪوئل جو آواز به ڏاڍو اتساهيندڙ هو.
هن سگريٽ دکايو ۽ دونهين جي دائرن کي تڪيندو سوچ ۾ ٻڏاٽل رهيو. هو بورچي خاني مان ظاهر ٿيو ته هن ڪيس ٻيهر آواز ڏنو هو آيو پر خاموش هو، اباٽڪو، ڪمزور ۽ تنها.
هن وري ڪيس چيو "اهي ڪوريئڙا آهن ۽ سازشن جا ڄار اٽين ٿا ۽ پاڻ معصوم ماڪوڙا آهيون جيڪي انهن نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ڄارن ۾ ڦاسي پئون ٿا. اسان کي هر قدم ڏسي وائسي کڻڻو پوندو. پريشاني جي ڪابه ضرورت ناهي."
هن ڪيترو وقت اداس رهڻ کان پوءِ ٽڪ اڇلي پنهنجو هانءُ هلڪو ڪيو ۽ چپ چاپ هيٺ گهوريندو رهيو. هلڪي بوند شروع ٿي ته هن کي الائجي ڇا ياد آيو ۽ ڪجهه سوچيندي جهونگارڻ لڳو.
"جنان باغان دي مالي مرگئي رب انهان دا والي
باغان دي وچ هرئيل طوطي بولي ڊالي ڊالي"
جهونگاريندي جهونگاريندي هن جي اکين ۾ تري آيل لڙڪن کي هو روڪي نه سگهيو ۽ اهي سڻون ورجائيندي ورجائيندي هو پنهنجي ئي لڙڪن ۾ ٻڏندو ۽ ترندو رهيو.
ٻيو ڏينهن
"آئون هڪڙو اهڙو ڊرامو ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن جي ڪهاڻي ۾ ڪوبه هيرو ڪابه هيروئن نه هوندي ۽ نه ئي ڪو ولن هن ڊرامي ۾ ڪو هنگامو فساد ڪري ماڻهن کي بي چين بنائي سگهندو. ان جا راوي، ڪردار ۽ ڊائريڪٽر سڀ ڪجهه اسان هونداسين. اسان پنهنجي ذهنن ۾ ايندڙ معصوم ۽ شرارتي خيال هن انوکي ٿيٽر ذريعي عوام سان ونڊڻ چاهيون ٿا. اسان اهو ڪجهه ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو دنيا نه ٿي ڪري سگهي. اسان هڪ تبديلي چاهيون ٿا. جيڪا ڪنهن به نه ڏٺي آهي. بظاهر هيءَ ڪهاڻي اڻ لکيل هوندي". هن داد وٺڻ لاءِ هنن ڏي نهاريو. هنن هن جي اداڪاري تي تاڙيون وڄايون.
ٻئي چيو آئون چوان ٿو ته "منهنجي 25 سالن جي سانير ۾ هر ڊرامي ۾ صحافيءَ کي ٻُچي ڏاڙهي ۽ چشمي سان هڪ تباهه حال ڪردار ڏيکاري صحافيءَ جي بيعزتي ڪئي وڃي ٿي.

ڪٿي آهي اڄ جي دور جو”سمارٽ“ صحافي؟ آئون صحافيءَ جي ان ڪردار کي تبديل ڪرڻ چاهيان ٿو“.

”بلڪل غلط! پاڻ صحافي جي ڪردار کي تبديل نه ڪري سگهنداسين. پاڻ کي صرف پنهنجو پنهنجو ڪردار تبديل ڪرڻو پوندو. هاڻي اسان کي خواهشن جي کوهه مان نڪرڻ کپي. چاڪاڻ ته صحافي، صحافي آهي. صحافي ڪتو يا ڪبوتر ناهي.“

”يعني توهان صحافين کي بلڪل هيٺين سطح تي بيهي ڏسو ٿا. ٻي صورت ۾ منهنجو خيال آهي ته صحافي هن سماج جي عيبن کي وائکو ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. توهان صرف هن کي پوليس ٿاڻي جي پڳل ڪرسي ۽ چڪلي جي ڏاڪڻ تي بيٺل ٿا ڏيکاري سگهو. توهان رڳو مسٽر ايڇ کي نه ڏسو جنهن جي پينٽ تي جونءَ سري رهيون هونديون آهن ۽ هو مهيني ۾ هڪ ڀيرو وهنجي ٿو. ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ کي ننول ڪرڻ سٺي ڳالهه ناهي.“

هن چيو ”پيارا دوستو! توهان جا ڊائيلاگس ته ڏاڍا اثرائتا آهن پر انهن ۾ ڪوبه ايڪشن ناهي. منهنجو خيال آهي ته توهان پنهنجي تنهائيءَ مان نڪري اچو. تصور ڪريو ته هي هڪڙو اسٽيج آهي. جتان پاڻ سماج جي عيبن کي وائکو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. توهان تصور ڪريو ته پاڻ زندگي جي گوناگون مسئلن تي ويچارڻ لاءِ عوام سان غير مشروط طور شامل ٿي رهيا آهيون. عوام آزاد پکي آهن. اڄ توهان کي موقعو مليو آهي ته عوام جي دل جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريو. ابهرائي توهان جو ڊرامو ناڪام بڻائي سگهي ٿي.“

هن وات ۾ آڱر وجهي زور سان سيٽي وڄائي ۽ هنن ٻنهي کي مخاطب ٿيندي چيو. ”منهنجي هٿ جي اشاري جو انتظار ڪيو وڃي“. هن هٿ مٿي ڪري آواز ڏنو.

”هڪ .... ٻه.... ٽي..“ ۽ هٿ هيٺ ڪري ڇڏيو.

هو اٿي ڪينٽين ڏانهن هليو ويو ۽ ٽي ڪوپ چانهن جا ڪٽي موٽي آيو. سيني پنهنجو پنهنجو ڪوپ کنيو ۽ پنهنجي پنهنجي تنهائيءَ کي پيئڻ لڳا.

”توکي اهو سوچڻ کپي ته تون ڪينٽين جو”ويٽر“ نه پر هن سماج جو ذميوار فرد آهين. تون پنهنجي اندر جي دنيا ۾ رهندي سڄي ڪائنات تي نظر رکين ٿو. هن ٻچي ڏاڙهي واري مئنيجر کي ڪرپٽ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اسان هن انوکي ڊرامي جي ذريعي دنيا جا سڀ راز فاش ڪنداسين ۽ اسان هن مئنيجر کي ڪتو بنائڻ نه ڏينداسين“.

هن چيو منهنجو خيال آهي ته گهڻو ڪجهه ڪرڻ لاءِ ڊگهي ريهرسل جي ضرورت آهي.

هن ناريل جي وڻ جي هن پار کان اينڊڙ ڪوئل جي آواز ڏانهن ڪنايو ۽ مٿي آسمان ڏانهن نهاريو. ڦڙ ڦڙ جي رفتار ۾ ڪوبه اضافو نه آيو هو.

هن ساٿيءَ جي ٻانهن ۾ ٻڌل گهڙيءَ ڏي ڏٺو ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ، آفيس ڪارڊ ۽ چابي ڪنئي ۽ بنا موڪلائڻ جي هليو ويو.

”وڏيڪ ريهرسل سياڻي ڪنداسين.“ هو ڪليو ۽ سڀ هڪ ٻئي ڪان الڳ ٿي ويا ۽ ڪوئل جو آواز هن جي ڪنن ۾ گونجندو رهيو.

* * * * * * * *

# مرده معاشري جي زنده تصوير

اُپ تي سرٽيون لامارا ڏئي رهيون هيون. ماڻهن جون اکيون خلائن ۾ گم. جڻ تہ ڪائنات جا مڙئي رنگ اکين ۾ هارجي رهيا هئا ۽ سندن من مونجهہ ۾ ڦٽڪندڙ سپنا پڙڪو ڪائي اکين آڏو رقص ڪرڻ لڳن ٿا. سچ ، چُميءَ جيان مٺبو پيو وجي. پرواري رستي تي ڊوڙندڙ ڪنهن ڪنهن گاڏيءَ جا"هارن" جڻ تہ جلاوطن ماءُ جي هنج تي روئندڙ ٻارڙو. اکيون جڻ تہ صدين کان اجاريون. هيڏي پرئي ايوان ۾ ماڻهن جا من ڦولهينديون وتن ٿيون.
ضمير جي قيديءَ نالي رچايل شام، رنگين اسٽيج، هر ماڻهو جڻ تہ ڪنهن نئين پيغام ٻڌڻ لاءِ بيچين آهي. اسٽيج تي ڳالهائيندڙ وجي ٿو ماڻهن جي من جا راز کوليندو. هر تقرير کان پوءِ اسٽيج سيڪريٽري لفظن ۾ رنگ پري ٻئي کي سڏي ٿو، ۽ مٿي ايندڙ اعتماد سان سماج، غربت، برابري عورت جو رتبو، زندگيءَ جو وهڪرو، بک. لفظ هنن جي چپن تان ترڪندا ٿا وڃن ۽ ٻڌندڙ اتساه سان پنهنجي خشڪ تي ويل امنگن کي ريج ڏئي رهيا آهن.
شڪستون وري ٿيون فتح ڏانهن وڌن، فاصلا فاصلا ويڙهبا پيا وڃن. پر هن جي زندگي پاروٿي پور جيان سينئارجي رهي آهي. هر وار درد هن جي سيني ۾ ابڙڪو ڪائي مانو تي وجي ٿو. سندس ڪڇ تي پرائو ٻار آهي. هنومان جهڙو ڦڙتيلو، ايوان ۾ وينل هر ماڻهوءَ جي اکين ۾ ترندڙ نڪور امنگن جهڙو ننڍڙو ٻار.
شاعر ڏرتيءَ جو گيت جهونگاري ٿو. ايوان ۾ تاڙيون وڃن ٿيون ۽ ٻار ڪڇ تي چڙهيون هٽي زوريءَ لهي اسٽيج ڏانهن يجي ٿو. هوءَ بہ ٻار جي پنيان ڊوڙي ٿي. لمحي لاءِ سندس موٽندڙ وهيءَ جو درد ٻار جي نازڪ پيرن هينيان چيٿاڙجي ٿو. اسٽيج جي سامهون وينل ٻار جي ماءُ پٽ کي ٻانهن کان جهلي ڪٽي تي ۽ پنيان ايندڙ عورت جي اکين ۾ گهوري نہ ڄاڻ ڪيتريون يادون سندس اکين ۾ ٽنبي تي چڙي، ۽ پوءِ هوءَ اسٽيج تي گونجندڙ لفظن کي ٻڌڻ کان اڳ ۾ ٻار کي ڪٽي رستي ڏانهن وڌي ٿي. ٻارڙو ڦٽڪي ٿو ۽ هوءَ پنهنجي ٻانهن کي قابو پڪوڙي ٿي.
چيڪارون چيڪارون مستقبل جا عڪس.
"الا هيڏي شهر جي گُهٽ ڪيتري ڏکي آهي"، هوءَ پٽڪي پنهنجي اکين مان لڙڪ اگهي ٿي. ٻار اسٽيج تي ٻرندڙ روشني لاءِ واجهائي ٿو. هن کي پنهنجي نوڪريءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ نہ چاهيندي بہ ٻار کي قابو جهلي ٿي. هن جا نيڻ بيدمشڪ جي پاندرن مان

سامهون نهندڙ عمارت جي پاسي ۾ ٻڌل تختن تي ٻوڙندڙ مزدورن سان ٽڪرائن ٿا ۽ ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جيان هن جا خيال بہ لُڏن لمن ٿا. هُوءَ ٻار کي رستي جي هن پار ڪٽي مزدورن کي ائين ڏسي رهي آهي ڄڻ تہ هر مزدور سندس ئي گرڀ مان نڪتو آهي ۽ هن جي ڇاتي کي ڇچڙي ڇچڙي مٿي ٻوڙڻ جهڙو ٿيو آهي.

ٻارڙو ڪڇ تي ڦٿڪي ٿو ۽ هوءَ روشني ڏانهن وڌي ٿي پر بلبن جي روشن تاءَ ۾ سامهون وينل ٻار جي ماءُ هن ڏانهن ڏٺو . سندس اکين ۾ وينل عقاب اڏاڻا ۽ هوءَ ٻناٽي عورت ڇرڪ ڀري پوئتي ڀڄي. ٻار هن جا وار پٽيا ۽ سندس زوردار ڪيهون اسٽيج تي وينل ضمير جي قيديءَ جي هانءَ ۾ رهندا هٽڻ لڳيون. هن پنهنجي ساٿين کي ڏٺو. ويجهي وينل ساٿيءَ مرڪي ڏٺو. ضمير جي قيديءَ پنهنجو گريبان ڏٺو ۽ پوءِ هن جون نظرون تيزيءَ سان ان ٻار ۽ عورت کي ڳولڻ لڳيون پر اها عورت اکين جا لڙڪ لڪائي وٽن جي پاڇولن ۾ پٽڪڻ لڳي هئي.

”ڇا هيءَ بہ ڪا تصوير آهي؟“ ضمير جي قيديءَ پڇڪيو.

هڪ سياستدان ڳالهائي رهيو آهي. ”هر پورهيت جو ڏک اسان جو ڏک آهي. اسان دنيا جي عدوليل ماڻهن جي امنگن جا ترجمان آهيون. اسان سماج مان اڻ برابري مٽائي خوشحالي آڻڻ جو پيغام کڻي آيا آهيون“، تاڙيون وڄن ٿيون.

ضمير جو قيدي سگريٽ جي ڪاري ناسي دونهين مان تارن کي گهُوري ٿو ۽ ڪيترين ئي سواليہ نشانيون هن جي اکين ۾ چيڪن ٿيون.

”ڇا عقاب ۽ ڪبوتر بہ هڪ وڻ تي ويهي ننڍن ۽ وڏن پکين جي مستقبل لاءِ سوچي سگهن ٿا؟“. مرڪ هن جي چپن ۾ ڦٿڪڻ لڳي ۽ هن جون نهارون ان مالڪ عورت جي اکين ۾ وينل عقابن سان ٽڪرائيون. مگر اسٽيج تان ٻيهر آواز آيو.

”اسان پنهنجي جدوجهد جو دائرو هارين، ڌراڙن ۽ پنهوارن تائين وڌائڻ چاهيون ٿا. مظلوم ماڻهن جي آزادي، عورتن جي آزاد آهي“. مالڪ عورت اٿي نعرو هنيو، ”نامنظور نامنظور، غلامي نامنظور“!

پر هوءَ مرده معاشري جي زنده تصوير جيان هر ڳالهہ کان بي پرواهہ ڇُري پُري رهي آهي. سڀ ڳالهيون ۽ سڀ نعرا هن جي خوابن جي شيشي کي ڪرچون ڪرچون ڪري رهيا هئا ۽ سُور ويو ٿي من جي هر مُراد کي ڪوڙهيندو.

”الا هن هيڏي شهر جي گُهٽ تہ ڪيڏي ڏکي آهي. شهر جون مائرون ..........“!

هن جي تصور ۾ زندگيءَ جو طويل افسانو وڪرندو ٿو رهي ۽ اکين جون ترايون ٽمٽار مٿي اٿلڻ لڳيون. عجيب قسم جو خوف ويو ٿي نرڙ جي گهنجن ۾ پيهندو.

هڪ نوجوان ضمير جي قيديءَ سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ شعر جهونگاري ٿو. .

هوا جي تيز لهر هن جي پگهر هاڻي چولي کي ڇُهيو ۽ سندس بدن مان سيئوڪاري نڪتي. هن اپ ڏانهن ڏٺو. بلبلن جي تيز روشني ۾ سڄو اپ جڻ تہ ستارن کان خالي هو.

“اي قسمت جا بادشاھہ! هي ڪهڙو کيل آهي. اسان ماڻهو هتي ڪونہ سونهون، درياء جو پيٽ سائو ڪر تہ وجي پنهنجي گهرن ۾ لڪون”

هوءَ پنهنجي قاتل هانوتي پنيون رکڻ لاءِ پٽڪندي وجي ٿي يادن جي تهہ خانن ۾ گم ٿيندي ۽ رات دردن جو چار اٽندي ٿي وجي

اسٽيج تي ڳالهائيندڙ اعتماد سان ڳالهائيندا ٿا رهن. ڪئمرامين جا چمڪات ڪڙندڙ تارن جيان دور دور تائين محسوس ٿي رهيا آهن. مگر هوءَ مرده معاشري جي زنده تصوير بيدمشڪ جي پاندرن مان پنهنجي قسمت جي ستارن کي ڳولي رهي آهي.

* * * * * * * *

# هڪڙي هئي ليلا ۽ هڪڙو هو چنڊ

آدرشن جي اَسونهين واٽ تي اڄ هن ريل جي پٽڙي وانگر هي بہ خاموش هن اسٽيشن تي ٻرندڙ بلبن جي روشنيءَ ۾ گم ٿي ويو آهي. ڄڻ ڪوفيوز ٿيل بلب آهي. اڪيلو اڪيلو رڻ واٽ تي هي اڄاتي منزل جو راهي چاٿو چاهي، ڪو ڪُتو دور ڀيو ٻاهي، جيڪو هن جي مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ پوئنڪي رهيو آهي. ڏُور ڏُور ٿوهر جو جهنگ آهي ۽ ننگا پهاڙ ۽ پيچرا آهن جن تي ونو آهي بهار جو پهريون وسڪارو. بادلن جي اکين مان خوشي جا لڙڪ ڳڙيا آهن.

"تون ڪيرآهين"؟، هن ڪان ڪنهن پڇيو. ۽ پوءِ هن چيو "آئون ماڻهو آهيان. پنهنجي وڃايل ماڻهپي جي تلاش ۾ آهيان. تون ٻڌائي سگهندين تہ تو ڪڏهن هتي ايندي ويندي ڪٿي آدميت جو ضمير ڏٺو آهي. جڏهن انائن جون جنگيون لڳيون تڏهن .......آدميت جو ضمير، آدميت جو ضمير........؟"

هي کهڙا پور لتا آهن ذهن جي پڙيانگ پٽن تي. هن ڪنڌيءَ جي وڻ تي خدا ڄاڻي کهڙو پکي ٻولي رهيو هو.

هتي پري ڪان پهاڙن جهڙا مضبوط لڳندڙ ماڻهو بہ وهمن جي ڪمزور نوڙيءَ ۾ اٽڪيل آهن. ڪتن ۽ گدڙن جون اوناڙون آهن. رات جي گج تي مڙهيل ستارا هن جي اکين جي سانتيڪي ڍنڍ ۾ لهرون پيدا ڪري رهيا آهن. رات ۽ هي ريل جي پٽڙي. هن جي ننڊ اکڙين اکين ۾ هڪڙي هئي ليلا ۽ هڪڙو هو چنڊ.

مون کي تہ ان پار وڃڻ کپندو هو جتان منهنجي مستقبل جي ليلا اچڻي آهي. سيٽي تہ نہ ڄاڻ ڪڏهن وڄندي. ڏُور هن مندر جا گهنڊ تہ آئون الائي ڪيئن ٻڌي سگهندس، جنهن سان لمحي پل جي لاءِ ئي سهي خاموشي پور پور ٿيندي.

رات شروع ٿيڻ ڪان باک ڦٽيءَ تائين جهنگ جي مخلوق جا هلڪا آواز ۽ پڙلاءَ آهن. هو جاڳ ۽ ننڊ جي پل تي ٿهلي رهيو آهي. هي آوازن کي پڪڙڻ لاءِ هٿ ڦهلائي ٿو. خدا ڄاڻي منهنجا ڪن ٻوڙا آهن يا زبانون زنگجي ويون آهن. زبانن کي تالن جو تصور بہ عجيب آهي.

ريل جي پٽڙي، هن جي ڪليل ٻانهن وانگر ڪنهن جي آجيان لاءَ منتظر آهي. هن مختصر اسٽيشن ڪان ڏکڻ پار آهي ڄام تماچيءَ جي گهري گهري ڍنڍ، جنهن تي چنڊ چمڪي رهيو آهي. گدلو گدلو چنڊ. ڍنڍ جي ڪنارن تي آهن وٽيرڪيون ٻيڙيون ۽ ڏينهن جو تڙڳي تڙڳي پل تي آباد آکيرن ۾ وينل پکين جي خاموشيءَ تي حيرت ڪائڻ جي کهڙي ضرورت!

هي ريل جي پٽڙي خدا ڄاڻي هن ملڪ جي نقشي ۾ ڪٿي ڳولي سگهبي جنهن جي ڪابي ۽ ساڄي آهن وساٽل وساٽل ماڻهو ۽ خاموشي. اف! هي ساھ گهٽيندڙ ماٺار ڪٿان ڄائي آهي. بهار جي آمد ۽ ڦڙين تي نھ پھ وڻن تان مير لٿي آهي پر ماڻهن جي دلين تان مير ڪيئن لهندي؟

هن ڪي لڳي ٿو تہ سندس ذهن تي ڪوريئڙي جو ڄار اڻجي ويو آهي جتان گذرندڙ سڀ آوارھ خواهشون ڦاسي پيون آهن. آئون پنهنجي اندر مان نڪرندڙ ٿڪن ڪي دٻائي نٿو سگهان. هيءَ ڪل، سچ پچ تہ پهريون ڀيرو پنهنجي پاڻ تي ئي ڪل اچي وئي آهي. ڪمال آهي ڪهڙي بہ بهاني ڪل اسان جي چپن جي مختصر اڱڻ تي پيرو تہ پڳو.

ڏڙام، ڏڙام، ڏڙام.... اهو مندر جو گهنڊ آهي. خاموشي پرزا پرزا ٿي رهي آهي. مرڪ هن جي چپن تي آئي ۽ موتي وئي ، شمشان پومي ٿورو پريان آهي، جتي آتمائون رقص ڪري رهيون آهن. ڪاش آئون ڪنهن ڇير جو ڇمڪو ئي ٿي سگهان ها ۽ خاموشي ۾ ڪو ٽرٽلو مچايان ها. مون اڄا ڪالھ ئي پنهنجي ليلا ڪي ياد ڪيو هو. آءُ منهنجي مستقبل جي ليلا ! آئون سچ پچ تہ تنهنجي تلاش ۾ آهيان. منهنجي اکين جا سڀ منظر شاهد آهن تہ آئون ڪائنٽ پڇندو رهندو آهيان.

او منهنجي مستقبل جي ليلا! مون ڪي تہ اها شام ئي وسري وئي آهي . ڏنڌلي ڏنڌلي شام، وڻ جي لام تي وينل پکيءَ سُر ملايو هو ۽ مون نعرو لڳايو هو. هوش هواس مان نڪري جو مون نعرو لڳايو هو سو نيٺ منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. هڪڙي هئي ليلا ۽ هڪڙو هو چنڊ.

آدرشن جي پل تان گذرڻ جي سگهٽي خواهش ڪٿي نڪتل هي ماڻهو ريل جي پٽڙي جي ڪوپ ۾ نهيل مختصر اسٽيشن تي رات گذارڻ خاطر وينو آهي. ٽنگون ڊگهيريندي هن جي اکين ۾ ڦٽندڙ خواهشون ننڊ ڳهندي ٿي وڃي. چنڊ هن جي ننڊ ڪان وٿيرڪو وٿيرڪو اکين جي آسمان تي، ننڊ جي واٽ تي گڏوگڏ هلي رهيو آهي.

”اي چنڊ!
تون محبت جي راتاهن تي
مورخ وانگر
ڪي گهرا گهرا گهاءَ سبي سگهندين!
تون اسونهين واٽ تي جوڙيل
منهنجي آدرشن جي پل تي بيهي
مون لئہ پٽڪيل راھ لهي سگهندين

**جتان تنهنجي چاندوڪيءَ جو سنهڙو**
**چولو پائي**
**منهنجي آدرشن جي ليلا اچٽي آهي.”**

**اوچتو گاڏيءَ جي سيٽي نند ۾ جاڳ جي پل تي ڪينچلون ڪندڙ مڙني خيالن کي وکيري ڇڏيو ۽ پوءِ هي الائي ڪيڏي مهل ريل جي هڪڙي گاڏي ۾ چڙهي نندڙن مسافرن ۾ گم ٿي ويو.**

* * * * * * * * * *

# پيٽ تي قتل خواب

هو ناري جي ڪنڌيءَ تي بيٺل وڻن جا چانورا ڪچيندو اچڙي ٿر جي پٽن تائين پکڙيل چراگاهن کان ٿيندو نہ ڄاڻ ڪهڙا تصور ڪٽي موٽيو آهي. سندس اکين ۾ آهي گهاٽي ڌُنڌ جو خمار ۽ سيني ۾ آهي هڪڙي خواهش جنهن جون تندون ٿوهر جي ڏانڊين کان بقار ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تائين پکڙيل آهن.

پنهنجي اينڌڙ نسلن، جهنگلي ۽ آبي جيوت جو آئيندو اهڙو سوال آهي جنهن کيس بي چين ڪري وڌو آهي. کيس لڳندو آهي تہ سڀ پٽون، پونگا ۽ ماٺهو ساٽس گڏ آهن. خواهش هن کي تار تار تاريندي پئي اچي. ڍونڍي ٻيڙيءَ تي ويٺل ملاح ڇوڪري جون اکيون ڍنڍ جي صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جي گهرائي کان اڳتي تڪينديون پيون رهن ۽ سندس هٿن جي لوڏ تي ٻيڙي پل ۽ ڪنگور جي وچ مان ڏکبي پيچرو ناهيندي پئي هلي.

هن جي ذهن تي ڇانئجي ويا آهن ڪئين نکورا تصور، اچڙي ٿر جي پٽن سان لڳندڙ بقار ڍنڍ، مهاڻن جي ڪهاڻين ۽ تاريلڻين جي سدا بهار مرڪن تائين، مال جي ٻچين ۾ ٻڌل چڙن جون لارون ۽ سُر جڻ تہ آڪاس تي جهڙ ڪي جهولائيندا پيا اچن ۽ هو آهي پنهنجي دل جي خواهشن جو امين.

ٿر جي پٽن تي ڪڪر ڇانئيا آهن. ڪنوڻ سدا بهار آس ڪٽي نروار ٿي آهي ۽ اترائين ڪنڌ کان چڙهيو آهي آگم اميدن جو.

"هيل لڳي ٿو مينهن وسندا ۽ هي پڙپانگ پٽون بہ اميد سان ٿينديون، گاهہ ڦٽندا ۽ ڦوڳ ڦولاربا."

هو الائي ڇو اداسين ڪي مرڪن جي مجتا ڏيڻ لاءِ اوڻائين سفر کان ٻيڙيائتن جي ٻاجهہ تائين هر شيءَ ڪي وتي پيو اتلائيندو پتلائيندو. صبح کان شام تائين پٽن جي ڪوپ ۾ پيچرا ناهڻ ۽ ڊاهڻ ۾ رڌل مال، چڙن جون لارون ۽ انن جون قطارون. "اسان تہ الائي ڇو هتي ڄاوا هئاسون.

"ٻيڙي ڪناري سان لڳي تہ هو اگهاڙي پيرين پاڻيءَ کان پٽ ڏانهن وڌي ٿو. ڳالهيون وڄن پيون وڏنديون ۽ اهو الائي ڪٿي وڃي رسيو آهي. "ڇوٽياريون ڊيم" نهڻ جي تصور کان اڳاهون هن جو پنڌ. آس پوري ٿيڻ خاطر جهڙ ڪي اوچين پٽن تان تاريندي هن تہ عمر ڏئي ڇڏي آهي.

ڇونئري آڏو پيل کٽ تي هو آهلي سڄي ڏينهن جي ٿڪ ڪي اجلائي ٿو. شام، سج، تارا ۽ سپنا. پٽن تي ڇانئجي ويل جُهڙ ۾ آهن هن جون اکيون.

”مولٰيٰ! هيل اسان جي اميدن جو مينهن وسندو يا نه“. ڪيس لڳو ته اها خواهش آهي جيڪا هتي آباد هر ماڻهوءَ جي سيني ۾ وسي ٿي.

“هي چونئرو منهنجو گهر آهي
آئون هتان جي خوابن تي قتل جو اڪين ڏٺو شاهد
جُهڙ جي رُسامن تي به احتجاج آهي
۽ پنهنجي خوابن جي قتل تي به احتجاج آهي
هي چونئرو منهنجو گهر،
منهنجي تمنائن جو خالق آهي
آئون تارن جي روبرو آهيان،
درد آهي ۽ آئون، ڏور منزل،
جهڙ جهولائن ڪي به زندگي آهي.“
پٽ جي هيناهين تي بينل مال جي وڳ مان آيل ٽاڏ تي هن جي خيالن جون تندون ٽٽيون. هن آسمان ڏانهن ڏٺو، رات جُهڙ ڪي وڏيڪ گهرو ڪري ڇڏيو هو. وسڪاري جي خواهش هن کي بي چين ڪندي ٿي رهي. اصل بي چيني جو سبب ته اهي فيصلا آهن جيڪي شاهي ايوانن ۾ ٿين ٿا جن هتي صدين ڪان آباد ماڻهن جو آئيندو غير محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.
”آئون مينهوڳي رت جي رسامن تي ڪيئن لکي سگهندس ۽ پنهنجي درد ڪٿائن تي ڇا لکي سگهندس.“
هن اپ تي نهار وڏي ۽ اٿيو، ڪرو ڪٽي وضوع ڪيو ۽ مصلي تي نماز جوٽي فرض ۽ نفل پڙهي هن دعا لاءِ هٿ ڪنيا:

“هي اجڙو ٿر، منهنجو گهر آهي
سياٽي ڪيئن ڇئجي ته
منهنجي خواهشن جو قتل نه ٿيندو؟
اسان جي نسلن جو آئيندو محفوظ ٿي رهندو
مولٰيٰ اسان جي خوابن ۽ تمنائن کي پناهه ۾ رکجان!
اسان جي اکين ۾ رهجي ويل لڙڪن کي پناهه ۾ رکجان!
هي ڍنڍون، پٽون، وڻ ۽ آکيرا اسان جي نسلن جي امانت آهن.
اسان جي دلين کي امان ۾ رکجان! ”

هي ڪٽ تي آهلي پيو. رات هن جي اکين جي پنبڻين ۾ اٽڪي پئي آهي. پٿون ۽ جهڙ مان ليئا پائيندڙ تارا. هن جي سوچ جي هُن دنگ تي آهي آئيندي جي بهتري لاءِ جدوجهد جو مورچو. هڪ آس، جنهن کي ماڻڻ لاءِ هو ڇڻ تہ سالن کان سفر ۾ آهي. سندس سوچ جون تندون ٽتنديون ۽ جڙنديون ٿيون رهن.

”هي سڀ ماڻهو، هن رياست جنگل جي راڄ جا راڻا آهن. اسان کي تہ پٿون ئي وڻن ٿيون.“ عمر پڇڻي اٿو تہ ناري ماڙيءَ جي مالوندن کان پڇو. هر ماڻهوءَ جو من قلهوربو تہ تاريخ جو مواد سهيڙي ونبو. انهن کي خبر آهي تہ عمر، کير ۽ ڏڌ جو بہ پاڻ ۾ ڪو تعلق آهي. هلڪي بوند تي گهڙي لاءِ پاڻ پساري هو چوئنري ۾ اندر وجي ٿو.

“منهنجي چوئنري تي ٿمندڙ هي بادلڙو
منهنجي دنيا آهي.
جو منهنجي اک جا لڙڪ ڏئي ٿو موتائي”

ٿوري دير کان پوءِ بوند بيهي وئي هئي ۽ هو يٽ تي پير ساهڻ لڳو، ستارا جهڙ مان ليئا پائڻ لڳا ۽ چنڊ ڪڪرن مان آجو ٿي آيو هو.

پُرهہ وٺيءَ تي، چنڊ لڏي پيو چوئنري تي
آئون تہ سدائين
جنڊ جي موسيقي تي جاڳان.
ممتا جي ٻوليءَ تي جاڳن منهنجا سپنا
وڳ وجي پيو ۽ هي لارون منهنجي دل جون پڪارون آهن
هي توڏو واريءَ جو ٻيڙو
چونئرن سان پيڙو آهي منهنجو من.
منهنجي چونئري جي چوڏاري منهنجي دنيا آهي
آئون تہ سدائين
جنڊ جي موسيقي تي جاڳان
۽ شام ٽاڻي
چنڊ لهي ٿو منهنجي اک جي يٽ تي
رات لنوي ٿي منهنجي چونري جي چوڌاري
هي چونرو منهنجي دنيا آهي.”

هو سوالن جي گهراين ۾ وجي پيو لهندو. رات، جُهڙ، ليئا ليئا چنڊ، وسوسا ۽ هُو. هنن پڙيانگ پٽن سان بي انتها محبت جو مثال. كيس سياٽي وري وجٿو آهي هوڏانهن. خوابن كي مجتا ڏيڻ لاءِ جهاڳٽو آهي پنڌ جيكو كٽڻ جي ئي نٿو كري.
”آرزو ۽ اوجاڳي كي بہ تہ كا معنيٰ آهي ؛“ هي پڻكيو. سندس ننڊ اكين ۽ اپ جي وچ تي اٽكي پئي آهي ۽ هو جاڳندو ٿو رهي. تتل سوچ جون تندون ڳنڍڻ لاءِ.

* * * * * * * * * *

# غلاظت

ان ڏينهن ٻه هن پنهنجي ڪم جي مڪملتا تي فتح جو ٺهڪ ڏنو هو. خوشيءَ سان ڀرپور اهو ٺهڪ ڇا هو سڄي آفيس ۾ مختلف ماڻهن ان کي پنهنجي پاڻ تي طنز سمجهي، ڇاڪاڻ ته انهن جي نظر ۾ ان اظهار لاءِ شايد اهو وقت مناسب نه هو.

هن جڏهن به ۽ جيڪو به ڪم پورو ڪيو تي ته هن جي اندر مان بي انتها خوشيءَ ۾ ٺهڪ ئي اٿيا تي. ائين هن ٺهڪن کي ڪڏهن به ڪو عار نه سمجهيو ۽ روزانو هر نندي ڪم جي تڪميل تي هن سدائين پنهنجي من کي ئي شريڪ سمجهيو. هر نندي خوشي هن جي لاءِ وڏي جشن سمان ئي رهي ۽ هر وڏي خوشي لاءِ هن ڪڏهن به انتظار نه ڪيو.

هن جي سدائين اها ڪوشش رهي ته اجتماعي طور ٺهڪ ڏجن ۽ انهن ٺهڪن جا پڙاڏا گونجن ۽ اها مشق جاري رهڻ کپي. گهر، گهٽي، آفيس توڙي رستي ۽ پارڪ ۾ گهمندي مرڪ سجائي رکڻ ۽ اجا به اڳتي ٺهڪن ۾ به ڪو راز سمايل آهي جو انهن سان دل جو بار هلڪو ٿي وڃي ٿو.

نيڪ ائين تنهن ڏينهن به هن پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ جي فتح تي پنهنجي دل کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ ٺهڪ جو سهارو ورتو هو. جڏهن ڪم پورو ٿيو ته خوشيءَ ۾ بي اختيار ٺهڪ نڪتا ۽ ڏسندي لمحي پل لاءِ هي ڄڻ ته من ۾ سيني پوڳنائن جي بار ڪان آجو ٿي ويو هو. هن جي آڏو ڪنهن پرواهه ڪئي بغير دل جي اها هلڪائي سدائين ڄڻ ته زندگي جي جيت ئي رهي.

ان وقت مختصر آفيس ۾ ٿوري وٿي تي هڪڙو دوست پنهنجي سالگرهه جي رٿابندي ڪندي ٻئي کي ڪجهه ٻڌائي رهيو هو ته "ان موقعي تي ڪو اهڙو مثال قائم ڪرڻو آهي جو خوشين جا رنگ ئي مٽجي وڃن. صرف ڪيڪ ۽ 24 ميڻ بتين جو معاملو ناهي اڄ ته دل چوي ٿي ته پنهنجي جنم ڏينهن تي ڪلهي ۾ گٽار لٽڪائي اسٽيج تي اڇڻ گهرجي ۽ سيني دوستن کي اسٽيج تي گهرائي ڪو رقص ڪجي."

نيڪ ان وقت ٻيو دوست وڏي هن کي سالگرهه جي مبارڪ ڏئي رهيو هو ۽ هو سچ پچ ته خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو.

اها ئي گهڙي هئي هڪ ڄڻو پنهنجي باس کي تعويزن جو مشورو ڏئي رهيو هو ته هن تعويز ڏيڻ واري جو اهڙو ڪمال آهي جو هڪ ڏاڳي ٻڌڻ سان هر ماڻهو نيڪ ٿي وڃي ٿو، دليون ڏوڪي وڃن ٿيون. ۽ مشوري جي موٽ ۾ باس هن کي شاباس ڏئي رهيو هو.

ڪجھ ئي لمحن کان پوءِ آفيس جو پٽيوالو پڪوڙن جي پليٽ سيني آڏو ڦيرائي رهيو هو تہ جيڪڏهن ڪو هڪ يا ٻہ پڪوڙا کڻي ونئي جو باس ڪي تعويذ ملڻ وارو آهي ۽ هن جون سڀ باسون پوريون ٿينديون.

ظاهري طور اهو لمحو سيني لاءِ مختلف خوشين جو هو. پر ان وقت هڪ زوردار ٺهڪ ڇا هو ڪا قيامت برپا ٿي پئي. هر ماڻهو پنهنجي ليکي اندازو لڳائي رهيو هو تہ شايد ٺهڪ ڏيڻ واري ڪي ڪا ڳالھ ناگذار گذري هجي ۽ هن ٺهڪ ڏئي ننول ڪئي آهي. ڪجھ ماڻهن پنهنجي دلين تي هٿ رکي اکيون پوري ڇڏيون. ٻين هن جي ان عجيب حرڪت تي ڪيس گتا لفظ ڳالهايا. هر ماڻهو هن ڏانهن ڏسي وڏي وات ڇئي رهيو هو تہ "اهو سڀڪجھ هن سٺو نہ ڪيو آهي."

پر هن کي حيراني ٿي رهي هئي تہ هنن ائين ڇو سمجهيو. "آئون تہ صرف پنهنجي دل کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ سڀ ڪجھ ڪري رهيو هئس."

هن هر ماڻهو جي سمجھ جي سطح جو اندازو لڳايو پر ناڪام ويو ۽ چيو تہ اهو منهنجو ڪم ناهي تہ سيني کي ٻڌايان تہ هيئن يا هونئن ڪريو. هر ماڻهو پنهنجي دل آڏو زميوار آهي ۽ اها آزادي مون کي بہ ملڻ کپي.

پر هن کي شايد اهي سڀ ننوليون، سڄو غصو ڪجھ نہ ڪري سگهيو ۽ هن وري ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. ان وقت ان آفيس ۾ شايد صرف ٻہ ماڻهو ئي هئا جن ان سڄي عمل کي تماشو ڪوئڻ بدران هن ڏانهن نهاري پنهنجي پنهنجي دلين جي مير ڪيڻ لاءِ مسڪرائڻ ڪا وڏي آهستي ٺهڪ ڏيڻ جي همت ڪئي. توڙي جو باس خود هڪڙي عجيب عادت جو شڪار هو، ان ڪري اهو عمل هر ملازم لاءِ خطري کان ٻاهر نہ هو. پر هوُ سدائين اهڙن خطرن کان بي پرواھ پنهنجي دل جي آڏو مهٽي هاب ٿيڻ بدران ڪڏهن بہ ڪل روڪي نہ سگهيو.

هن لمحي لاءِ سوچيو تہ آخر ائين ڇو ٿيو جو هر ماڻهو کي مرڪڻ کان وڏي ٺهڪ ڏيڻ کان روڪيو پيو وڃي. پر اهو عجيب اتفاق آهي تہ هڪڙي خاص دلين جي جوڙ جڪ جي حوالي سان ماڻهو شايد مرڪڻ ۽ خوشي کي طنز سان مشابهت ڏين ٿا.

اهو بہ عجيب لمحو هو جو ان وقت سڀ ماڻهو هن کي خراب ڪوني رهيا هئا ۽ هي سيني کان الڳ ٿلڳ صرف کلي رهيو هو. اها کل هن جي زندگي جي الڳ رنگ ڍنگ جو مثال هئي جنهن لاءِ ڪيس ڪنهن بہ گواھ جي ضرورت نہ هئي. پر اتي موجود هڪ صفائي واري سميت ٻہ ماڻهو هئا جن سدائين هن جي خوش طبيعت کي داد ٿي ڏنو جو اهي آفيس ۾ سدائين غير ضروري گوڙ گهمسان ۾ رهندي کلڻ ۽ مسڪرائڻ ئي وساري ڇڪا هئا. پر ان ڏينهن شايد ان داد کان وڌيڪ رد عمل خوفناڪ ماحول جوڙي ڇڏيو هو.

هن آخر اهو چئي ڏنو تہ "ان ۾ ڪهڙو حرج آهي. هر ماڻهو کي ڪلڻ جي اجازت ملڻ کپي. چڙيو تہ ماڻهو کلي خوشي جو اظهار ڪن جو ان عمل سان ئي قوت ملندي آهي. ٻين کي خوشي ڏيڻ ۾ ئي پنهنجي خوشي جو احساس لڪل آهي. پر عجيب زندگي جو ڪرشمو آهي جو ماڻهو ٻين کي خوش ٿيندي پنهنجي پڄرڻ کي ترجيح ڏين ٿا."

هن آفيس ۾ صفائي ڪندڙ ڏانهن نهاريو جيڪو غربت، نفرتن ۽ استحصال سميت سڀني ايذائيندڙ روين کان بي پرواهہ هر وقت کلندو رهندو هو. پر اهو بہ هڪڙو فن هو جيڪو اهڙن ئي ماڻهن کي سونهين ٿو، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ٻين کي خوشيون ڏيڻ ۾ ئي پنهنجي من جي خوشي سمجهن.

ان ڏينهن بہ آفيس ۾ هيڏي گوڙ گهمسان ۾ صفائي واري پنهنجي معصوم چهري تان مرڪ نہ هٽائي، ۽ اجا بہ هن وڏي وات کلڻ تي چاهيو. پر پوءِ ڪيس خبر ئي نہ پئي تہ ان مرڪڻ جي سزا طور سندس پگهار روڪي وئي ۽ پوءِ بهانو بنائي کيس نوڪري مان نيڪالي ڏني وئي. وقت وقت جي ڳالهہ آهي تہ هو وري بہ پنهنجي زندگي ۾ انهن ايندڙ مرحلن ۾ شايد هري ويو هو. اهو ئي سبب هو جو هن کي جتي بہ کنهن ڏنو تہ مسڪرائيندي ئي ڏٺو.

ان ڏينهن بہ هوُ ٻئي رستي تي مليا. صفائي ڪرڻ وارو ڇوڪرو صاف سٿرن ڪپڙن ۾ ملبوس مسڪرائي رهيو هو. ان ئي رستي تي ٻئي ڄڻا ننڍڙي هوٽل تي چانهن پيئڻ لاءِ ويا. ٻنهي زندگي جي ان گُوناگون مصروفيتن جو بهانو نہ بنايو. بينچ تي ويهندي ئي ٻئي کليا، هنن ڳالهائڻ بدران ڀرپور ٽهڪ ڏنا. اتي وينل ماڻهن هنن ڏانهن لمحي لاءِ ڏٺو تي ۽ ٻئي لمحي انهن اهي نظرون هٽائي تي ڇڏيون. ان ئي کل ۾ ڪا خاموشي لڪل هئي ۽ اکيون هيون جيڪي ٻنهي جي دلين جو راز پروڙي رهيون هيون.

هن حال اوريو تہ هيڏي شهر ۾ صفائي ڪرڻ واري نوڪري نئي ملي. ان لمحي هن محسوس ڪيو تہ "هن شهرجي ماڻهن جو اندر شايد گندگي سان ڀرپور آهي ۽ انهن جي ڇوڏاري غلاظتن سان ڪيتري نہ رغبت آهي."

هي ٽهڪيو "غلاظت بہ ماڻهن کي وڻي تي!"

هن لمحي لاءِ اکيون ٻوري ۽ کوليون تہ هن جي چهري تي مرڪ ٽڙي پئي.

پوءِ چانهن پيئڻ دوران واري وٺي تي هنن رڳو اکين سان ڳالهايو. ٻئي اٿيا، رستي تي بيٺي هنن ٻنهي وري ٽهڪ ڏنا ۽ ٻئي پنهنجي پاڻ کي پنهنجي ئي دلين مان نڪرندڙ ٽهڪن ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. کل هئي جيڪا هنن پنهنجي چهري تي سجائي رکي هئي. پوءِ هڪڙي طويل ٽهڪ سان ٻنهي موڪلايو.

ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏيون دونهون ڇڏينديون هوا ۾ بدبوءَ جي لهر سان گذرنديون رهيون ۽ هي بئي ان ئي بدبودار ماحول ۾ ساهه کڻندا، پنهنجي ئي اندر جي خاموشي سان وندرندا پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن هلندا رهيا.

***********

# ڳوٺ ۾ پلجي ويل اکيون

هو جڏهن واپس شهر پهتو ته کيس لڳو ته هو ڏينهن پڄاڻان ڳوٺ ۾ هڪڙي رات رهي پنهنجيون اکيون ڳوٺ وساري آيو آهي. پنهنجي واپسي جي سڄي سفر جو تصور ڪري ٿو ته پريءَ بس ۾ هو هر هر وڃائجو وڃي. کيس لڳي ٿو ته هو ٻار آهي ۽ ڪو سندس ڪمزور ڪنڌڙا ٿين مان وٺيو گهرجي چوائنٽ تي ڇڏيو هليو وڃي.
بس شهر جي ويڪرن رستن تي ٽريفڪ جي سوڙهه ۾ ڦاسندي، ڦٽڪندي ”هارن“ وڄائيندي ٿي هلي ۽ هو ڪنرا هٽندو آواز جهٽيندو ٿو رهي. هن جا سڀ حواس پنهنجي نڪاٽي ناهن رهيا. هو جيڏانهن به نهاري ٿو ته اچو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ نڪري، کيس اعتبار ئي نه ٿو اچي ته هو شهر ۾ آهي.” منهنجي دل سيني ۾ آهي يا اها به اکين سان گڏ ڳوٺ وساري آيو آهيان.“
هو بس ۾ وينو آهي پاڻ وڃايو، کيس ياد آيو ته جهرڪين ڪي ڏسندي سندس اکيون ٽڪ ٻڌي بيهي ٿي رهيون. پپگل پت تي ڪانءُ لٿو هو. ڪنياتي جي ٻوليءَ سان هن جي اکين جون ڍنڍون پرجي آيون هيون ۽ ساروٽين جا ڪئين اڇا پکي لٿا هئا اکين جي پريءَ ڍنڍ تي. چوليون ساروٽين جي پکين ڪي وندرائيندڀون پيي رهيون ۽ هو خدا ڄاڻي پنهنجي ئي اکين جي پريءَ ڍنڍ ۾ ٻڏي ٻڏي پيي نڪتو.
نڊيپڻ جا سارا منظر رليءَ جي اٽت وانگر هن جي آڏو ايندا، ڪُلندا، ويڙهبا پيا رهن. هي پڇڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سڀ گهٽيون هن جي ٽنگن ۾ چنبڙي ٿيون پون ۽ هن جا قدم نه چاهيندي به رڪجي ٿا وڃن. جيئن جيئن هو سوچي ٿو پنهنجي اکين جي تار ڍنڍ ۾ ٻڏڻ لڳي ٿو. بس هلندي پئي وڃي اڳتي. شهر ۽ ڳوٺ جي وچ تي پُل جو تصور، سوچ جي دونهين ۾ هن جو ساهه گهٽبو پيو وڃي.
هو گهر پهتو آهي. شهر ۾ شام جا پاڇا وڃن پيا وڌندا. سج لڪي ويو آهي اوچين عمارتن جي هُن پار. سج لٿي ڪان ئي اکين جي ڍنڍ تي نند جا مهمان پکي ايندا گڏ ٿيندا ٿا رهن. ڄڻ ته ڪو طوفان آيو آهي ۽ هي خُمار جا پيغامبر پرندا پنهنجا آکيرا ئي وڃائي وينا آهن. هو پنهنجن حواسن ڪي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر لڳي ٿو ته سندس سڀ ڪوششون اجايون آهن.
هن جي تصور ۾ اچي ٿو ڳوناٽي ڪائنات جو هڪ هڪ منظر جنهن جو شهر سان ڪو تعلق ڪونهي. احساسن جو نسرندڙ فصل جهومي رهيو آهي ۽ نند جا مهمان پکي آيا آهن اکين جي ڍنڍ تي تڙڳڻ.

**پيو ڏينهن**

سياري جي سڄي رات هو ننڊ اکين تي کڻي هلندو رهيو. صبح جو هو اٿيو آهي بستري تان.

“کلندو هو رهيو تاڪيو
هئا خواب سوين تاڪيل
هڪ راز حياتيءَ جو”

هونيرن ڪئي نہ ڪئي جهڙي، نڪري پيو آهي آفيس ڏانهن. اسٽاپ ڏانهن ويندي ڪيس لڳي ٿو تہ وقت بيهي رهيو آهي هڪڙي جاءِ تي يا الائي اسان پاڻ هڪڙي جاءِ تي بيٺا آهيون. هي گهٽيون ۽ سڀ رستا هلي رهيا آهن ۽ ڊوڙندڙ بسون ماڻهو ڀُهنديون، اوٻاڇينديون پيون هلن. رستا آفيس جي ويجهو لنگهن ٿا تہ اسان پاڻ مرادو هليا وڃون. گذر جي ڪائنات جو تنگ ۽ تاريڪ دروازو سدائين لاءِ هڪڙي ڏنيينڌڙ آواز سان اسان جي آجيان ڪري ٿو ۽ پوءِ.......
هو وڃي پيو آفيس ڏانهن قدم کڻندو ۽ معصوم لمحا هن جي اڳيان اچو ڪيس پنيلايو وڃن. اکيون ڪنياتي سان ڳالهائن ٿيون. پڳل پٽ تي وينل ڪنياتي سان اکين جو جڻ تہ صدين ڪان سٻنڌ آهي. جيڪي ٽڪ ٻڏي تي بينيون. هو پاڻ موٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي لفظ ڊوڙندا ٿا رهن ۽ هن جا هٿ جڻ تہ ”ڪي بورڊ جو حصو تي ويا آهن

* * * * * * * * * *

# آزادي

تنهن رات زال کيس چئي رهي هئي تہ "امام بخش پاڻ کي هيئن بہ کرڻ کپي تہ هونئن بہ کرڻ کپي. وقت وجي پيو هٿن مان نکرندو. پاڻ کري تہ ڪجھہ بہ ڪونہ سگھيا آهيون. پاڙي جي گھر ۾ پلا ڪيترو وقت رهنداسين."
"خير! سيني ڳالهين کي ڇڏ ڊاڪٽر جو بہ چيو ڪونہ ورتوسين. ڇوڪري کي تڪليف وجي پئي وڏندي، مائٽن عزيزن کي ڪهڙو ٻڌايون. طهر جي رسم پوري ڪريون. اسپتال نہ سهي جڙئي حجم کي ئي منٿ ڪري ڪونديءَ تي ويهارينس. ويچارو پيشاب ڪندي ايذاءَ ۾ ٻاڙهو ٿي وجي ٿو".
هو ڳالهائيندي رهي ۽ هو يڪايڪ اکيون اپ ۾ کُپائي ٻڌي رهيو هو. شهراٽي ڳوٺ ۾ بجلي ڪنهن مهل ڪان هلي وئي هئي ۽ اوندھ ڇڻ تہ پاڻ سان گڏ سانت ڪٺي آئي هئي. هوءَ ڪنهن جواب لاءِ پنهنجي مڙس جو منهن تڪيندي رهي.ڪجھہ دير ڪانپوءِ هو پنهنجن پورن مان نڪتو ۽ چيو تہ: "جڙئي حجم کي تہ مون چئي ڇڏيو آهي. اهو جمعي جي ڏينهن شام جو ايندو. پاءُ مصريءَ جو پنهنجو ٻار ڇا ڪائيندو، حجم جي زال جو وات منو ڪنداسين. ڪوندي بہ نئين ونڻي پوندي. پاڙي جي ماين لاءِ منائي بہ ونڊاسين، نہ تہ ڪا مائي مبارڪ ڏيڻ آئي تہ خوامخواہ مهٽي هاب ٿينداسين".
"ها!بيو مون پي سوچيو تہ منهنجي ماءُ تہ مري وئي، تون پنهنجي ماءُ کي ڪٺي ڪوٺ ڏئي گھرائين ها، من ان بهاني تنهنجون ماساتيون بہ اچن ها. نندڙي گھوٽ جي ماءُ پاران جنڊ جو پڙ سر تي رکڻ جو تہ زمانو ئي ڪونهي. ڳيچ بہ ڪير ڳائيندو. گھٽ ۾ گھٽ ڪو هجي جو تنهنجي مٿي تي پاٽيءَ جي چل هاري مبارڪ تہ ڏئي. پهريون ڪاج آهي. خير تنهنجي مرضي."
هن ڏنو تہ هوءَڇوڪري کي ٿج ڏيندي پورن ۾ هلي وئي. ڪجھہ گھڙي سهي هن وري ڪيس ياد ڏياريو تہ: "اڄ تہ ماني بہ ڪانہ ڏنئي، ٻتي الائي ڪڏهن اچي...."
ڇوڪرو سمهي رهيوهو تنهن کي هن گاديلي تي ليٽائي، ڇاتي ٿڦڪي، مٿان گنديءَ جو پلئہ رکي، هوءَ اٿي ۽ ماني ڪٺي آئي ۽ هو ماني کائڻ لڳي ويو.
هوءَ روزانو وانگر ٻتي وڃڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري خاموش ٿي وئي هئي. هو بہ ماني کائي خالي ٿانوَ ڪٺ هينان رکي گرڙي ڪري، هنڌ تي آهلي پيو. ٻئي ننڊ جو انتظار ڪري رهيا هئا پر ڪنهن ڪنهن مهل پاڙي مان ٻار جي روئڻ جي آواز سندن خيالن کي ٽوڙي پي ڇڏيو ۽ هو پاسا بدلائيندا رهيا.

هن وري سانت کي ٿوڙيو: “مون پي سوچيو ته هيڏي اونده تي اچي وڃي پئي پر پاڻ ته هتي ڪڏهن ڪڙڪبيتو به ٿمڪندي ڪونه ڏٺو ۽ نکو پنيورين جا لامارا ڏناسين. هي وڏو ٿيندو ته ڪيس ڪيئن ٻڌائينداسين ته اونداهه ۾ ڪڙڪبيتا ڪيئن ٿمڪندا هئا ۽ انهن پويان ٻار ڪيئن ڊوڙندا هئا ۽ پنيوريون ڪيئن اڏامنديون هيون.”
هن ڳوٺ جون يادون ورجائيندي پٽ جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي هن ڏانهن پاسو ورايو، پر هو پنهنجي خيالن ۾ هو ۽ ٻڌو، اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.
******

صبح جو سوير چانهه سان نيرن تي ڪيس الائي ڇا سُجهي آيو ۽ چيائين ته: “منهنجي ماءُ ته مونکي ڪني آڱر سمجهي وڃي ڇڏيو. توسان جند ڇا اڙي، سڀ رشتا ڇڻ ته ٽٽي ويا. مونکي ڇا، هي ڄائو ته امان ڪيس ڪپڙن جو وڳو به ڪو نه ونيو ڏٺو ۽ نکو منهن سان مبارڪ ڏنئين. منهنجون ماساتيون ته سندن مائرن وانگر خود غرض آهن، تن ڪي، کهڙي، ڪوٺ ڏيان، ان ڪان ته چڱو ته تون پنهنجي ڪيڙ مان ئي ڪنهن کي گهراءُ.”
هن چيو: “اميد خاتون! مون تو سان گهاريل ساڍن ٽن سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن به اها ٻڌاڪ ڪانه هنئين آهي ته آئون تو لاءِ تارا لاهي ايندس، اها الڳ ڳالهه آهي ته آئون توسان ڪڏهن ڪڏهن پيار ۾ ڪيتريون ڪچيون ڦڪيون ڳالهيون ڪري ويو هوندس.”
هو مانيءَ جو گرهه چٻاڙيندي خاموش ٿي ويو هو.
زال ڏانهس ڏٺو ته ڪيس لڳو ته هن جي گهرين اکين مان ڪو ڪُمهلو خيالن جو ڪڙڪبيتو اڏيو هوندو يا سندس اکين جي ڪنارن تي ڪا سوچ جي پري لٽي هوندي، جنهن سان وندري ويو هوندو. ڪيس الائي ڇو پڇتاءُ ٿيو ته هن پنهنجي پيار کي، پٽ کي طهرائڻ جي تڪڙ ڪري شايد رنج ڏنو آهي، انڪري هوءَ ڏاڍو محتاط ٿي وئي هئي.
”توکي ڪيئن ٻڌايان ته مزوري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏا ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا. ڪيڏو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. جيڪو ڏهاڙي ڏئي ٿو اهو کهڙو ورتاءُ ڪري ٿو. انسان هوندي به پاڻ کي جانور سمجهي سڀ ڪجهه برداشت ڪري به ڏوڪڙ آڻي دال ۾ بصر وني وات ڪڙو ڪريون ٿا.”
اهو چئي هُو ڪٽ تان اٿيو، هٿ کي پاٽيءَ ۾ پسائي، زال ڏانهن آخري پيرو نهاري نڪري ويو ۽ زال پنهنجي پٽ کي مانيءَ جا ننڍا پور چانهه ۾ ٻوڙي کارائي رهي هئي.
*** ***

اهو آزادي جو ڏينهن هو. عمارتن کي هڪ ڏينهن اڳ ئي رنگين بلبن ۽ جهنڊين جي جهالرن سان سجايو ويو هو. هر دل خوش هئي . بسن وارا جنگي نغمن جي ڌن تي گاڏيون ڀڄائي رهيا هئا. والدين پنهنجن ٻارن جي قومي جوش ۽ جذبي کي محسوس ڪرڻ لاءِ صبح جو سويل اسڪولن ڏانهن ويل هئا، پر هوُ ان ڏينهن به ڪجهه ماڻهن سان گڏ روزانو وانگر ساڳئي چوڪ تي مزوريءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. گهر ۾ اٿهوند ڪيس اهو محسوس ئي نه ڪرائي سگهي ته اڄ وطن جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي ۽ هر ماڻهوجشن ۾ شريڪ هوندو.

ڪافي دير ڪانپوءِ پاچولا مڙيا ته ڪيس پڪ ٿي ته اڄ سندس قسمت جو ستارو نه چمڪندو. هن ڏٺو ته سامهون واري اخباري اسٽال تي معمول کان وڌيڪ رش هئي. پر واري اسڪول ۾ ٻار قومي نغما ڳائي رهيا هئا. هو اٿيو، ڪيس لڳو ته سڀ رستا ملڪ جي باني اڳواڻ جي مزار ڏانهن وڃن پيا. رستن جي رفتار ڏاڍي تيز ٿي وئي هئي. سڄي شور ۾ هو اڪيلو هو. سندس اکين ۾ ڪابه خوشي نه هئي. جنگي نغمن جي ڌن تي ڪنهن مهل هن جي قدمن جو ردم تتو ٿي ۽ ٻئي لمحي هن پاڻ سنڀالي ٿي ورتو. ڪيس ايندي جو هلڪي بک جو احساس ٿيو هوسو ايڏي شور ۾مانو ٿي ويو هو. ڪيس ڏک اهو هو ته اڄ به ڏهاڙي هٿي نه سگهيو. پرينهن جمعي جو ڏينهن آهي ۽ جڙيو حجم ايندو. اٿهوند ۾ ڪاڄ به الائي ڪيئن ٿيندو؟.

هن قائد جي مزار جي چوڪ تي بيهي جائزو ورتو. اسڪولي ٻارن جا قافلا جنگي نغمن جي ڌن تي مزار ڏانهن وڌي رهيا هئا. پري کان اڇي اجري مزار جو گنبذ چنڊ جي مجسمي جهڙو لڳي رهيو هو. ڪنهن ڪنهن مهل اپ تي ٻوڙندڙ ڪڪرن سج کي ڍڪي پي ڇڏيو. ٿڌي اس، چنڊ جو مجسمو ۽ ٻوٽا. جنگي نغمن جي ڌن تي ڪنهن ڪنهن مهل هن جا قدم ٿڙيا ٿي ۽ ٻئي لمحي هن پاڻ سنڀالي پي ورتو. هي ٻاهريون در ٽپي اڳتي وڃي بيٺو.

بکي جي هلڪي احساس ٻيهر هن جو ڌيان ڇڪايو ۽ واپس ورڻ لڳو. رستو، ٽريفڪ، شور، جنگي نغما. گاڏيءَ ۾ ويني هن کي لڳوته سندس گهر ڏانهن ويندڙ رستي جي رفتار سست ٿي وئي هئي. شور گهٽبو پي ويو ۽ هو يڪا يڪ پورن ۾ هليوويو هو. جڏهن گاڏيءَ مان لٿو ته پاڙي ۾رمون راهگذر جي دڪان تي چار ماڻهو وينا هئا. عدنان استري وارو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. جمعي موچيءَ کي جوتن ڳنڍڻ کان فرصت نه هئي، ان ڪري اڄ ڪيس سلام نه ڪري سگهيو. هن گهر جي چانئٺ کان ٿورو ٻاهر تيز ڪاڏو. هن جي وات مان گار نڪتي، هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري گهر اندر قدم رکيو، سندس زال رليءَ جو پڙ سڄو ڪري چڪي هئي. ٻيءَ کٽ تي ڇوڪرو ستو پيو هو، هن مڙس کي ايندو ڏسي رليءَ کي پاسيرو رکي ڪيس جاءِ ڏني ۽ گهڙيءَ ڪانپوءِ ماني کڻي اچي سندس

اڳيان رکي. هن کي آيو ته زال ضرور ڪائنس پڇندي انڪري سندس زبان مان پاڻ مرادو نڪتو: ”اڄ آزاديءَ جو ڏينهن هو“ ۽ هُن وراڻيو ”ڪنهنجي آزادي؟“ ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو پر وٽن ڪو به جواب نه هو.

# ڪاٽا تي ويل لغڙ

هوُءَ ماني ويليندي تئي سان ڳالهائيندي پئي وجي. پنهنجي منهن پٽڪا. پٽ ڪُڏ تي لغڙ جي ڏاڳي ڪي وجي پيو ڍر ڏيندو.
ڪا مهل تي آهي هوُ لغڙ سان ڳالهائيندو پيو رهي ۽ هيءَ پنهنجي ساڄي پاسي ڪان نهاريندي ٿي رهي لغڙ ۾.
لغڙ وجي پيو ڍرو ٿيندو. اڳيا اڏامندڙ لغڙ ۾ ڇوڪري جون اکيون. "ڪاٽا تئي نہ تئي ان سان اڏامڻو آهي".
پُٽ جي لغڙ ۾ ماءُ جون اکيون ترڪنديون، خوشيءَ سان ٽمٽار ڳوڙهن سان اٿلنديون پيون رهن. هن جي اندر مان اٿلون ڏئي نڪرندڙ لفظ هن ڪي اتساهيندا ٿا رهن؛

"هاءِ هيءُ لغڙ منهنجي من جو،
هاءِ اڏاڻو منهنجو من

اُڏ اُڏ اي لغڙ اُڏ تون
ڪڪرن سان وجي مل
اُڏ اُڏ اي لغڙ وجي جُهڙ سان مل تون."
هوُ واراڪا ڏيو، لفظ ڳنڍيو پئي دل بهلائي. ٻار جي اڳيان آهي ٻيو لغڙ. هن جي هٿن ۾ جهليل ڍيري جي ڏور وجي پئي ڍرڪندي. ويلڻ وجي پيو گهوماٽبو. لفظ وريو وريو پيا ورائجن. خوشيءَ جي لڙڪن سان ٽمٽار اکيون اٿليو پيون اٿلن. تئي تي هر ماني پڪي نہ پڪي جهڙي سڙيو پئي اٿلي. پر هن جون اکيون آهن لغڙ ۾؛

"لغڙ تہ خوابن جهڙو
هاءِ ملائڪن جهڙو
منهنجو هينئون جهل تون
اُڏ اُڏ اي لغڙ وجي جُهڙ سان مل تون."

مانيون سڙنديون پيون وجن ۽ هن جو هينئون اٿليو پيو اٿلي، ڇڻ تہ لغڙ ۾ هن جو ساهہ آهي ۽ جيئن جيئن ڏاڍو ڏرو ٿيندو پيو وجي تيئن تيئن هوُءَ دل ئي دل ۾ وجي پئي هوڪاريندي، جهونگاريندي.
لغڙ هڪ طرف آهي ۽ ٻئي پاسي آهي هن جي اميدن جو لغڙ. جنهن ۾ آهي هن جي حياتي جي ڏور سا وجي پئي ڏرڪندي. ڇوڪري جون اکيون آهن لغڙ ۾.

"الا منهنجو منڙو!
هاءِ لغڙ منهنجي من جو
تون تہ حياتي جهڙو
ڏور تہ منهنجي جهل تون
اُڏ اُڏ اي لغڙ وجي جُهڙ سان مل تون."

لغڙ وجي پر ورتي آهي سامهون واري لغڙ جي. هن جي اکين ۾ پرجي آيو آهي آگم ڳوڙهن جو. ماني ويلينڊي ورچي ئي نٿي. مٿان هن جي اميدن جو لغڙ وجي پيو سامهو واري لغڙ کان گوءِ کڻڻ.

هن کي وري وري اچي ٿو تہ هوُءَ ماني کٽي پٽ کي سڏ ڪري پر اميدن جو ڏاڍو وجي ۾ ڏرڪندو. خواهش هن جي اکين ۾ مهمان جو روپ ڌاري آئي آهي. دل ۾ آهي سوپ جي آس.

لغڙ اچي پر ورتي آهي سامهون واري لغڙ سان ۽ ڏاڍو بہ اچي ڪٽو آهي.
هوُ ماني پاڻي سڀ ڪجهہ وساري وينو آهي. هن جي آڏو آهي سوپ جي ڪمزور خواهش جنهن جو مدار آهي ڏور تي جيڪا ڪٽڻ واري آهي.
"سامهون واري لغڙ جي پويان خدا ڄاڻي ڪيتري ڏور هوندي."
ماءُ سڙي سوڪ ٿيندڙ مانين کي چلهہ جي پويان رکندي پئي وجي. مهمان بنجي آيل خواهش سوپ جي. پٽ لاءِ ور ور ڏيو پئي دعائون جهونگاري؛

"مولا منهنجي من جي
ڏور اينگهائي ڇڏ
پتنگ ناهہ اڏاڻو،

اڏاڻو منهنجو من،
ڏور اينگهائي ڇڏ
مولا منهنجي من جي.”

ڪاتا جي تصور ڪان بي پرواهه ڇوڪرو ڏاڳو ڍاري چڪو آهي، پر خواهش ڪيس ڪٽيو پئي هلائي اپ ۾. ڇڻ تہ اجهو ڪين اجهو هوُ پاڻ اڏامندو ۽ سامهو واري لغڙ ڪان گوءِ ڪٽي وجي ڪڪرن سان ملي وري موٽي ايندو پنهنجي گهر. پر وقت هن جي هٿن مان ڍرڪندڙ ڏاڳي ڪان گهڻو تڻو اڳي نڪري چڪو آهي. ڏاڳي جو پڇڙ قابو آهي گليءَ ۾ ۽ هُو ڇڻ تہ تار تار ترندو وجي خلائن ۾.
ڪُڏ جي ڇيڙي تي وجو موٽيو اچي. ڪيس ڪل ئي ناهي تہ هُو ڪُڏ تي آهي يا خلائن ۾. هُو پاڻ ڪي وساري وينو آهي.
هوُءَ ويني آهي چلهہ جي پرسان آس رکيو. هن جون اکيون آهن لغڙ ۾. دل شڪست مڃڻ لاءِ تيار ناهي. سامهون واري لغڙ سان هي پر ونيو بينو آهي، پر خواهش آهي تہ هي لغڙ ان ڪان وٽي ونې تہ دل ۾ جشن ٿين.
هن چلهہ مان اڏامندڙ ڇٽنگ ڏانهن نهاري ، ماني اٿلائي متي نهاريو تہ هيءَ خوشيءَ مان اتي پئي. لغڙ وجي پيو اڏامندو اڳتي اجا اڳتي. پر لمحي ڪان پوءِ هن گهر جي هُن پار ڏنو تہ سندس اميدن جو لغڙ ڪاتا تي ڪريو آهي. زخمي پٽ کي ڪٽي اچي هن ڪٽ تي سمهاريو. هن ڏنو تہ تئي تي سڙندڙ ماني‌ءَ سميت ڪا بہ ماني ڪائڻ جهڙي نہ هئي.

# بئڪ ٽائيٽل

لفظ رنگ هوندا آهن جنهن جي ثابتي جان جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. اهو چوڻ ته جان خاصخيليءَ جي ڪهاڻين ۾ شاعري آهي يا سندس شاعري ۾ ڪهاڻيون آهن، هاڻي هر ڪو ڄاڻي ٿو. پر جان ڪي لفظن منجهه لڪل رنگن جي ڄاڻ آهي. هوُ مصور ناهي، پر ڪيس سندس ڪهاڻين ڪي پئنٽ ڪرڻ اچي ٿو. هوُ سنگتراش نه آهي، پر ڪيس زندگيءَ هٿان لڳل پٿرن منجهان بُت ناهڻ اچن ٿا، پر سندس ٺاهيل بت توهان ڪي پوڄا ڪرڻ لاءِ مجبور نٿا ڪن. سندس تصويرون ڏسو، بُت پرکيو ۽ انهن جي آڇيل سوالن جي آرسيءَ منجهه پاڻ ڏسو، ڇرڪي پوندئو.

## حسن منصور

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book